

دهلي ٽو سوئيزرلينڊ
وايا
تاج محل
[سفرنامو]
عبدالحئي پليجو
مومل پبليڪيشن - پنون

# دهلي ٽو سوئزرلينڊ
# وايا تاج محل

[سفرنامو]

## عبدالحئي پليجو

ڇپائيندڙ
**مومل پبليڪيشن – ڀنون**

ڊجيٽل ايڊيشن
2021ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

**حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ:**

| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | **دهلي ٽو سوئزرلينڊ وايا تاج محل** |
| ليکڪ: | **عبدالحئي پليجو** |
| ڇاپو پهريون: | جنوري 2021ع |
| ٽائيٽل ڊزائن: | مور ساگر |
| ڪمپوزنگ: | نعمان جوڻيجو ۽ اشرف سولنگي |
| ڇپائيندڙ: | مومل پبليڪيشن - ڀنون |
| ڇپيندڙ: | ساحل پرنٽر اينڊ پبليشر حيدرآباد 03332634650 |
| قيمت: | -/300 روپيا |

ڊجيٽل ايڊيشن: سنڌ سلامت 2020ع

www.sindhsalamat.com

# ارپنا

آئون هي پنهنجو سفرنامو
سنڌي ٻوليءَ جي ماهر ۽ انتهائي
قابلِ احترام شخصيت
**سائين جي .اي الانا صاحب**
کي ارپيان ٿو.

- عبدالحئي پليجو

# سنڌ سلامت پاران:

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **"دهلي تو سوئيزرلينڊ وايا تاج محل"** اوهان اڳيان حاضر آهي. هي ڪتاب ناميارِي اديب ۽ سفرناما نگار **عبدالحئي پليجو** جو هندستان ۽ سوئيزرلينڊ جو سفرنامو آهي.

هندوستان ۾ 2004ع ۾ ٽينڊڙ ڪانفرنس ۾ شرڪت جو هيءُ سفر پنهنجي گهرواري مومل ۽ نياٽي ڊاڪٽر پارس سان گڏ ڪيو جنهن ۾ ساڻن گڏ ٻيا اديب پڻ هئا. انٽر نيشنل سينٽر دهليءَ ۾ هي ڪانفرنس منعقد ٿي جا ٽي ڏينهن هلي، چيتي چند جي ميلي ۾ پڻ شرڪت ڪيائون، خواجه نظام الدين اولياءِ جي درگاهه، غالب جي مزار، لال قلعو، آگري ۾ تاج محل، مٿرا جو مندر، آرڪيالاجيڪل ميوزم، رنگ جي مندر، فتح پور سڪريءَ ۾ نهيل اڪبر بادشاهه جون تاريخي جڳهيون، درويش شيخ سليم چشتيءَ جي درگاهه، راڻي جوڌاٻائيءَ جي محلات ۽ دهليءَ ۾ جامع مسجد، اندرا گانڌي ميموريل، قطب مينار، وائسراءِ هائوس ۽ ٻيا هنڌ گهميا جن ۾ وائسراءِ هائوس ۽ تاج محل جو تفصيلي احوال ته خاص وٽندڙ آهي. هن ڪتاب جو ٻيو ڀاڱو يورپ جي سفر تي آڌاريل آهي جنهن ۾ جرمنيءَ جي موٽروي وسيلي سوئزرلينڊ وڃڻ جو احوال آهي.

هي ڪتاب مومل پبليڪيشن ٻنون پاران جنوري 2021ع ۾ ساحل پرنٽرز ۽ پبلشرز حيدرآباد وٽان ڇپايو ويو آهي. مهرباني مور ساگر جي جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي ۽ ٿورائتا آهيون عبدالحئي پليجو جا جنهن ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ اپلوڊ ڪرڻ جي اجازت ڏني.

محمد سليمان وساڻ
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# سُکُ نہ ستا ڪڏهين

**ڪَرڪڻا لاهي، سُک نہ ستا ڪڏهين،**
**اوسيئڙو آهي، ڪاهوڙين کي پنڌ جو.**
(سر ڪاهوڙي، 1 ـ 25)

سفر ڪرڻ ۽ مستقل ۽ مسلسل سير ۽ سفر ڪري پنهنجي ذاتي مشاهدي ۽ بياني قوت سان علمي ۽ ادبي انداز ۾ پڙهندڙن سان پنهنجي تحريرن کي ڪتابي صورت ۾ ونڊ ڪرڻ سان ”سفرنامو“ تيار ٿيئي ٿو. سفرنامن مان پڙهندڙن کي سفرنامانگار جي مطالعي ۽ مشاهدي جي روشنيءَ ۾ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ جي شهرن، هنڌن، ماڻهن ۽ ملڪن جي معلومات مهيا ٿئي ٿي.

هيءَ دنيا رنگ برنگ نظّارن، عجائبن، ايجادن ۽ مختلف معلوماتن جي احوال سان ڀريل آهي. جنهن کي ڏسڻ سان وڏي عبرت ڀري ڄاڻ ملي ٿي ۽ اها ڄاڻ تحقيق سفرنامي جي وسيلي ئي عام پڙهندڙن تائين پهچي ٿي. هڪ لحاظ کان سفرنامي جي موضوع تي لکيل مضمون/مقالو/ڪتاب دنيا جي مختلف ماڻهن ۽ ملڪن جي جاگرافيائي، تاريخي، موسمياتي، معاشي، صنعتي، تجارتي، زراعتي، علمي، ادبي ۽ سماجي حالتن جي خبر ڏئي ٿو.

علمي ۽ ادبي طور سفرنامي جي اهميت کان انڪار بلڪل نٿو ڪري سگهجي. سنڌي ٻولي ۽ ادب ۾ ڪيترائي سفرناما لکيل آهن ۽ ڪهڙن ملڪن بابت آهن اهو ذڪر مون پنهنجي ڪتابن ۽ مضمونن ۾ اڳ ۾ ڪيو آهي، پر ڏسڻو اهو آهي تہ ڪامياب سفرناما ڪهڙا آهن؟ ۽ اسان جي پڙهندڙن جي دلچسپي ڇا ۾ آهي ۽ انهن سفرنامن جو ادبي معيار ڪهڙو آهي؟.

”سفر يورپ جي ڊائري“ قاضي عبدالمجيد جي خطن واري 1960ع جي سفرنامي کان 2020ع تائين سوين سفرناما لکيا ويا آهن. هر سفرنامي جو رنگ الڳ الڳ آهي. ڪريم ڏنو راڄپر، ڊاڪٽر سليمان شيخ، ڊاڪٽر فهميده حسين، وينا شرنگي، ڪلا پرڪاش، تنوير عباسي، الطاف شيخ، عبدالحئي پليجو ۽ ٻين ڪيترن جا سفرناما پڙهيا اٿم پر جيڪو پڙهڻ جو لطف تنوير عباسي، الطاف شيخ ۽ ادا عبدالحئي پليجو جي ڪتابن پڙهڻ ۾ آيو آهي، ايترو ٻين سفرنامن مان نہ آيو آهي. انهيءَ جو مون جڏهن تجزيو ڪيو تڏهن اها حقيقت آشڪار ٿيم تہ هنن ٽنهي سفرناما نگارن جا سفرناما مهذب ۽ ادبي ٻولي ۽ وسيع معلومات سان گڏ دنيا جي وڏي حصي بابت آهن. جن مان آئون سمجهان ٿي تہ سڄي دنيا جي نہ تہ بہ اڌوءَ دنيا جي ملڪن جي خبرچار ملي ٿي.

هتي جڏهن محترم ڀاءُ عبدالحئي پليجو جي هن ادبي فن جي اپٽار ڪنديس تڏهن لامحالا اهو ضرور چونديس تہ، سندس خيالن، علميت ۽ مشاهدي جو ڀرپور بياني احوال پڙهندڙن کي انهن ملڪن ڏي هلڻ لاءِ اُتساهي ٿو.

عبدالحئي پليجو صاحب جا سفرناما تہ آئون ڪجھ عرصي کان پڙهندي اچان ۽ خاص طور مور ساگر جي ساحل پرنٽرز جي دوڪان تي ٿيل ساڻن پهرين ملاقات کان پوءِ پاڻ چند ڪتاب مون کي پوسٽ ذريعي پڻ موڪليائين تقريباً سندن سڀ سفرناما مون پڙهيا آهن جن مان ”هو جي وڻ ولات جا“، ”ڏوريم ڏيسارو“، ”ڪجل ڀنل نيڻ“، ”اتر لڳا آءُ پرين“، ”ديس بديس“، ”بندر مون ڏور ٿيا“، ”ٽوئر ٽو آمريڪا“، ”ٻنون ٽو ٽوڪيو“، ”پريان سندي پار ڏي“، ”ڳر لڳي ڳالهيون ڪريون“، ”ڪنواريون ۽ ڪنول“، ”لنڊن جا ڏينهن اسڪاٽ ليند جون راتيون“، ”عالمي عجائبات“ ۽ ٻيا آهن.

سڀ ڪتاب معلومات سان ٽمٽار، سمورا جا سمورا دلچسپ ۽ اڪثر ۾

تاريخ جي اوٽ ۾ ڊنل هنڌن جي جاڻ پڙهندڙن جي ذهني ۽ علمي سگه وڌائڻ ۾ معاون آهن.. سفرنامن کان سواءِ پڻ سندن آتم ڪهاڻيون (3 جلد) ۽ مضمون پڻ دلچسپ پيرايي ۾ لکيل آهن. پڙهيل ڳڙهيل، وڪيل ۽ پوءِ سرڪاري نوڪري ڪري زميناداري سنڀاليندڙ ادا حئي پليجو پنهنجي سفر جو شغل سالن کان جاري رکيو آهي. سندس لاءِ سفر فقط وندر ورنهن ۽ خريداري ڪونهي پر تحقيق اهو سفر مطالعو آهي. فطرت جو ماڻهن جو ملڪن جو ماڳن جو مڪانن جو هُو هڪ اهڙو سياح آهي جو اڪيلو نٿو هجي پر ساڻس اڪثر سندن گهرواري ادي مومل يا ٻار پڻ هجن ٿا. انهيءَ ذمہ داريءَ واري گهمڻ ڦرڻ ۾ بہ سندن نظر کان ڪابہ شيءِ اوجهل نٿي ٿيئي. آئون سمجهان ٿي تہ يقيناً پاڻ سفر دوران ڪي نڪتا نوٽ پڻ ڪندو هوندو جنهن جي ڪري ايترا سٺا سفري احوال پنهنجي پڙهندڙن سان ونڊ ڪري ٿو. سندس حافظو پڻ مظبوط آهي. شخصي طور پليجو صاحب نرم دل، قربائتو ۽ پنهنجي ڪم سان ڪميٽيڊ هئڻ وارو ۽ سيني ڪي ڪم ايندڙ آهي.

منهنجي ادي مومل سان پڻ ملاقاتون ٿيل آهن، هڪ دفعو جڏهن ادا پليجو جي ڪتاب جو مهورت ممتاز مرزا آڊيٽوريم ۾ ٿيو جتي ادي مومل اسٽيج تي مهورتي تقريب ۾ ويٺل هئي پروگرام جي آخر ۾ ساڻن مليس ۽ هڪ دفعو ساحل پرنٽر تي ادا سان ملاقات ٿي تڏهن مون کي ٻڌايائين تہ ”مومل گاڏيءَ ۾ ويٺي آهي توهان ادي ملي وٺو“. آئون دوڪان تان نڪري اديءَ سان گاڏيءَ ۾ مليس مون کي احساس ٿيو تہ ادا پليجو جي هيترن سارن سفرنامن لکڻ ۾ سندن گهرواريءَ جو مڪمل ساٿ آهي نہ فقط سفر ڪرڻ ۾ پر سفرنامي جي وجود ۾ اچڻ تائين هوءَ ساڻن هرپل مڪمل طور نڀائي ٿي. ادي مومل کي جَسُ هجي جو ايتري گرميءَ ۾ ڪافي دير ٻاهر گاڏيءَ ۾ پليجو صاحب جو انتظار ڪيائين تہ جيستائين مور ساگر کي پروف سمجهائي اچي. هتي اهو قول بلڪل سچ ثابت ٿيئي پيو تہ ”ڪنهن ڪامياب مرد جي پويان هڪ عورت جو

هٿ ضرور هجي ٿو“. هُو پنهنجي هن ڪاهوڙي وَرَ جي سفر ڪي سڦلتا عطا ڪندڙ رهي آهي ۽ پليجو صاحب اهو ڪاهوڙي آهي جنهن ڪي هردم نئين سفر جو اوسيئڙو آهي، هُو سڪ واري پرڪيف سفر ۾ پڻ جَستجوءَ سان سرگردان آهي، سندس مقصد ڏئل شين ڪي جيئن جو تيئن پيش ڪرڻ ناهي پر هو جتي جتي بہ ويو اُتي اُتي جي تهذيب، تمدن، ثقافت، ملڪن جون رسمون، رواج، نياءُ، انياءُ، غريبي اميريءَ جا تفات ۽ ٻيون حقيقتون هُن وڏي حوصلي سان بيان ڪيون آهن. عجوبا، اسرار، دلڪش نظارا، خوبصورت خوشبودار چشما، صاف ۽ شفاف سهڻن باغيچن جا منظر جن ڪي ڏسي فطرت جون حُسناڪيون سرور ۽ ڪيف بخشين، عام فهم پر ادبي لفظن ۽ جملن جي اُٽت سان پيش ڪري منظرن ۾ اهڙا رنگ ڀري ٿو جو پڙهندڙ قاري سندس هم سفر آهي.

هن وقت منهنجي هٿن ۾ سندن ڪتاب ”دهلي ٿو سوئزرلينڊ وايا تاج محل“ جو مسودو موجود آهي. مون سڄو مسودو پڙهيو ۽ پروڙيو اها خبر پيم تہ هن کان اڳ پڻ پليجو صاحب جن هندوستان تي دفعا وڃي چُڪا آهن ۽ جنهن جي بابت هڪ سفرنامو ”ديس بديس“ مون پڙهيو آهي جو مون کي انهيءَ وقت بہ ڪافي پسند آيو ۽ اڄ بہ سندن سفرنامن ۾ پسند ايندڙ سفرنامو اٿم. هاڻي هيءُ دهليءَ جي سفر کان شروع ٿيل سفر جو احوال جنهن جي پڇاڙي سوئزر لينڊ تي ٿيئي ٿي هڪ خالص معلوماتي سفرنامو شمار ٿيئي ٿو.

هندوستان ۾ 2004ع ۾ ٿيندڙ ڪانفرنس ۾ شرڪت جو هيءُ سفر هڪ پنهنجي گهرواري مومل ۽ نياڻي ڊاڪٽر پارس سان گڏ ڪيو جنهن ۾ ساڻن گڏ ٻيا اديب پڻ هئا. انٽر نيشنل سينٽر دهليءَ ۾ هي ڪانفرنس منعقد ٿي جا ٽي ڏينهن هلي جنهن ۾ ڪين سٺين هوٽلن ۾ رهايو ويو تہ چيٽي چند جي ميلي ۾ پڻ شرڪت ڪيائون. راڳ رنگ جي محفل ۽ بعد ۾ سنڌي اديبن سان فوٽو سيشن ٿيا. اهڙيءَ ريت ٽيئن ڏينهن تي ڪانفرنس ختم ٿي، ان کان پوءِ سندن وقت پنهنجو هو جنهن ۾ خواجہ نظام الدين اولياء جي درگاهہ غالب جو مزار، لال قلعو،

آگري ۾ تاج محل، متڙا جو مندر، آرڪيالاجيڪل ميوزم، رنگ جي مندر، فتح پور سڪريءَ ۾ ٺهيل اڪبر بادشاھ جون تاريخي جڳهيون، درويش شيخ سليم چشتيءَ جي درگاھ، راڻي جوڌاٻائيءَ جي محلات ۽ دهليءَ ۾ جامع مسجد (شاھ جهان جي جوڙايل) اندرا گانڌي ميموريل، قطب مينار، وائسراءِ هائوس ۽ ٻيا هنڌ گهميا جن ۾ وائسراءِ هائوس ۽ تاج محل جو تفصيلي احوال تہ خاص وڻندڙ آهي. تاج محل لاءِ ليکڪ لکي ٿو تہ،

”تاج محل مڪمل طور سفيد سنگِ مر مر جو ٺهيل آهي، تنهن ڪري چوڏهين رات جو سُهائي دوران سندس تجلو ۽ جرڪو عجيب نوراني ڪيفيت برپا ڪريو ڇڏي، ڪوهيڙي واري صبح دوسران جمانديءَ جي مخالف ڪناري وٽان اهو فضا ۾ ترندو محسوس ٿيندو آهي. هن محل کي پنهنجي تعميراتي سونهن سبب اجان تائين ڪا شه ڪانہ آئي آهي ۽ پنهنجي حسن و ڪمال ۾ اج بہ يڪتا آهي“.

دنيا جي هن انين عجوبي کي ڏسڻ ۽ سڄو آگرو، دهلي ۽ ٻيا هنڌ گهمڻ بعد پليجو صاحب جن واپس ريل رستي لاهور پهتا جتي هنن لاهور جي بادشاهي مسجد، شاهي قلعو، شاليمار باغ، نورجهان جو مقبرو ۽ ٻيا هنڌ گهميا اهڙيءَ ريت واگها بارڊر کان دهلي وڃڻ، واپس لاهور پهچڻ تي دهليءَ جي هن سفر جو اختتام ٿيئي ٿو.

هن ڪتاب جو ٻيو ڀاڱو يورپ جي سفر تي آڌاريل آهي جنهن ۾ جرمنيءَ جي موٽروي وسيلي سوئزرلينڊ  وڃڻ جو احوال آهي. سوئيزرلينڊ جو دنيا جي مهانگن ملڪن مان آهي. سوئيزرلينڊ جا زيورڪ شهر، لوسرن، انٽرليڪن شهر ۽ ٻيا هنڌ پليجو صاحب پنهنجي گهرواري ۽ فرزند نور محمد سان گڏ گهميا. هن سفرنامي جي آخر ۾ يورپ جي مشهور اديبن ۽ شاعرن جو ذڪر شانائتو ڏنل آهي.

دهلي ٽو سوئيزر لينڊ وايا تاج محل مختصر پر معلوماتي سفرنامو آهي

جو سنڌي سفرنامن جي تاريخ ۾ جوڳي جاءِ والاريندو. محترم ادا عبدالحئي پليجو کي هن نئين ڪتاب آڻڻ تي مبارڪباد ٿي ڏيان. شال پاڻ سنيءَ صحت سان سفر جا آزموده ڪندا رهن ۽ سنڌي ادب کي نوان نوان سفرناما ڏيئي مالا مال ڪن.

**ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ**

23_12_2020

A_03، ڏيپلائي ٽائون، حيدرآباد.

# دهليءَ جو درشن

ڪنهن زماني ۾ منهنجا سفرناما ان وڏي تعداد ۾ سوجهري رسالي ۾ ڇپجڻ لڳا ۽ اُنهن کي تمام گهڻو ريسپانس مِليو. انهيءَ ڪري رسالي جي ايڊيٽر تاج بلوچ سان سندس آفيس يا منهنجي گهر ڪراچيءَ ۾ اچڻ وڃڻ هوندو هو ۽ سوجهرو واقعي هڪ سنڌي ادبي رسالي طور سڄي سنڌ ۾ ڏاڍي ميجتا ماڻي چُڪو هو بند ٿيڻ تائين. پڙهندڙن جو هڪ وڏو حلقو سڄي سنڌ ۾ پيدا ڪري چُڪو هو. پر پوءِ خبر ناهي ڇو هِن رسالي کي بند ڪيو ويو؟ جيتوڻيڪ هن جي شهرت ۾ آخر تائين ڪا به گهٽتائي ڪانه آئي هئي، هينئر به سنڌي اخبارون ۽ ڪِتاب وڏي تعداد ۾ سنڌ ۾ شايع ٿي رهيا آهن، پر سنڌيءَ ۾ مهراڻ رسالي کانسواءِ ڪو به معياري رسالو شايع ڪونه ٿو ٿئي. الائي ڇو سنڌي رسالا گهڻي دير ڪو نه هلندا آهن. جنهن جو بيو مثال ”سهڻي“ رسالو ۽ ”روح رهاڻ“ رسالو هئا، جن جو اسان جي شاگرديءَ واري دؤر ۾ ڪاليج ۽ يونيورسٽين ۾ پهچڻ جو ئي انتظار هوندو هو. جيئن ڪنهن سُٺي فلم جي اچڻ جو انتظار هُجي سٺ ستر جي ڏهاڪن ۾ سهڻي ۽ روح رهاڻ رسالن سنڌ جي قومي تحريڪ ۾ پاڻ ملهايو ۽ تيستائين هلندا رهيا جيستائين وڃي رسالا حڪومت جي بندش ڪري بند ٿيا ۽ ائين سهڻيءَ جو ايڊيٽر وڃي جيل پيڙو ٿيو. جِت هو ڪيترائي سال بي دريافتو جيل ۾ رهيو ۽ هِن جيل اندر به ڪئين ڪِتاب لِکيا، جيڪي پوءِ هِن جيل مان آزاد ٿيڻ شرط ڇپرايا ۽ اُهي ڪِتاب به ڏاڍا مقبول ٿيا.

هڪ ڏينهن تاج بلوچ فون ڪيو ته هندستان ۾ ڪا ادبي ڪانفرنس ٿي رهي آهي، جي توهان انڊيا هلو ته سڀاڻي شام منهنجي آفيس اچو ته ويزا فارم ڀري اسان اسلام آباد جي هندستان جي سفارت خاني موڪليون. ويزا لاءِ اسان وَٽ هندستان ۽ دهليءَ جو ليٽر آهي. اُن جي بُنياد تي اسان کي ويزا يقيني ملي ويندي.

مون مِنا سان ذڪر ڪيو مِنا چيو تہ پلي، پر اڳوڻن ٽوئرن ۾ پاڻ سان هڪ پيري نور محمد ٻي پيري فرخ هو. هاڻ ڊاڪٽر پارس ڪي وٺي هلبو.

مون پنهنجي پراڻي يار غلام حسين رنگريز سان بہ انهيءَ پروگرام بابت ذڪر ڪيو تہ تون اسان سان گڏ هل. پاڻ چئين تہ آئون سُپاڻي توهان ڪي ٻُڌائيندس. صبح مون وري ڪيس فون ڪيو تہ پاڻ اسان سان ها ڪئي. اسان ٻي ڏيهاڙي آءِ آءِ چندريگر روڊ تي ٿورو اندر گهٽيءَ ۾ سوجهري جي آفيس وياسين تہ تاج بلوچ اسان جي انتظار ۾ ويٺو هو. پاڻ ڪانفرنس بابت سربستو احوال ٻُڌايو. انهيءَ وقت هندستان جي هِڪ اديب لڇمڻ ڪومل جي آتم ڪٿا جو ڪتاب سوجهري رسالي ۾ قسطن ۾ شايع ٿيندو هو ۽ هندستان ۾ سنڌي اڪيڊمي طرفان هن فنڪشن ڪي لڇمڻ ڪومل ئي آرگنائيز ڪري رهيو هو. تنهن ڪري پاڪستان لاءِ هِن سڄو ڪم تاج بلوچ حوالي ڪيو هو ۽ پاڪستان مان ويندڙ هِن وفد جو سربراهہ بہ پهريائين تاج بلوچ هو. پر پوءِ هنن تاج بلوچ جي جڳهہ تي هِڪ ٻي اديب ۽ رٽائرڊ ڪاموري قمر شهباز ڪي وفد جو اڳواڻ مقرر ڪيو. تاج بلوچ اسان ڪي چار ويزا فارم ڏِنا جيڪي ٻي ڏينهن اسان فِي جي پيسن سميت سندس حوالي ڪيا. پر ڪافي وقت گُذري ويو ڪابہ اُن باري ۾ چُرپُر نظر نہ آئي ۽ تاج بلوچ تہ ڄڻ انهيءَ سڄي پروگرام کان لاتعلق ٿي ويو. ڪافي ڏينهن کانپوءِ مون ڪي قمر شهباز فون ڪري چيو تہ توهان جا پاسپورٽ ويزا لڳي اچي ويا آهن. هي پروگرام 20 کان 27 مارچ 2004ع ۾ دهليءَ ۾ آهي، توهان پنهنجي مرضيءَ سان پلي هوائي جهاز يا ريل ۾ اچو. پاڻ هاڻ دهليءَ ۾ مِلنداسين.

اسان ويزا مِلڻ بعد هندستان وڃڻ جي تياري ۾ لڳي وياسين. اسانجي گروپ جي هِڪ دوست غلام حسين رنگريز اسان سان هندستان هلڻ جي معزرت ڪئي، باقي آئون مِنا ۽ منهنجي ڌيءَ ڊاڪٽر پارس ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيڻ جي تياري ۾ لڳي وياسين. هِن کان اڳ آئون بہ دفعا هندستان ويس

ٻ ڀيرا ٻئي دفعا آئون ٻاءِ ايئر ويس. سو هينئر اسان پروگرام ٺاهيو ته ٻاءِ ٽرين واگها بارڊر کان ٽيندا دهليءَ وڃون. پر جڏهن پاڪستاني پنجاب ۽ هندستاني پنجاب اسان ٽرين هلندي ڏٺو ته اسان کي سواءِ هڪ تفاوت جي ٻيو سڄو هڪجهڙو نظر آيو. اُهي ئي هڪ جهڙا گهر، هڪ جهڙا ماڻهو هڪ جهڙا فصل ۽ هڪ جهڙيون زمينون، هڪ جهڙا شهر ۽ ڳوٺ هڪ جهڙا روڊ رستا، هِڪ جهڙيون هوائون ۽ وڻ وٽڪار، هِڪ جهڙا جانور ۽ پکي پکيئڙا، هڪ جهڙا کاڌا ۽ مشروب، هڪ جهڙيون سائيڪلون، موٽر سائيڪلون، ڪارون، بسون، ٽرڪون، هڪ جهڙا ماڻهن جا مزاج ۽ هڪ جهڙو آسمان اُن ۾ تارا چنڊ ۽ سج، هِڪ جهڙيون برسات جون ڦُوندون، هِڪ جهڙا گاهه ۽ ٻيچرا، هِڪ جهڙاوڻن گُلن ۾ ميوا ۽ گُل ۽ اُنهن جي خوشبو ۽ لذتون هڪجهڙيون هوائون ۽ واچوڙا، هڪ جهڙا ٻئراج ۽ شاخون، واٽر ڪورس ٻيو ته ٺهيو پر پليٽ فارم تي اُڏامندڙ مکيون ۽ جيت به هڪ جهڙا هئا. تفاوَت هو ته صرف پاڪستان جي پنجاب جي شهرن ۽ ڳوٺن ۾ مسجدون هيون ۽ هندستان جي پنجاب ۾ شهرن ۽ ڳوٺن ۾ گرد وارا هئا. ٻيو مڙوئي ٽيو خير ۽ هندستاني پنجاب ۾ گرد وارن کي محفوظ ۽ پناهه ڏيڻ لاءِ پنجاب کي به ٽڪرا ڪيو ويو. هِن ڪانفرنس ۾ شرڪت لاءِ جيڪا 30۔29۔28 مارچ 2004ع ۾ ٿيڻي هئي، اُن ۾ شرڪت لاءِ هندستان مان جن اديبن کي دعوت مِليل هئي اُنهن جا نالا هئا.

1۔ آءِ. ايس. اسراڻي (سابق چيف جسٽس هاءِ ڪورٽ)
2۔ ڊاڪٽر موتي لال جوتواڻي.
3۔ ڊاڪٽر جيٺلي
4۔ وينا شرنگي
5۔ شالني ساگر
6۔ روي ٽيڪچنداڻي
7۔ رام پنجواڻي

8۔ ايم. ڊي ڀاوناڻي

9۔ آنند کيماڻي.

10۔ گهنشام هوتملاڻي

11۔ هيرو ٺڪر

12۔ ڊاڪٽر گهنشام پرڪاش

13۔ اسلم پيرزادو. هي هندستان ۾ رهندڙ سنڌي مسلمان هو.

14۔ ڪرشن راهي

15۔ مايا راهي

16۔ هري موٽواڻي

17۔ ٺاڪر چاوَلا

18۔ لعل پشپ

19۔ مدن جماڻي

20۔ اي. جي اُتم

21۔ کيمن مولاڻي

22۔ ٽيڪم آفتاب

23۔ جهامو ڇڳاڻي

24۔ لتا تهلياڻي

25۔ اندرا واسواڻي

26۔ موتي پرڪاش

27۔ ڪلا پرڪاش

28۔ ستيش روهڙا

29۔ ومي سدا رنگاڻي

30۔ هري دلگير

31۔ هيرو شيوڪاڻي

32_ اندرا شهدادپوري (هاٽي پوني والي)
33_ ريتا شاهاڻي
34_ سندر اگناڻي
35_ لڇمڻ پمباڻي
36_ ڪملا گوڪلاڻي
37_ تيلو ميگهه
38_ گوبند خوشحالاڻي
39_ ارجن حاسد
40_ لڇمڻ ڪومل.

سنڌ ۾ هنن اديبن سان گڏ ڪِن فنڪارن ۽ صحافين کي دعوتون ڏِنيون ويون هُيون.

1_ ڊاڪٽر غلام علي الانا
2_ شمشير حيدري
3_ بشير مورياڻي
4_ حميد سنڌي
5_ قمر شهباز
6_ آغا سليم
7_ نوردين سرڪي
8_ غلام حسين رنگريز
9_ تاج بلوچ
10_ هدايت بلوچ
11_ شوڪت شورو
12_ حميد ڀٽو
13_ مومل پليجو

14۔ پارس پليجو

15۔ پروين جبين

16۔ شمع نورالدين

17۔ عطيہ دائود

18۔ شمع خيبر

آئون، موملءِ پارس شالامار ٽرين ۾ ٿي A.C جون ٽڪيٽون وٺي صبح 9 بجي لاهور لاءِ روانا ٿي وياسين. سنڌ جي نهايت قيمتي ءِ سرسبز زمينن مان هلندي هلندي اڳتي وڃي رهيا آهيون. اسان ٻنپهرن جو گهران تيار ڪري آندل پَلي جو پُلاءُ ءِ سيئل آنين جي ڊش ساڻ مانجهاندو ڪيو. ماني ڪائي مون ٿورو آرام ڪيو. باقي مِنا ءِ ڊاڪٽر پارس ڪچهري ڪنديون هليون.

جنهن ريل گاڏيءَ ۾ اسان اڄ سفر ڪري رهيا آهيون. اُن جي نظام جي شروعات سورهين صديءَ عيسوي ۾ انگلينڊ ۾ ٿي. پهرين ننڍي ريل يا ترام ڪوئلي يا پٿر کي کاڻين مان ڪڍي ڪٽي اچڻ لاءِ ٺاهي وئي. پهرين ريل جون پٽڙيون ڪاٺ جون هونديون هيون، ريل گاڏيءَ کي جانور ڇڪي هلندا هئا. هِن ننڍي پئماني تي ريل نظام ڪري مال وڏي تعداد ۾ کاڻين مان نِڪرڻ لڳو. ڪافي ورهيہ پوءِ اُن ريل جي پٽڙين کي لوهہ سان تيار ڪيو ويو.

1767ع ۾ پهريون ڀيرو هِڪ برطانوي فرم ڪاسٽ آئرن سان ريل تيار ڪئي ءِ پوءِ 1811ع ۾ لوهي ڦيٿن سان ريل گاڏي هلڻ لڳي. هي جديد ريلوي نظام اوڻهين صديءَ جي ابتدا ۾ انگلينڊ ۾ تيار ٿيو. ريل جي موجوده جديد نظام جو سهرو جارج اسٽيفن نالي ماڻهوءَ ڏانهن وڃي ٿو. سندس پهرين ٺاهيل ريل ٻارهن ميل في ڪلاڪ اسپيڊ سان هلڻ شروع ڪيو پر انهيءَ ۾ مسافرن لاءِ ڏٻا پنج سال پوءِ هِن ئي لڳائي ريل کي ماڻهن جي استعمال ۾ آندو ءِ هن ئي ريل جي اسپيڊ هڪ ڪلاڪ ۾ ٽيهن ميلن تي آندي. هِن ريل جي پٽڙي جو باقاعده افتتاح 15 سيپٽمبر 1830ع ۾ ڪيو ويو ءِ اُنَ ريل ۾ ڇهہ سئو مسافر هئا جن

ڪان پاڙو ڪونہ ورتو ويو. جڏهن تہ اُهي مهمان هئا. پوءِ جيئن ريل جو نظام وڏي پئماني تي شروع ٿيو تہ جبلن اندر رستا ٺاهي ۽ جبل هموار ڪري مفاصلن کي گهٽايو ويو. تہ ماڻهن جو هڪ جڳهہ کان ٻي جڳهہ ڏانهن اچڻ وڃڻ آسان ٿي پيو اها خبر جڏهن يورپ جي ٻين مُلڪن ۽ آمريڪا تائين پهتي تہ اُنهن بہ پنهنجي ملڪن ۾ ريل جو نظام شروع ڪيو.

رضا علي عابدي B.B.C واري پنهنجي ريل ڪهاڻيءَ ۾ لِکيو آهي تہ انگلينڊ کانپوءِ ريل فرانس. آمريڪا، جرمني، روس، اٽلي، اسپين ۽ ميڪسيڪو ۾ شروع ٿي ۽ انگريز جي دؤر ۾ گڏيل هندستان ۾ پهريائين ريل گاڏي 16 اپريل 1853ع تي هلي. جيڪا بمبئي کان ٿاڻي تائين هلائي وئي. ٿي لڳي پنجويهہ منٽن تي جڏهن ريل هلي تہ منجهس چار سئو مسافر هئا. گاڏي هلڻ مهل گاڏيءَ کي 21 توپن جي سلامي ڏِني وئي. ريل ۾ چوڏهن گاڏا ۽ ٽي انجيڻيون هيون. هرهِڪ انجڻ جو نالو سنڌ، سلطان ۽ صاحب هو. اُن ڏينهن بمبئي ۾ عام موڪل جو اعلان ڪيو ويو هو.

سنڌ ۾ انگريزن 1858ع ۾ ريل گاڏي جي پٽڙي وڇائڻ شروع ڪئي. جڏهن پٽڙي ۽ ريل تيار ٿي تہ گاڏا اجان ڪونہ ٺهيا هئا، ۽ سنڌ جو ڪمشنر فريئر بدلي ٿي وڃي رهيو هو. تنهن ڪري ريل سان ڪاٺ جو هڪ کُليل ڏبو ٺاهي ڪمشنر کي اُن ۾ ويهاري ريل جو افتتاح ڪيو ويو. هن منظر کي ڏِسڻ لاءِ ستر هزار ماڻهو گڏ ٿي ويا ۽ عام ماڻهن جو خيال هو تہ هِن کي شيطان هلائي رهيو آهي. جڏهن پهرين سنڌ ۾ ريل هلڻ شروع ڪيو تہ ڳاڙن ۾ ويهڻ جون ڪونہ هونديون هيون ماڻهو بسترا کڻي ايندا هئا. اُنهن تي ويهندا ۽ سمهندا هئا ۽ سنڌ ۾ هِن ريل جو نالو هو سنڌ ريلويز.

اسان جي هِن سفر ۾ نور محمد مُنهنجي پُٽ جو هڪ دوست جنهن جو نالو هو "عناد" بہ گڏ هو. سڄو وقت لاهور ۾ ڪيڏي ويندڙ ون ڊي ڪرڪيٽ مئچ ڏسي رهيو هو ۽ پاڻ ساهيوال ۾ اسان کان موڪلائي ريل مان لهي هليو ويو. ريل

۾ ٻيا سنڌي به وڏي تعداد ۾ چڙهيل هئا. جيڪي گرونانڪ جي درگاهه سان گڏ ٻي ڪنهن درگاهه جي زيارت لاءِ وڃي رهيا هئا اسان سنڌ ڇڏي پنجاب جي سر زمين تي سفر ڪري رهيا هئاسين، سنڌ ۾ واهن ٻئراجن ۾ پاڻي گهٽ ڏسڻ ۾ آيو پر جيئن پنجاب ۾ داخل ٿياسين ٻئراج، واهه شاخون پاڻيءَ سان ٽمٽار پريل نظر آيون.

1۔ پاڪستان ٺهڻ کان اڳ قرار داد پاڪستان ۾ لکيل هو ته سڀني رياستين States جي پنهنجي وسيلن تي پنهنجي مالڪي هوندي، جيڪا به رياست فيڊريشن کان الڳ ٿيڻ چاهيندي ته علحده ٿي سگهندي.

2۔ وَن يُونِٽ ٺهڻ مهل چئون ته سڀ خرچ ننڍن صوبن تي ڪيو ويندو ۽ وَن يُونِٽ ٺهڻ ڪري ننڍا صوبا امير ٿي ويندا.

3۔ نوازشريف د وَر حڪومت ۾ پاڻيءَ جو صوبن ۾ ناهه ٿيو جنهن کي 1990ع وارو پاڻيءَ جو ناهه چيو وڃي ٿو پر اڄ ٽيهه سال گذرڻ باوجود ان تي عمل نٿو ٿئي، 2019-5-22 تي ڪاوش اخبار ۾ سنڌ جي نمائيندي چيو ته ارسا جي ميٽنگ ۾ مونکي پنجاب جي نمائيندي گاريون ڏنيون ته ارسا جي چيئرمين وضاحت ڪئي ته ائين اڪثر ميٽنگ ۾ ٿيندو رهندو آهي.

رات جي مانيءَ ۾ به اسان گهران ناهي آندل شامي ڪباب مختلف تريل سبزيون پٽاٽا ۽ کير چانورن سان ڪاڏا ماني کائڻ بعد تقريبا ٻه ڪلاڪ بعد لاهور ريلوي جنڪشن تي پهتاسين ته اُت حميد پُٽي اسان جي آجيان ڪئي ۽ پاڻ اسان کي ٻڌائين ته مون ريلوي اسٽيشن تي به ائيرڪنڊيشن ڪمرا بُڪ ڪرائي ڇڏيا آهن. هڪ ۾ توهان ۽ هڪ ۾ آئون ۽ شمشير حيدري رهنداسين ۽ صبح سويرَ پاڻ ريل ذريعي دهليءَ هليا هلنداسين، اسان شمشير سان به ملياسين. شمشير سان منهنجو ۽ بابا جو ڪيتري وقت کان دوستيءَ جو واسطو رهيو آهي شمشير جهڙو هو سٺو شاعر اهڙو ئي پاڻ سٺو انسان هو، صوفي منش زندهه دل فقير طبيعت جو ماڻهو هو.

اسان سڀني ڏينهن جي مسافريءَ جا ٿڪل هئاسين، تنهنڪري يڪدم سمهي رهياسين ۽ صبح سوير ريلوي اسٽيشن تي ناشتو ڪيوسين لاهور ريلوي جنڪشن پاڪستان جي وڏي ۾ وڏي ريلوي اسٽيشن آهي. ۽ پنجاب جي گاديءَ جو شهر هئڻ ڪري ۽ ون يونٽ ٺهڻ ڪري چئني صوبن جو خُود بہ خُود بہ گاديءَ جو شهر ٿي ويو. پاڪستان ۾ هر ترقياتي ڪم پهرين لاهور ۾ ٿيندو آهي، مثلا پاڪستان ۾ پهرين ٽيليويزن اسٽيشن لاهور ۾ قائم ٿي، ان وقت نہ لاهور سڄي ويسٽ پاڪستان جي گاديءَ جو هنڌ هو نڪو پاڪستان جو وڏي ۾ وڏو شهر هو تہ بہ T_V اسٽيشن اُت قائم ڪيو ويو. سڄي دنيا اندر موٽرويز جي شروعات پورٽ وارن شهرن کان ٿئي. پر پاڪستان ۾ موٽروي پورٽ ڪراچيءَ شهر کان نہ پر لاهور کان اسلام آباد ٺاهيو ويو. پاڪستان ۾ جڏهن گئس دريافت ٿي تہ پهرئين بلوچستان کان گئس لاهور شهر کي ڏني وئي، پهرئين گرين بس سروس لاهور شهر ۾ چالو ٿي، پاڪستان جو وڏي ۾ وڏو ڊپارٽمينٽ واپڊا آهي، ان جو هيڊ ڪوارٽر بہ لاهور ۾ آهي، پاڪستان جو وڏي ۾ وڏو ديني اجتماع بہ راءِ ونڊ لاهور ۾ ٿئي، پهريئن اهو اجتماع ٽنڊي آدم ۾ ٿيندو هو. بينظير ڀٽو چوندي هئي تہ تخت لاهور جي وزير عظم لاءِ قانون جدا آهي، تہ سنڌ مان چونڊيل وزير اعظم لاءِ قانون جدا آهي، پنجاب جي حاڪمن ۽ عوام جو اهو حڪم آهي تہ جيئن اسين سوچيون تہ سنڌي بہ ايئن سوچين. تخت لاهور جو ذڪر ٿئي، ۽ راڻا رجيت سنگهہ جو ذڪر نہ ٿئي، اهو ڪئين ٿو ممڪن ٿي سگهي.

راڻا رنجيت سنگهہ جنهن کي شير پنجاب ۽ دنيا اندر پهريئن سک رياست جي باني طور سڃاتو وڃي ٿو. تنهن موجود پنجاب ۾ ٻيا صوبا فتح ڪري گريٽر پنجاب ٺاهيو نہ تہ هن جي پيءُ مها سنگهہ جي مرڻ کان پوءِ هي صرف گجرانوالا شهر جو حاڪم ٿيو. تڏهن هن جي عمر صرف پندرهن سال هئي، هن گجرانوالا جو حاڪم ٿيڻ کان پوءِ 1799ع ۾ پنجاب جي گاديءَ جي شهر لاهور

تي قبضو ڪيو 1801ع ۾ هن پنهنجي مها راجه هئڻ جو اعلان ڪيو هڪ سال بعد هن سکن جي مقدس شهر امرتسر تي قبضو ڪيو.

1818ع ۾ ملتان جي خود مختيار حڪومت تي قبضو ڪري پنجاب سان شامل ڪيو اهو قبضو اڄان تائين برقرار آهي، 1819ع ۾ هن پشاور کي پنهنجي قبضي هيٺ ڪيو ۽ پوءِ ڪشمير ۾ پٺاڻن جي حڪومت ختم ڪري هن کي پنهنجي ماتحت ڪيو ۽ آهستي آهستي سڄو پنجاب فتح ڪندي اچي سنڌ جي سرحد تي پهتو ان دؤرانِ هن پنهنجي فوج کي وڏي پئماني تي مضبوط ڪيو هن جي فوج کي مضبوط ڪرڻ ۾ انگريزن جو به وڏو ڪردار هو. هن جي فوج ۾ سک مسلمان ۽ هندو سڀ شامل هئا، سڀ کان آخر ۾ هن لداخ فتح ڪيو هن جو سنڌ کي فتح ڪرڻ جو ارادو هو پر انگريزن هن کي وڏيڪ ملڪ فتح ڪرڻ کان سختيءَ سان روڪي ڇڏيو. هن چاليهه سال وڏي دٻدٻي سان حڪومت ڪئي نيٺ پاڻ لاهور ۾ وفات ڪئي سندس مقبرو به لاهور ۾ آهي، سندس مرڻ بعد صرف ڇهن سالن ۾ سک حڪومت جو وجود ئي ختم ٿي ويو ۽ ائين 1849ع يعني سنڌ فتح ڪرڻ جي ڇَهن سالن بعد انگريز راڻا رنجيت سنگهه جي سڄي حڪومت تي پاڻ قابض ٿي ويا.

هندستان جي ويزا جون چار ڪئٽيگريز آهن. پاڪستانين لاءِ هڪ باءِ ايئر، ٻئي باءِ بس، ٽيون باءِ ٽرين ۽ چوٿون ويزا جو قسم هي لکن باءِ فٽ ان جو مطلب ته توهان واگها بارڊر تي پهچي پاڪستان ۽ هندستان جي اميگريشن ۽ ڪسٽم کان ٿيندا پوءِ انڊيا جي سر زمين تي داخل ٿي پنهنجي مرضيءَ سان ريل بس يا پنهنجي پرائيوٽ ٽرانسپورٽ ڪري پنهنجي لڳل ويزا وارن شهرن ۾ پهچو اهو ويزا جو قسم خاص ماڻهن کي ملندو آهي.

اسان جي دعوت جئين ته دهلي حڪومت ڪئي هئي، انهيءَ ڪري اسان کي به اها ويزا واري سهولت مليل هئي، پر اسان مان ڪنهن کي به ان ويزا واري اهميت جي خبر نه هئي، ۽ اسان لاهور کان پهرئين واگها پوءِ واگها کان اٽاري

لاءِ ٽڪيٽون خريد ڪيون، جٿين هر عام ماڻهو هندستان ويندا رهندا آهن، اسان ٽڪيٽ خريد ڪري ٽرين ۾ چڙهي پهريائين پاڪستان جي آخري ريلوي اسٽيشن واگها تي لٿاسين ٿوري ئي دير ۾ اميگريشن ۽ ڪسٽم مان واندا ٿي هندستان جي ريل ۾ چڙهي اسان اٽاري ريلوي اسٽيشن لاءِ روانا ٿياسين.

اسان کي واگها اسٽيشن تي هرو ڀرو اٺ ڪلاڪ انتظار ڪرڻو پيو ۽ ڏاڍي بوريت ٿي ۽ اسان کي ڏاڍو افسوس بہ ٿيو تہ اسان هن مصيبت کان بهتر هو تہ باءِ ايئر اچون ها پر سنڌيءَ ۾ چوندا آهن تہ ”پنهنجي وڍيءَ جو نہ ويج نہ طبيب“ سو چپ چاپ اهو سور سهي وياسين ۽ وري انهيءَ روٽ تي مسافريءَ کان هميشہ لاءِ توبهہ ڪئي سين.

اسان واگها کان جڏهن اٽاري ريلوي اسٽيشن تي پهتاسين تہ انڊين اميگريشن وارن چيو تہ توهان جي ويزا ۾ لکيل آهي تہ توهان باءِ فوٽ By Foot ايندا تنهن ڪري اسان پنهنجي بالا آفيسرن سان ڳالهايون ٿا جي انهن توهان کي اجازت ڏني تہ ٺيڪ نہ تہ سياڻي واپس هن ئي ريل ۾ لاهور هليا ويجا. ڪانفرنس پنهنجي جاءِ تي پر هت تہ وڏي مصيبت کي مُنهن ڏيڻو ٿي پيو نيٺ ڪافي دير کان ڪانپوءِ اسان کي اجازت ملي تہ اسان انهيءَ ريل ۾ رات جو 8:30 ساڍي اٺين بجي چڙهي دهليءَ لاءِ روانا ٿياسين سڄي سفر ۾ رات هئي تنهن ڪري ڪجهہ بہ نظر نہ آيو صرف لائيٽن کان سواءِ هندستان جي ريل پاڪستان جي ريل کان هر لحاظ کان گهٽ معياري هئي، ماڻهن جو اسٽينڊرڊ بہ گهٽ نظر آيو.

اسان رات جو پنجين بجي پراڻي دهلي ريلوي اسٽيشن پهتاسين. ريلوي اسٽيشن تي اسان کي وٺڻ لاءِ هِڪ سنڌي صحافي شري ڪانت ڀاٽيا ۽ ٻين چئن ڄڻن گُلن جا هار وجهي اسان جو استقبال ڪيو. ڀاٽيا ڪافي سوشل ماڻهو هو. جنهن سان پوءِ انڊيا جي سڄي سفر ۾ ۽ وري جڏهن هو پاڪستان آيا تہ سُني دُعا سلام ۽ ڪچهري ٿي. هِنن اسان کي گاڏي ۾ چاڙهي اچي پهاڙ گنج

علائقي ۾ هوٽل ايئرلائين ۾ لاٿو اُتِ اسان جا ڪمرا اڳئي بُڪ هئا.

شمشير ۽ حميد پنهنجو هِڪ ڪمري ۾ رهيا ۽ اسان ٽيئي هِڪ ٽرپل بيڊ ڪمري ۾ رهياسين. هوٽل جي لڪپڙهه ڪانپوءِ اسان وچي آرامي ٿياسين. هوٽل رسيپشن تي ٻئي ڇوڪرا سنڌي هندو هئا ۽ هوٽل جو مالڪ سِک پنجابي هو. جنهن سان پوءِ اسان جي ملاقات ٿي.

اسان ننڊ مان اُٿي پهريائين ناشتو ڪيو پوءِ دهليءَ جو لال قلعو ۽ بادشاهي مسجد گُهمڻ وياسين. دهليءَ ۾ مون کي غريبت ڪراچيءَ کان وڌيڪ نظر آئي. دهليءَ شهر ۾ مون سَوَن مردن عورتن کي اُگهاڙين پيرين ڏٺو. ڪراچيءَ تہ نهيو پر مون منهنجي ڳوٺ ٻنيءَ ۾ بہ ڪڏهن ڪنهن فقير کي بہ اُگهاڙي پيرين ڪونہ ڏٺو آهي.

دهلي شهر کي 1193ع ۾ پرٿوي راج تعمير ڪرايو. 1193ع ۾ ئي قطب الدين هِن کي فتح ڪري دهلي کي ملڪ جي گاديءَ جو شهر بڻايو. جيتوڻيڪ دهلي شهر جو ذڪر عيسوي صديءَ جي شروع کان هِڪ صدي اڳ اسان کي تاريخ ۾ مِلي ٿو. دهليءَ ۾ مسلم فن تعمير جا لاجواب ۽ خوبصورت نمونا توهان کي وڏي تعداد ۾ مِلندا.

اڄ هندستان جو وزيراعظم قوم کي خطاب ۽ خاص ڏينهن تي خطاب دهليءَ جي لال قلعي مان ڪندو آهي، ۽ ملڪ جون وڏي پئماني جون تقريبون دهليءَ جي لال قلعي ۾ ئي ٿينديون آهن.

1857ع جي انگريزن خلاف جنگ کان پوءِ انگريزن ڪلڪتي جي جڳهہ گاديءَ جو هنڌ دهليءَ کي مقرر ڪيو. جيڪو اڄ تائين هلندو اچي. دهليءَ ۾ مسلمانن جون محل محلاتون اڄ بہ دُنيا جي سياحن لاءِ وڏي ڪشش رکن ٿيون. جِت توهان کي هزارن جي تعداد ۾ سياح مِلندا جنهن ۾ لال قلعو، قطب مينار، لوڌي گارڊن، همايون جو مقبرو، بادشاهي مسجد، نظام الدين اولياءَ جي درگاهہ، غالب جو مقبرو، چانڊني چوڪ، بازار خاص قابل ذڪر آهن. دهلي

ته ٻن حِصن ۾ ورهايل آهي هڪ نئين دهلي ته ٻي پُراڻي دهلي. هندستان ۾ دهلي بمبئي ۽ ڪلڪتي ڪانپوءِ وڏي ۾ وڏو شهر آهي. دهلي گهڻو وقت مغل بادشاهن جي گاديءَ جو شهر رهيو اُن ڪري هن شهر ۾ زياده ۾ زياده ترقي ٿي، خاص ڪري شاهجهان جي وقت ۾.

هِت دهليءَ يونيورسٽي پهريون دفعو 1922ع ۾ انگريز دوَر حڪومت ۾ تعمير ٿي دهلي شهر کي گهڻي ۾ گهڻو تباهه ۽ برباد تاتاري فاتح تيمورلنگ ۽ افغان بادشاهه شير شاهه سوريءَ ڪيو.

دهلي هينئر هندستان جي گاديءَ جو شهر هئڻ ڪري، سڄي هندستان جي شاهي رستن جو مرڪز آهي ۽ هڪ وڏو صنعتي ۽ سياسي مرڪز آهي.

اسان صبح سوير قطب مينار ڏسڻ وياسين هِتي ڪافي رش هئي. هندستان ۾ سڄي دُنيا جا سياح وڏي تعداد ۾ هِت اچن ۽ اُنهن جي سهولت لاءِ حڪومت ۽ پرائيويٽ سيڪٽر گڏجي ڪم ڪري رهيا آهن.

ففٽيز ۽ سڪسٽيز ۾ هندستان کان به زياده سياح پاڪستان ۾ ايندا هئا. پر مليٽري ڊڪٽيٽر ضياءُالحق جي دوَر ۾ افغان جنگ ۾ روس سان آمريڪي اشاري تي جنگ ڪري پاڪستان ۾ بيشمار هٿيار اچي ويا ۽ انهيءَ جو غلط استعمال ٿيڻ لڳو ۽ ضياءَ دوَر ۾ ته ماڻهن کي کُلئي عام شهرن جي اسٽيڊيم ۾ ڪپڙالاهي ڪوڙا هڻندا هئا. اهڙا لڪاءُ انهيءَ دوَر ۾ دُنيا جي اخبارن ۾ شايع ٿيا، سڄي دُنيا جا سياح پنهنجي اکين سان اِهو منظر ڏِسي ويا هئا. سڄي دُنيا ۾ پاڪستان خلاف گهڻو خراب اثر پيدا ٿيو ۽ ايئن آهستي آهستي ملڪ ۾ هٿيارن ڪري وڏي تعداد ۾ ڌماڪا ٿيا ۽ اُهي هٿيار گهر گهر پهچي ويا. خاص ڪري صوبي پختونخواه ۾ BBC 1970_8_18 تي پنهنجي پروگرام ۾ ٻُڌايو ته 1947ع کان اڳ يعني ورهاڱي کان اڳ هندستان ۾ مسلمانن جو نوڪري ۾ هجڻ جو تناسب ٻارنهن سيڪڙو هو. جيڪو هاڻ مسلمانن کي هندن جي حڪومت طرفان نظر انداز ڪرڻ ۽ مسلمانن سان تعصب ڪري

گهٽجي وڃي صرف ٻه يا ٽي سيڪڙو رهيو آهي. انهيءَ پروگرام ۾ BBC ٻڌايو ته مسلمان هِڪ ٻي کي سلام ڪندي ٻه ڊِڄندا آهن ته هندو ايئن نه سمجن ته هي ڪو خفيه ڪوڊ استعمال ڪري رهيا آهن. ۽ 1947ع کانپوءِ هندن هندستان ۾ مسلم قيادت کي اُڀرڻ ئي ڪونه ڏنو.

چوَن ٿا ته هندستان سيڪيولر ملڪ آهي پر هندستان ۾ ڳئون کي نه ڪوهڻ جو باقاعده قانون ٺهيل آهي جنهن جو نالو آهي. Cattle Prvant Act هن قانون جي ڀڃڪڙي جي سزا آهي پنج سال قيد ۽ ڏهه هزار رپيا ڏنڊ.

ڪاوش اخبار ۾ 2015_10_1 ۾ هي خبر لکيل هئي ته هندستان جي صوبي اُتر پرديش ۾ هِڪ مسلمان محمد اخلاق کي پنجاهه هندو ماڻهن گهر ۾گهڙي قتل ڪري ڇڏيو ۽ سندس زال ۽ پُٽ کي سخت زخمي ڪيو ته تنهنجي گهر ۾ ڳئون جو گوشت رکيل آهي. انهيءَ ڪري هن کي گهر مان گهيلي ٻاهر چوڪ تي پٿرن ۽ سرن سان تڙپائي تڙپائي شهيد ڪيو ويو.

هندستان ۾ جي هندُن تي حملو ٿيو ته ٻه مسلمانن کي مارين ۽ پوليس گرفتار ڪري پر مزي جي ڳالهه ته هندستان ۾ جي مسجدن تي حملو ٿئي تڏهن ٻه مسلمانن کي گرفتار ڪن تنهن جو مثال حيدرآباد دکن جي ”مڪ مسجد“ آهي جنهن ۾ بم ڌماڪي جي الزام ۾ ٻه سَوَين مسلمانن کي گرفتار ڪري مٿن سخت ٽارچر ڪيو ويو.

هندستان جي اڳوڻي وزير خارجه جسوَنت سنگهه پنهنجي هِڪ ڪِتاب ۾ لِکيو آهي ته گانڌي پڪو تعصبي هندو هو ۽ هو هِڪ مقامي سوچ رکندڙ هو. انهيءَ جي مقابلي ۾ جناح قومي سوچ رکندڙ با اصول ۽ سيڪيولر سوچ رکندڙ هو. BBC پنهنجي پروگرام 2018_8_2 ۾ ٻڌايو ته هندستان ۾ ڪيترن ئي شهرن جا نالا جيڪي مسلمانن جي نالي سان رکيل هئا. سي هاٽي لاهي اُنهن جا هندو نالا رکيا پيا وڃن. انهيءَ سلسلي جي ڪڙي طور هِڪ وڏي تقريب ۾ مغل سراءِ شهر جو نالو لاهي هڪ هندو نالو رکيو ويندو. جنهن ۾ صوبي جو

وزيراعليٰ ۽ مرڪزي وزير شريڪ ٿيندا.

هندستان اندر بنگلاديش واري جنگ ۾ ماڻهو بنگلاديش مان لڏي هندستان ويا جن کي هاڻي پنجاهه سالن کانپوءِ هي چيو وڃي ٿو ته هاڻ ملڪ مان نڪرو. تازو 2019ع جي اَوائل ۾ هندوستان جي موجوده حڪومت هڪ قانون پاس ڪيو آهي ته هندستان ۾ جيڪو به ماڻهو مسلسل ڇهه سال رهيو هوندو ته انهيءَ کي هندستان جي شهريت مِلندي پوءِ ڀلي هو ڪهڙي به رنگ نسل، مذهب سان واسطو رکندو هجي، پر اِها سهولت مسلمانن لاءِ بلڪل ڪانهي.

ڏهه ٻارنهن سال اڳ گُجرات صوبي ۾ مسلمانن لاءِ هڪ قيامت کان گهٽ واقعو ڪونه ٿيو. ٿيو ايئن جو هڪ ريل گاڏيءَ کي باهه لڳي جنهن ۾ ڏيڍ سئو کن ماڻهو مري ويا. انهيءَ کي بنياد بڻائي گُجرات صوبي ۾ اٽڪل ٽي هزار مسلمانن جي گهرن ۾ گهڙي اُنهن جي عورتن سان زنا ڪئي وئي ۽ کين گهرن اندر ساڙي ماريو ويو. يا هٿيارن سان کين ماريو ويو. انهيءَ ۾ گُجرات پوليس به مسلمانن کي مارڻ ۾ شامل هئي ايترا ماڻهو آمريڪا ۾ نائين اليوَن واقعي ۾ به ڪونه مئا هئا.

گُجرات جي وزيراعليٰ مودي جي سامهون جيڪو مسلمان اميدوار بيٺو هو تنهنجو نالو...... جعفري هو انهيءَ جي گهر تي ويهه هزار هندن حملو ڪيو ۽ عورتن سان زيادتي ڪري پوءِ مردن عورتن ۽ جعفري کي ٽُڪيا ٽُڪيا ڪري ماريوويو. انهيءَ جو ڏوهه صرف اِهو هو جو هِن موديءَ جي سامهون اليڪشن ڪئي. هندستان جي هندن کي هِن جو اِهو قدم اهڙو وڻيو جو وري اليڪشن ۾ هِن کي سڄي هندستان جو ٻه دفعا وزيراعظم وڏي اڪثريت سان چونڊيو ويو. اُنهن هنگامن ۾ لکن جي تعداد ۾ ماڻهو دربدر ٿي ويا جيڪي اڄا تائين دربدر آهن. هندستان جي هندن کي مسلمانن ۽ پاڪستان کان ايتري ته نفرت آهي جنهن جو اندازو به نه ٿو ڪري سگهجي. اهڙو اظهار ڪيترن مسلمانن پنهنجن

سفرنامن يا نجي محفلن ۾ ڪيو آهي. ڊاڪٽر الانا ٻڌايو ته آئون بمبئي ۾ هڪ فنڪشن ۾ ويس ته انائونسر چيو ته ڊاڪٽر الانا سنڌ يونيورسٽي ۽ علامہ اقبال يونيورسٽي جو وائس چانسلر هاڻ خطاب ڪندو ته اُت ڪيترن پڙهيل لکيل هندن باهہ ۾ ساڙ مان چيو ته ڇٽ اسان جي وچڻ ڪانپوءِ ايترو پڙهي لکي ويا آهن جو وچي ٻن ٻن يونيورسٽين جا وائس چانسلر ٿيا آهن. مون کي خود هندستان جي چوٽيءَ جي اديب اُتم چيو ته سنڌ جي هندن سان توهان جي همدردي صرف انهيءَ ڪري آهي جو توهان کي هندن جي ڇڏي ويل ملڪيت مان ڪجهہ نہ ڪين مِليو.

هِن ڪانفرنس ۾ بہ اڏو اڏ هندن جو رويو تمام تعصباڻو هو. هندستان جي چوٽيءَ جي ٻن اداڪارن شبانا اعظميٰ ۽ سيف علي خان چيو تہ اسان کي صرف مسلمان هئڻ ڪري بمبئي ۾ گهر نٿو مِلي. هاڻ تہ ريل جو سفر بہ مسلمانن لاءِ هندستان ۾ غير محفوظ ٿي ويو آهي، ڪئين واقعا ريل ۾ اهڙا ٿيا آهن. جو هلندڙ ريل ۾ مسلمان فيملين کي ماريو ويو آهي.

قطب مينار دهليءَ جي سياحتي جڳهين مان هڪ آهي هِت سڄو ڏينهن هزارن جي تعداد ۾ ملڪي ۽ غير ملڪي سياح توهان کي گهمندي ڦِرندي فلمون ٺاهيندي، فوٽا ڪيڏندي نظر ايندا. پڻ هندستان جي ڪيترين فلمن جي شوٽنگ هِت ٿيل آهي. جنهن ۾ خاص عامر خان جي فلم فنا جو مشهور گانو عامر خان ۽ ڪاجول تي فلمايل آهي، جنهن جا ٻول آهن، سبحان الله سبحان الله.

قطب مينار ڳاڙهي ۽ هلڪي پيلي رنگ جي پٿرن سان تعمير ٿيل سموري هندستان ۾ سڀ کان وڏيڪ اوچو ٽاوَر آهي. قطب مينار جي بنياد جو قطر 14.32 ميٽر ۽ چوٽيءَ جو قطر2.75 يعني اٽڪل 9 فوٽ آهي. هن مينار جي اوچائي 72.5 ميٽر يعني 238 فوٽ آهي.

سلطان قطب الدين ايبڪ دهليءَ جو شهر فتح ڪري پنهنجي حڪومت

قائم ڪرڻ جي يادگار طور سن 1199ع ۾ هِن مينار جو بُنياد رکيو. تعمير جي تڪميل بعد مؤزن هن مينار تي چڙهي ٻانگ ڏيڻ لڳا. هن مينار ۾ ڪل چار ماڙ ٺهيل آهن. مٿيان ٽي ماڙ بادشاهه جي نائيءَ ۽ ولي عهد، سلطان شمس الدين التمش تعمير ڪرايا هئا. مينار جا سمورا ماڙ چوڏاريءَ هڪ ڪٺهڙي سان گهيريل آهن. جنهن اندر ماڻهو آسانيءَ سان گهمي ڦري سگهي ٿو. پهرين ماڙ وارو ڪٺهڙو چاريءَ جي سهڻي اُڪر سان آراسته آهي. مينار ۾ جُدا جُدا هنڌن تي عربي ۽ ناگري رَسمُ الخط ۾ ڪنده لکٽين ۾ سلطان قطب الدين ايبڪ جي تاريخي ڪارڪردگيءَ کي اُجاگر ڪيو ويو آهي. زمين جي سطح واري ماڙ ۾ موجود لکٽين ۾ ڄاڻايل آهي ته بادشاهه فيروز تغلق ۽ بادشاهه سڪندر لوڌيءَ قطب مينار جي مرمت ڪرائي هئي.

سن 1829ع ۾ ميجر آر. اسمٿ پڻ مينار جي مرمت ڪرائي هئي. قطب مينار سان ڪافي تعداد ۾ عمارتون متصل آهن. اُنهن ۾ مسجد قوت السلام مينار جي اُتر اوڀر طرف تي ٺهيل آهي. هي مسجد سلطان قطب الدين مينار جي تعمير کان اڳ سن 1198ع ۾ جوڙائي هئي. اها دهليءَ جي ڪنهن سلطان طرفان اڏايل اولين مسجد آهي. هن مسجد جو سحن اٺ ڪُنڊو آهي، جيڪو حجرن سان گهيريل آهي. اُهي حُجرا ڪالمن ۽ اُنهن ٿنڀن تي ڪڙا ڪيل آهن جن مان 27 ٿنڀا هِتي اڏيل هندو مندرن جا اصلي ٿنڀا آهن. اُهي ٿنڀا مندرن کي مسمار ڪندي حُجرن جي تعمير لاءِ بچايا ويا هئا. بعد ۾ سلطان التمش ۽ علاؤالدين لوڌيءَ هن مسجد ۾ هڪڙو محرابي اسڪرين پڻ تعمير ڪرايو هو ۽ مسجد ۾ وسعت آندي.

مسجد جي صحن ۾ هڪڙو لوهي ٿنڀو موجود آهي، جنهن تي چوٿين صديءَ عيسوي واري سنسڪرت ۽ براهمي رسم الخط ۾ عبارت موجود آهي. انهيءَ موجب چندرا نالي هڪڙي تونگر بادشاهه جي يادگار لاءِ اهو لوهي ٿنڀو وشنوپد نالي ٽڪريءَ تي مهاديو ڀڳوان وشنوءَ جو جهنڊو يا بينر تصور ڪندي

نصب ڪيو ويو هو. انهيءَ ٿنڀي جي چوٽيءَ تي هڪڙي نهايت سهڻي ساکيٽ ٺهيل آهي. شايد انهيءَ ۾ ڪنهن ديوتا يادگروءَ جي مورتي آويزان هوندي.

سلطان التمش جو مقبرو قطب مينار جي پرسان اڏيل آهي. جيڪو سن 1235ع ۾ جوڙايو ويو هو. اُهو مقبرو ڳاڙهي واريا سي پٿر جو ٺهيل آهي. مقبري اندر ديوارن ۽ دروازن تي جاميٽريڪل عربي ۽ شامي طرز تحرير جي نهايت سهڻي خطاطي اڪريل آهي. ڦيٿن. ڏاڳن ۽ ٺونٺرن تي مشتمل هندو مصوريءَ جا اهڃاڻ به هن مقبري ۾ موجود آهن.

مٿس هڪڙي لکت موجب مسجد قوت السلام جو ڏاکڻيون دروازو سلطان علاؤالدين خلجي سن 710 هجري يعني 1311ع ۾ جوڙايو هو. مسجد جي اڏاوت ۾ خالص اسلامي طرز تعمير، توڙي آرائش اختيار ڪئي وئي ۽ علاؤالدين خلجي، قطب مينار جي اتر طرف ”اعليٰ مينار“ جي نالي، سان هڪڙي نئين ۽ قطب مينار کان ٻيڻي اوچائي واري مينار جي تعمير شروع ڪرائي، پر هو انهيءَ مينار جو فقط پهريون ماڙُ مَس تعمير ڪرائي سگهيو جيڪو 25 ميٽر اوچو اجا تائين موجود آهي.

قطب مينار جي چوڌاريءَ موجود عمارتن ۾ مسجد، مقبرا، مرقد ۽ مدرسو شامل آهن اسان سَڄي دهليءَ جو چڪر لڳايو. هندستان جون اخبارون پاڪستان جي اخبارن کان سستيون ۽ وڏيون ٿين. هندستان ملڪ نه پر هڪ کنڊ لڳي ٿو. جنهن ڪري يورپ ۽ آمريڪا جون وڏيون ڪمپنيون هت وڏي سيڙپ ڪن ۽ انهيءَ ڪري هندستان کي اهميت به گهڻي ڏين. رهائش جون هوٽلون، کاڌي پيتي جو سامان، پيٽرول ڊيزل پاڙا گهڻو ڪري هندستان ۾ پاڪستان جيترا آهن. ڪپڙو مردانو عورتاڻو جُتا ۽ کاڌا پاڪستان کان معيار ۾ تمام گهٽ آهن.

سنڌي هندو جيڪي تازو هتان لڏي ويا آهن، اُهي ڪپڙو گهڻو

ڪري هينئر به پاڪستان مان گهرائيندا آهن. ۽ هتان جيڪي تازا هندو لڏي ويا آهن، انهن ۾ اسان سنڌ ۽ سنڌين لاءِ سِڪ سرس ڏٺي باقي ورهاڱي وقت جيڪي هندو هتان ويا، تن سنڌ، سنڌين ۽ سنڌيءَ کي خدا حافظ چئي ڇڏيو آهي. اهي سئو سيڪڙو گهرن ۾ هندي ڳالهائين ۽ انهن سنڌين جي اولاد کي اها به خبر ڪانهي ته اسان سنڌ مان ڪٿان لڏي اچي هت آباد ٿيا آهيون.

انهيءَ جي مقابلي ۾ پاڪستان واري پنجاب مان جيڪي پنجابي لڏي ويا آهن. انهن جي نئين نَسل کي سچي خبر آهي ته اسان ڪٿان لڏي آيا آهيون. ۽ هو گهرن ۾ ۽ روڊ رستن تي هڪ ٻئي سان پنجابي ۾ ڳالهائين ان جو وڏو سبب اهو به آهي ته ورهاڱي ۾ اڌ پنجاب ته هندستان کي مليو. اسان دهليءَ ۽ آگري ۾ سنڌي هندن جي دڪانن تان خريداري ڪئي ته انهن سنڌ جون خبرون چارون ڪونه پڇيون يا سودي ۾ ڪا به رعايت ڪانه ٿي ڪئي. پر اسان هت مسلمانن جي دڪانن تان خريداري ٿي ڪئي ته انهن اسان کان حال احوال ورتا ٿي، ته توهان پاڪستان کان آيا. آهيو ۽ اسان کي چانهه به پيارئون ٿي ۽ گهر هلڻ لاءِ چئون ٿي ۽ ماني جي صلاح به هنئون ٿي. اسان سان سندن رويو محبت وارو هو ۽ اسان کي ٻڌائون ٿي ته توهان کي ڪهڙيون ڪهڙيون شيون ڪٿان ڪٿان سستيون ملنديون ۽ ڪٿي مهانگيون ملنديون.

هندستان ۾ راجستان واري علائقي ۾ ڪافي سنڌي مسلمان رهندا آهن جن ۾ وڏا اديب ۽ آرٽسٽ آهن جن ۾ سانوڻ مڱڻهار انڊيا جي ڪوڪ اسٽوڊيو ۾ سنڌي گانا ڳايا آهن. ۽ هن هڪ اٿلين ڳاٽي سان گڏ سنڌي بيت شاهه عبداللطيف ۽ احمد ملاح جا ڳايا آهن. جيڪي هند سنڌ ۾ ڏاڍا مشهور آهن. پر انڊيا جا سنڌي هندو انهن سنڌي اديبن ۽ ڳائڻن کي پنهنجي فنڪشن ۾ ڪونه گهرائين سنڌي اڪيڊميءَ کي لکين روپيا حڪومت کان ملن جيڪي هو هر سال پاڻ ۾ ورهائي کائيندا آهن.

اسان سڄو ڏينهن دهلي گهمي، ڪجهه خريداري ڪري رات جو اسانجي

رهائش جي هوٽل ڀاهران ٽڪا. ڪباب ماني ۽ انب خريد ڪيا. انڊيا ۾ انب پاڻ کان ٻه مهينا اڳ تيار ٿين. سو سڄي هندستان ۾ انبن مان مارڪيٽون ڀريون پيون هيون اسان ماني وٺي اچي هوٽل تي کاڌي ۽ جلد سمهي پياسين. صبح سوير تيار ٿي ناشتو ڪري اسان جي ڪانفرنس واري جڳهه ڏانهن روانا ٿياسين. ڪانفرنس ۾ مندُوبينن ڪانسواءِ دهلي حڪومت جي ڪلچر جي سيڪريٽري جيڪا عورت هئي اها به شريڪ ٿي. مومل ۽ ڊاڪٽر پارس کي ذريءَ جا ڪپڙا پيل هئا، اهي انهيءَ کي ڏاڍا وڻيا. جن جي پاڻ به ٽي دفعا تعريف ڪئي. ڪانفرنس ۾ هند سنڌ جي ڪافي چوٽيءَ جي اديبن شرڪت ڪئي. سنڌي اڪيڊمي جو چيئرمين ڪو اديب نه پر هڪ هندو واپاري هو. هڪ اديب کي ته هن تقرير ڪرڻ به ڪانه ڏني هن ڪانفرنس ۾ اديبن ڪانسواءِ ڪجهه صحافي پڻ هئا. هندستاني اديبن پاڪستان جي اديبن کي گهٽي اهميت ڪانه ٿي ڏني. پر اهي اديب وري جڏهن سنڌ ۾ دوري تي آيا ته انهن جي استقبال لاءِ جڻ سنڌ اٿلي پئي ۽ انهن جو سنڌ اندر ايڏو ته استقبال ۽ دعوتون ٿيون جنهن جو ڪو مثال ڪونه ٿو ملي. انهن اديبن سنڌ ۽ سنڌين لاءِ اهڙو ڪهڙو ڪارنامو ڪيو هو. جو سنڌين انهن جو ايڏو استقبال ڪيو؟

اڄ رات دهليءَ جي وزير اعليٰ شيلا ڊڪشٽ ماني جي دعوت ڪئي. پاڪستان مان به آيل پارليامينٽرين، مخدوم امين فهيم ۽ يوسف ٽالپر ۽ نفيس صديقي به هن دعوت ۾ شريڪ هئا. يوسف ٽالپر چيو ته عبدالحئي سالن کان پوءِ وري ڪٿي اچي مليا آهيون.!

سالن کان هندستان ۾ رهندڙ هڪ پاڪستاني سنڌي مسلمان اسلم پيرزادو به مليو جيڪو سنڌ مان انگلينڊ پڙهڻ ويو جت هڪ انگريز ڇوڪريءَ سان شادي ڪئي، جنهن کي اقوام متحده ۾ نوڪري دهليءَ ۾ ملي. اسلم پيرزادو به سندس زال سان گڏ هندستان هليو آيو ۽ سالن جا سال اُت رهيو. انهيءَ پنهنجي سالن جي تجربي بابت ٻڌايو ته ڪم ڪار ته پري پر هتي

سنڌي هندو گهڻو ڪري اسان سان ڳالهائڻ به پسند ڪونه ڪندا آهن. سخت تعصبي ۽ مطلبي آهن.

شيلا ڊڪشٽ اسان کي هڪ ڪتاب به تحفي ۾ ڏنو ۽ ڏاڍي شائستي نموني اسان سان ملي اسان رات دير سان ماني کائي پنهنجي هوٽل تي اچي آرامي ٿيا سين.

ٻي ڏينهاڙي به اسان کي هوٽل مان پاجيروگاڏي ۾ کڻي آٽي ڪانفرنس واري هنڌ پهچايو ويو پاجيرو گاڏيءَ کي جپان ۾ شوگن چون. هندستان ۾ ڪوئل چون ۽ پاڻ وٽ پاجيرو چون. گاڏيون بلڪل ساڳيون ٿين. تنهي گاڏين ۾ ڪوبه تفاوت ڪونه ٿئي هت هندستان ۾ ڪارون جيپون پاڪستان کان اڌو اڌ سستيون ٿين. ڪافي گاڏيون مون هندستان ۾ روڊن تي اهڙيون به ڏٺيون جهڙيون پاڪستان ۾ ڪونه ٿين .

اسانجي هيءَ ڪانفرنس انٽرنيشنل سينٽر دهلي ۾ ٿيندي هئي. هن کي نهروءَ قائم ڪيو هو. دهليءَ جا امير ماڻهون گڏجي هت محفلون مچاين جيئن پاڻ وٽ ڪراچيءَ ۾ جيم خانا, سنڌ ڪلب ۽ ڪراچي ڪلب آهن. دهليءَ جي اميرن جون وڏيون تقريبون به هت ٿين.

ٻي ڏيهاڙي به هند سنڌ جي اديبن ڪانفرنس ۾ پنهنجا پنهنجا خيال پيش ڪيا ڪانفرنس ۾ لنچ بريڪ کانپوءِ به سيشن جو ٻيو حصو ٿيندو هو . ۽ شام جو به سنا سنا فنڪشن ٿيندا هئا. اڄ اسان چيٽي چنڊ جي ميلي تي وياسين, جيڪو هندستان جا سنڌي وڏي اهتمام سان هر سال ملهائيندا آهن. جيئَن فنڪشن جدا جدا هر پارٽيءَ وارا هت ملهاين هن ميلي جو افتتاح به دهليءَ جي وزير اعليٰ شيلا ڊڪشٽ ڪيو. هن ميلي ۾ هزارن جي تعداد ۾ سنڌين شرڪت ڪئي. هن ميلي ۾ سنڌ مان آيل سيني مهمانن جو اسٽيج تي ويهاري تعارف ڪرايو ويو ۽ آخر ۾ راڳ رنگ جي محفل ٿي جنهن ۾ راجستان جي فنڪارن لوڪ گيت ڳايا. جن کي ڪافي اڳ مائي ماڳي جي آواز ۾ ٻڌي

چڪو هوس. آخر ۾ سنڌو نديءَ جي پس منظر تي ڊزن کن عورت فنڪارائن رقص پيش ڪري سيني مهمانن کي موهي خوب داد حاصل ڪيو. آخر ۾ سنڌ مان آيل اديبن جا انهن فنڪارن سان گڏ فوٽا ڪڍيا ويا. هي شاندار فنڪشن رات جو دير سان ختم ٿيو.

دهلي شهر ڪراچيءَ کان ننڍو آهي، پر هت گهما گهمي ۾ رش ڪراچيءَ کان ٻه گهڻي آهي، ڇو ته سوا ارب آبادي واري ملڪ جي گاديءَ جو هنڌ آهي ٻيو ته سڄي دنيا تاج محل ڏسڻ اچي، ته پهريائين دهلي اچي، پوءِ آگري وڃي، ٿيو ته دهليءَ ۾ به سياحن جي ڏسڻ لاءِ گهڻو ڪجهه آهي. تنهنڪري دهلي ۾ بي شمار سياح اچن ٿا ۽ غير ملڪي ماڻهن جو به وڏو تعداد هت رهي. دهليءَ ۾ سياحن جي تفريح لاءِ ٽرانسپورٽ ۽ هوٽلن جو وڏو بندوبست ٿيل آهي. شهر ۾ ملڪي ايلائيٽ ڪلاس ۽ غير ملڪي سياحن لاءِ نائيٽ ڪلبن ۽ بارن جو به هت هڪ وڏو تعداد موجود آهي وسڪي ۽ عورت دنيا ۾ سستي ۾ سستي توهان کي هندستان ۾ ملندي. هندستان جي وڏن شهرن جي مڊل ڪلاس هوٽلن ۾ توهان رسيپشن وارن کي چوندا ته اهي به توهان کي ڪيڏي مهل به اهي ٻئي ائٽم مهيا ڪري ڏيندا. گهڻو ڪري سنڌن هوٽل جي ڪمرن ۾ ئي اهڙا سٽيا مهمان موجود هوندا آهن. جيڪي اُتي جو اُتي توهان کي سواءِ ڪنهن ڊپ ڊاءُ جي يڪدم مهيا ڪري ڏيندا. پر انهن هوٽلن ۾ انهن مهمانن جو ڪوسنو اسٽينڊرڊ ڪونه هوندو آهي.

حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ جي ڪن ڪن گيسٽ هائوسن ۾ به اهڙي سهوليت موجود هوندي آهي. پر انهن جا ريٽ ڏاڍا مهانگا هوندا آهن.

ڪجهه وقت اڳ B.B.C تي سيڪس ورڪرس Sex Workersنالي هڪ پروگرام ڏٺم. جيڪو ڏاڍو دلچسپ هو. پاڻ ٻڌائون ته اڳ ماڻهو سيڪس جي ڳالهه ڪرڻ کان لهرائيندا هئا. پر هاڻ يورپ آمريڪا جا ماڻهو اهڙا احوال ٻڌائيندي ڦڪا ڪونه ٿين. B.B.C وارن جو چوڻ آهي ته فيس بڪ ۽ ٻين

اهڙين جديد سهولتن ڪري ماڻهن جو دنيا اندر ڏانهن رجحان گهٽجندو وڃي هنن ٻڌايو تہ دنيا اندر گهٽ ۾ گهٽ سيڪس جپان جا ماڻهو ڪن. گهٽي ۾ گهڻو سيڪس يونان جا ماڻهو ڪن.

ڪانفرنس جو اڄ ٽيون ڏينهن ۽ آخري اجلاس هو. تنهنڪري هندستان جا جيڪي اديب دهليءَ ڪانسواءِ ٻين شهرن مان آيل هئا انهن اسان کان ڪلي موڪلايو.

هندستان جي سنڌي اديبن ۾ مون لعل پشپ جا ڪتاب پڙهيا هئا. انهن ۾ هن مسلمانن لاءِ نازيبا لفظ استعمال ڪيا آهن ۽ اسان جڏهن ڪانفرنس ۾ ويندا هئاسين،

تڏهن بہ هو مسلمانن خلاف تعصباڻيون ڳالهيون ڪندو رهندو هو ٻي ڪنهن بہ هندستاني وفد جي ميمبرن مان اهڙي ڳالهہ نہ ڪئي، جنهن سان سنڌ مان آيل سنڌين جي دل آزاري ٿئي، پر هندستان جي عام هندؤ ۾ تہ آر. ايس ايس جي ذهنيت ڪٿي ڪٿي وڌي وئي آهي. ٻي هتي هندو تعصبي پارٽي آهي جنهن جو نالو ئي آهي شِيوِ سينا يعني خدا جي فوج.

ڪجهہ توهان کي R.S.S آر ايس ايس جي باري ۾ ٻڌائيندو هلان. هن تنظيم جو نالو راشٽريا سيوڪ سنگ آهي جيڪا سخت گير تعصبي هندن جي هڪ سياسي جماعت يا پارٽي آهي. هن جو بنياد 1926ع ۾ ناگپور ۾ هڪ هندو ڊاڪٽر، ڪيشو راٺو بالي رام هر وار وڌو. هي هڪ سخت گير تعصبي هندو هو. هن جو ارادو هو تہ وري اشوڪ جهڙو هندو بادشاهہ قائم ٿئي. جنهن هڪ ئي تلنگانا جنگ ۾ هڪ لک ماڻهو ماريا هئا.

تازو هينئر هندستان جي هڪ صوبي، هريانا جي وزير اعليٰ جيڪا هڪ ڪاليج جي پرنسپال بہ هئي، تنهن هندو ڇوڪرن کي مشورو ڏنو تہ توهان ڏهن ڏهن جا ٽولا ٺاهي، ڪشمير وڃي مسلمان عورتن سان زوريءَ زنا ڪريو. اها خبر سڄي ملڪ جي اخبارن ۾ بہ شايع ٿي.

جڏهن اقوام متحده ۾ انساني حقن واري ڪاتي جو سربراهه رپورٽ ٻڌائيندي روئي رهيو هو ته ڪشمير ۾ ڏهه هزار مسلمان ڪشميري عورتن سان انڊيا جي فوج زوريءَ زنا ڪئي آهي، انهيءَ وقت هندستان جي وزير اعظم مودي کي سعودي عرب ۽ دبئي جا حاڪم سندن ملڪ جي وڏي ۾ وڏي سول اعزاز سان نوازي رهيا هئا.

دنيا اسلام جا ٻه وڏا عالم ۽ مفڪر شيخ سعدي شيرازي ۽ ابن بطوطه ٻه سنڌ ۽ هندستان ۾ آيا ۽ ٽيون آمريڪا جو وڏو تاريخ دان ول ڊورانٽ هندستان آيو. انهن ٻه هندوستان جي باري ۾ پنهنجا دلچسپ تاثرات لِکيا آهن، شيخ سعدي پنهنجي ڪتاب بوستان ۾ لکي ٿو ته مون هندوستان جي شهر سومنات مندر ۾ هڪ بُت ڏٺو جيڪو ڪيترن هيرن جواهرن سان سينگاريل هو هندو اُن آڏو مٿو ٽيڪي، روئي دعائون گهري رهيا هئا. مون پوڄاريءَ کان پُڇيو ته توهان هن بي جان پٿر اڳيان ايتري آه زاري ڇو ٿا ڪريو. هن جواب ته ڪونه ڏنو اُلٽو ٻوٽ ٻڇڙو ڪري وڃي وڏي پوڄاريءَ کي ٻڌائين ته سائين هي ماڻهو سومنات جي باري ۾ هينئن ٿو چوي مون وڏي پوڄاريءَ کي چيو ته منهنجو مطلب اصل حقيقت ڄاڻڻ هو جيئن هن بُت جي عبادت ڪري وڌيڪ لذت حاصل ڪيان منهنجي جواب مان مطئن ٿيڻ بعد مونکي اُن پوڄاري چيو ته توهان ٻين بتن لاءِ برابر ائين چئي سگهو ٿا، پر هي بُت ڪو عام بُت ناهي، هي بُت صبح سوير هٿ کڻي دعا گهرندو آهي تون ٻه صبح تائين انتظار ڪر پوءِ توکي سڀ ڪجهه سمجهه ۾ اچي ويندو.

شيخ سعدي چئي ٿو ته آئون ٻه اچي بُت خاني ۾ ڦاٿس جئين تيئن ڪري هت رات گذارڻي هئي، پاڻ اڳتي فرمائي ٿو ته.

شبي همچو روزي قيامت دراز
مغان گرد من بي وضو در نماز
کشيشان هر گز نياررده آب

بلغان چون مردار در آفتاب
مگر کرده بودم گناهي عظيم
کہ بردم دران شب عذاب اليم

هن شعر جي معنيٰ آهي ”اها رات قيامت جيڏي ڏگهي نظر پئي آئي، پوڄاري بنا وضوءَ جي عبادت ڪري رهيا هئا. شايد هنن ڪڏهن بہ پاڻيءَ کي تڪليف ڪانہ ڏني هئي، هنن جي بغلن مان بدبوءِ ائين پئي آئي جڻ ڪو مُئل ڍور اس ۾ پيل هجي شايد مونکان بہ ڪو ڪبيرو گناهہ سرزد ٿيو هو.“

بحر حال جڏهن صبح ٿيو بتخاني ۾ هلچل مچي وئي، مون پنهنجي اکين سان ڏٺو تہ انهيءَ بُت پنهنجا هٿ مٿي ڪنيا. ماڻهن ۾ واهہ واهہ ٿي وئي ۽ انهيءَ پنڊت ڦڪا ڏند ڪڍي مون ڏانهن مشڪي نهاريو في الحال تہ آئون ماٺ ڪري پوڄارين سان رلي ملي ويس نيٺ هڪ ڏينهن تلاش ڪندي انهيءَ بت هيٺان تهہ خاني ۾ لهي ويس ڇا ڏسان تہ هڪ رسي جو ڇيڙو بُت جي ٻانهن ۾ اهڙيءَ طرح ٻڌل هو جو رسي ڇڪڻ سان اُن جون ٻانهون خود بہ خود مٿي ٿي ويون. هنن جي ٺڳيءَ جو راز فاش ٿي چڪو هو ۽ بُت پرست اُتان وٺي ڀڳو ۽ مونکي بہ جان جو خطرو ٿي پيو مان بہ اُن جي پٺيان ڀڄس ۽ مندر اندر ئي هن کي هڪ کوهہ ۾ ڌڪو ڏيئي ۽ هن مندر مان پڇي جان بچايم ۽ پڇي وڃي يمن پهتس پوءِ حجاز ويس سنڌي ترجمو صفحو (17_18).

اسانجو اڄ جو پروگرام صُبح جو خواجہ نظام الدين اولياءَ جي درگاهہ پوءِ غالب جي مزار ڏسڻ هو. ٻنپهرن جو ڪنهن جي دعوت هئي، شمشير جي معرفت ڪلب ۾ ۽ رات جو لال قلعي ۾ هڪ ڊاڪومنيٽري ڏيکاريندا آهن. اوڏانهن ويڄڻو هو صُبح سوير ناشتو ڪري آئون، مِنا ۽ ڊاڪٽر پارس وياسين خواجہ نظام الدين جي درگاهہ تي وڏي رش هوندي آهي، هت هندو مُسلمان سڀ ايندا آهن. هتي چادر درگاهہ تي. چڙهائڻ وارن ۽ گلن وارن جي بہ وڏي رش هوندي آهي، ٻيون درگاهون اڪثر ڪليل جڳهن تي هونديون آهن. پر هت

سوڙهين گهٽين مان اندر وڃڻو ٿي پيو. تنهنڪري هت اچان ﺑﻪ وڏيڪ رش هئي، پر مون رش جيڪا سيوهڻ ۾ شهباز قلندر جي درگاهہ تي ڏٺي ايتري رش مون زندگيءَ ۾ ٻي ڪٿهن ﺑﻪ درگاهہ تي سواءِ بيت الله جي ڪانہ ڏٺي بيت الله ۾ زبردست سيڪورٽي انتظام هوندا آهن. تنهنڪري اُت رش تہ هوندي آهي، پر ڪا ﺑﻪ بدمزگي ڪانہ ٿيندي آهي. اسان مزار تي چادر چاڙهي ۽ گُلن جا هار ﺑﻪ قبر مٿان رکيا. سيد محمد نظام الدين اولياءَ پاڻ 1238ع ۾ **بدايُونِ** اتر پرديش ۾ ڄائو ۽ اپريل 1335ع ۾ وفات ڪيائين کيس محبوب الله ٿي (Beloved of God) ڪري ﺑﻪ سندس مُريد سڏيندا آهن. حضرت نظام الدين اولياءَ دين اسلام جو وڏو اسڪالر هو پاڻ سُني صُوفي درويش هو اسان هن درويش تي قُل پڙهي بخش ڪري پوءِ پنڌئي پنڌ اردو ٻوليءَ جي وڏي ۾ وڏي شاعر مرزا غالب جي ننڍي ٿهيل مزار تي آياسين. جت اسان ڪان سواءِ ٻيو ڪو ﺑﻪ ماڻهو ڪو نہ هو غالب جي شاعري هندستان پاڪستان ڪانسواءِ ٻي دنيا ۾ ﺑﻪ پڙهي وڃي ٿي، هن پنهنجي شاعري ۾ سڏيون ڳالهيون ڪيون آهن. ڳالهين کي گهمايو ڦيرايو بلڪل ڪو نہ آهي، غالب اردو شاعريءَ ۾ فيض احمد فيض ۽ احمد فراز جهڙو ئي پسنديده شاعر آهي، غالب جي نالي ڪئين چرچا، ٽوڪ ۽ لطيفا مشهور آهن. آئون ﺑﻪ هڪ لطيفو غالب جو توهان کي ٻڌايان ٿو. چون ٿا تہ غالب کي شوگر جي بيماري هوندي هئي، سندس ڊاڪٽر کيس چيو تہ تون هڪ ڏينهن ۾ هڪ انب کائي سگهين ٿو. سو پاڻ ڊاڪٽر کي ٻڌائين تہ آئون توهان جي چوڻ مطابق سڄي ڏينهن ۾ صرف هڪ انب کائيندو آهيان. پر جڏهن ڊاڪٽر سندس شوگر ٽيسٽ ڪندو هو تہ سندس شوگر ليول تمام گهٽي وڌيل هوندي هئي، ڊاڪٽر جيڪو سندس ڊاڪٽر هئڻ سان گڏ دوست ﺑﻪ هو سو هڪ ڏينهن رستي هلندي غالب جي گهر هليو ويو ڇا ڏسي تہ غالب جي کائڻ لاءِ جيڪو وڏي ۾ وڏي سائيز جو انب ٿئي جنهن هڪ انب جو وزن ٿئي ﺑﻪ ٽي ڪلو سي انب رکيا هئا. جنهن انب جو نالو شايد بينگن پالي ٿئي، غالب ڊاڪٽر کي چيو

تہ آئون هي صرف هڪ انب کائيندو آهيان ۽ ائين غالب جي شوگر وڌڻ جو معمو ڊاڪٽر سمجهي ورتو.

غالب 27 ڊسمبر 1797ع ۾ آگري ۾ ڄائو پاڻ يارهن سالن کان شاعري لکڻ شروع ڪيائين پاڻ آگري کان دهلي لڏي ويو جت سڄي زندگي رهيو هت ئي وفات ڪئين ۽ هت ئي ڏکيو پاڻ مائٽن جي مرضي سان 13 تيرهن سالن جي عمر ۾ شادي ڪئي ستن ٻارن مان سندس هڪ ٻار بہ زنده نہ بچيو. آخري مغل بادشاهہ ظفرشاهہ کيس دبيرُالمُلڪُ جو اعزاز 1850ع ۾ ڏنو. هن 15 فيبروري 1869ع م وفات ڪئي. مرڻ بعد هن جي گهر کي ” غالب ميموريل“ ڪري ناهيو ويو. شآعري ۾ هن غزل،قصيدا، (رُباعي) قطعا، ۽ مرثيا، لکيا.

اسان مزار اندر داخل ٿي کيس قُل بخش ڪيا، اسان غالب جي عظمت کي سلام ڪندا هتان ٻاهر نڪري آياسين.

اڄ ٻنپهرن جو اسان کي سپريم ڪورٽ جي وڪيل، امر لعل پنجواڻيءَ، دهليءَ جي مشهور انٽرنيشنل سينٽر ۾ ٻنپهرن جي مانيءَ جي دعوت ڪئي. سندس عمر اسي سال هئي پاڻ ٻڌائين تہ سنڌ مان ايندڙ سنڌين جي آئون ضرور هت دعوت ڪندو آهيان. پاڻ چئين تہ جڏهن نهرو ماسڪو ويو تہ اهڙا ڪئين سينٽر هن ماسڪو ۾ ڏٺا ان ڪانپوءِ هن اهڙو سينٽر هت دهليءَ ۾ بہ قائم ڪيو. اسان کي ڏاڍي سٺي ماني کارايائين ڪافي دير هت رهڻ بعد پوءِ اسان هتان اُٿي دهليءَ جو مشهور لال قلعو گهمڻ وياسين ۽ ڪجهہ خريداري ڪرڻ بعد ان جڳهہ تي وياسين، جت هڪ اوپن ائير ٿيٽر ۾ هن قلعي بابت ۽ سڄي هندستان جي اسڪرين تي ڊاڪومينٽري ڏيکاريائون ۽ هڪ رُعبدار آواز ذريعي ٻڌائون تہ هندستان ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون قومون آيون ۽ جن اڄي هت حڪومتون ڪيون هن پروگرام کي ڏسڻ وارن ۾ غير ملڪي ماڻهو بہ وڏي تعداد ۾ پنهنجي فيملين سان گڏ موجود هئا، هي پروگرام ڪافي دلچسپ هو.

لال قلعو يعني ڳاڙهو قلعو. شاهجهان بادشاهہ پنهنجي ملڪ جي راجداني

آگره شهر کان منتقل ڪري دهليءَ شهر ۾ قائم ڪرڻ بعد سن 1638ع ۾ پنهنجي مخصوص محلي شاهجهان آباد جي تعمير شروع ڪرائي ڇڏي ۽ 16 اپريل 1639ع ۾ پنهنجي جهان پناهہ يعني لال قلعي جي تعمير جو سنگ بنياد نصب ڪيو. 16اپريل 1648ع ۾ يعني پورن نون سالن جي عرصي ۾ هي قلعو جڙي راس ٿيو. هن قلعي جي تعمير تي اٽڪل هڪ ڪروڙ رپيا خرچ ٿيا. ۽ قلعي اندر عمارتن تي انهيءَ رقم جو اڌ يعني پنجاهہ کن لک کپي ويا. هن قلعي جي تعمير ۾ گهڻو ڪري ڳاڙهي رنگ جو پٿر ڪم آيل آهي. تنهنڪري ان تي لال قلعو يعني ڳاڙهي رنگ وارو قلعو نالو رکيو ويو. هي قلعو اٺ ڪنڊي جي شڪل تي تعمير ٿيل آهي. منجهس اولهہ ۽ اوڀر طرف واريون ٻہ ديواريون باقي ڇهن پاسن جي ڀيٽ ۾ ڊگهيون آهن. جيڪي سندس مستطيل وانگر طوالت ڏيکارين ٿيون. قلعو اٽڪل 900 ميٽر ڊگهو ۽ 550 ميٽر ويڪرو آهي. انهيءَ قلعي جي ٻاهرئين ڪوٽ جي چوڌاري ڪل ڊيگهہ اڍائي ڪلو ميٽر کن ٿيندي. جيڪا شهر جي طرف وٽان ارڙهن ميٽر اوچي آهي. قلعي جي اترئين پاسي وٽان هڪڙي پُل ٺهيل آهي. جيڪا قلعي کي شهر جي سليم ڳڙهہ نالي محلي سان ڳنڍيندڙ آهي.

قلعي کي ڪوٽ جي ٻاهران چوڌاري هڪڙي کاهي حائل آهي. اها نديءَ سان مليل آهي. قلعي جي اڀرندي پاسي رهائشي جايون ٺهيل آهن. ۽ ٻہ ٺاڙ شاهي دروازا تعمير ٿيل آهن. جن تي نيم اٺ ڪنڊا ٽاور ٺهيل آهن. انهن مان هڪڙو لاهوري دروازو ۽ ٻيو دلي دروازو سڏجي ٿو. دلي دروازي جي ٻاهران هاٿين جا ٻہ مجسما نصب ٿيل آهن. اهي هاٿين جا مجسما هندستان جي انگريز وائسراءِ لارڊ ڪرزن سن 1903ع ۾ نصب ڪرايا هئا ڇوڙ ۾ اچي ٿو تہ انهيءَ هنڌ نصب ٿيل اصلوڪا هاٿين وارا مجسما شهنشاهہ اورنگزيب مسمار ڪرائي ڇڏيا هئا.

قلعي ۾ داخل ٿيڻ وارو مکيہ لنگهہ لاهوري دروازو آهي. جتان قلعي اندر ويندڙ رستو چِٽ سان ڍڪيل آهي. انهيءَ جي پاسن تي ڪيتريون ئي رهائش

جون جڳهيون آهن. هن هنڌ کي ڇتہ چوڪ سڏجي ٿو. اُهي اپارٽمنٽ هاڻي دڪانن طور استعمال ۾ آهن. قلعي ۾ عام رهائش جي ٻين پاڱن ۾ شهنشاهہ جا درٻاري ۽ حواري وغيره رهندا هئا.

قلعي جي هنن مکيہ دروازن تي شهنشاهہ اورنگزيب مورچہ بند چوڪيون جوڙايون هيون.

قلعي ۾ داخل ٿيڻ لاءِ انهيءَ کي ٻين طرفن وٽان ٻيا بہ دروازا ٺهيل هئا. پر اهي هاڻي بند ڪيا ويا آهن.

لال قلعي جا مکيہ معمار اسحاق احمد ۽ حامد هئا. هن تعمير جي نگراني شهنشاهہ طرفان مقرر ڪيل اعليٰ عملدارن جي حوالي هئي.

قلعي اندر گهڻين عمارتن ۾ هڪ پيرو انگريزي لشڪر اچي رهيو هو. انهيءَ لشڪر جڳهين جي پٿين تي تمام نازيبا نشان ڇاپيا هئا. تنهنڪري هندستاني حڪمرانن خلاف يلغار ۽ ملڪ تي قبضي کان پوءِ انهن بدنما داغن ۽ نشانن جي نہ ڍهي سَگهڻ سبب ڪجهہ جائين کي مسمار ڪيو ويو. مسلمان بادشاهن سوين سالن تائين هن قلعي ۾ ويهي سڄي هندستان تي راڄ ڪيو. هن پروگرام ۾ صرف آئون، مِنا ۽ ڊاڪٽر پارس هئاسين، پروگرام جي داخلا في بہ ڪافي ڳري هئي، جيڪا اسان پنهنجي کيسي مان ادا ڪئي. اسان جي هوٽل، پهاڙ گنج علائقي ۾ هئي. اسان ماني بہ هن هلائقي جي هڪ سِکَ جي هوٽل تي کاڌي. ماني ڏاڍي سٺي هئي. سڄي هندستان ۾ سِکن جون هوٽلون اِئين آهن، جيئين پاڻ وٽ ڪوئيٽا جي پٺاڻن جون شهرن ۾ عام جام هوٽلون آهن. اسان ٽيڪسي ڪري، هوٽل تي اچي آرامي ٿياسين. اسان جي رهائش واري هوٽل کان ٻاهر، پرپاسي وارين هوٽلن جا ناشتا مون کي ڏاڍا وڻندا هئا. انهن هوٽلن ۾ کاڌي جا قسمين قسمين آئٽم کائڻ لاءِ ملندا هئا. انهن ۾ دال پوري، آچار، چٽا، پورين جا بہ ڪنئين قِسم جن ۾ ننڍيون وچوليون ۽ وڏيون ڪُرڪٽيون پاپڙيون، ڪنئين قسمن جا ۽ مختلف رنگن جا حلوا، آلو پراٺا، ڇَئين پنجن قسمن جو ڏاڍيون مزيدار چٽنيون. پورين ۾ ويڙهيل ڪباب ۽ ڪڪڙ جي گوشت جون قيمون، سائوٿ جي ناشتي جا ڪئين قسم جن جا تہ پاڻ کي نالا بہ ڪونہ اچن. ناشتي ۾ رهائش واري هوٽل جي بيري کان اسان هر

روز اهو ناشتو گهرائي کائيندا هئاسين. هاڻ ته ڪراچي ڪلفٽن تي ٽين تلوار وٽ انهن ناشتي جي ڪاڏن جون هوٽلون کُليل ويون آهن. جن تي انڊيا جي انهن ناشتن کان وڌيڪ سوادي ناشتا ملن. پر جي ناشتي کي ٿورو وڌيڪ کائجي ٿو ته ماڻهو صفا سُست ٿيو پوي. تنهنڪري اهڙو ناشتو ماڻهو صرف آرتوار تي ڪري، سڀ مال کائي، ليٽي پوي. ۽ ڏينهن جو ٻپهري بلڪل نه ڪري، وري وچي رات جو ماني کائي. نه ته اسان جي پنجهتر سال عمر وارن جو پيٽ يقنياً خراب ٿي پوي. ميڊيڪل سائنس چئي ٿي ته ناشتو ضرور ڪريو اسان کي اسان جي ڏاڏي ٻن سالن جي عمر کان گهر ۾ ناشتو زوريءَ ڪرائيندي هئي. ۽ مونکي ياد ڪونهي ته آئون ڪڏهن به سڄي زندگيءَ ۾ ناشتي کانسواءِ گهر کان ٻاهر نڪتو هجان.

اسان آگري وڃڻ لاءِ به ڪوئل گاڏيون بُڪ ڪرائي ڇڏيون هيون هيءَ وڏي وڏي ڪوئل اچي اسان جي هوٽل اڳيان ڪُو ڪُو ڪري اسان کي سڏڻ لڳي، ته اسان به پنهنجو سامان سنڀالي اچي ڪوئل ۾ ويٺاسين اسانجي ڪوئل گاڏي ۾ آئون مِنا ڊاڪٽر پارس بشير موورياڻي ۽ سندس بيگم گڏ ويٺاسين ۽ ٻي گاڏيءَ ۾ ڊاڪٽر الانا، شمشير حيدري، قمر شهباز، حميد سنڌي، هدايت بلوچ ۽ شمع خيبر هئا. اسان ڪجهه جلد تيار ٿي اچي گاڏي ۾ چڙهياسين. تنهنڪري اسان تقريباً هڪ ڪلاڪ ٻي گاڏي جي اچڻ لاءِ انتظار ڪيو ٻي گاڏي جيئن پهتي تيئن اسان ڦيرايئين دهلي جي اندر پوءِ دهليءَ کان ٻاهر وڃي رهيا آهيون. ابنِ بطوطه پنهنجي ڪتاب ”ابنِ بطوطه جو سفر“ هندستان جي حصي ۾ دهليءَ تي ٻه چيپٽر لکيا آهن جيڪي ڏاڍا دلچسپ آهن. جن مان توهانکي ٻه ٽي دلچسپ حوالا ٻڌايان ٿو.

(1) هي لکي ٿو ته هن شهر ۾ ايڏيون ته وڏيون محلاتون هيون جو ڪن محلاتن ۾ هڪ هزار ٿنيا هوندا هئا.

(2) هن شهر پناهه جو سڄي دنيا ۾ ملڻ مشڪل آهي.

(3) پاڻ لکي ٿو ته شاهه بلبن بادشاهه جي وقت ۾ گدامن مان پيل ان ڪڍئون ۽ ان اناج کي نوي سال اڳ ۾ گدامن ۾ وڌئون هون. ان اناج جو رنگ ٿورو ڪارو ٿي ويو هو پر کائڻ ۽ سواد ۾ ايڏو پراڻو هوندي به ڪو فرق ڪونه آيو

آهي. (ڪتاب ابنِ بطوط جو سفر صفحو 38)
**مرتب:** عمر حسين الخشاب
**مترجم:** محمد ابراهيم عباسي

(4) شهر جي قلعي جون ديوارون ايترئون ته ويڪريون هيون جوديوارن تي سپاهي گهوڙن تي چڙهي قلعي جي نگهباني ڪندا هئا.

(5) شهر جا قبرستان اهڙا ته سهڻا هئا جو هر قبرتي گنبذ نه ته محراب ضرور آهي. سڄي قبرستان جي وچ ۾ خوشبودار وڻ يا گُل پوکيل آهن. گلن ۾ 1 گُل شنبو 2 رابيل 3 گل نسرين ۽ بياقسمين قسمين بوٽا ۽ گل پوکيل هوندا هئا. هت هڪ اهڙي مسجد آهي جنهن ۾لڳل مينار جهڙو مينار سڄي دنيا ۾ ڏگهو ڪين هوندو. هي مينار ڳاڙهي پٿر سان ٺهيل آهي. هن جي اندر جيڪا مٿي چڙهڻ لاءِ ڏاڪڻ ٺهيل آهي. انهيءَ تي هاٿي به ڏاڍي آسانيءَ سان مٿي چڙهي سگهي ٿو. ابنِ بطوط لکي ٿو ته مون کي هڪ عمر رسيده ماڻهوءَ ٻڌايو ته مون اکين سان پٿر ڪٽي مٿي چاڙهين تي چڙهندي هاٿين کي ڏٺو.

(6) هن شهر ۾ ايڏا ته وڏا به حوض آهن هڪ شهر جي وچ ۾ ۽ هڪ شهر کان ٻاهر، جن ۾ ماڻهو ٻيڙين ۾ ويهي. سير ڪندا آهن حوض جي وچ ۾ به منزلا گنبذ ٺهيل آهن ماڻهو ٻيڙين مان لهي انهن گنبذن ۾ ويهندا آهن. مطلب ته دهلي ابنِ بطوط جي وقت به ايڏو سهڻو شهر هو.

دلچسپ ڳالهه انهن سيني ۾ اها آهي ته هت نوي سالا اَنُ به گدامن ۾ محفوظ هوندو هو. اسان وٽ اڄ جڏهن جديد ٽيڪنالاجي آهي ته به هزارين ٽن اناج خراب ٿيو وڃي. يا گدامن جا رکوالا ڪروڙن روپين جو اهو اناج وڪڻيو ڇڏين اهي خبرون ٿي، وي اخبارن ۾ ڇپجن پرڪڏهن به اهڙن ماڻهن کي سزا اچي اها خبر ڪانه ڇپجي جو ته انهن ڪروڙن مان اڌ حاڪمن کي ڪارايو آزاد ٿيو وڃن.

اسان جي گاڏي جڏهن دهليءَ جي حدن مان نڪري يو. پي صوبي جي حدن ۾ داخل ٿي ته اسان کان اُن صوبي وارن هڪ هزار رپيه ٽئڪس ورتو. سڄي هندستان جا رستا اهڙا سنا ڪونه آهن. اسان پهريائين دهلي ۽ آگري وچ

۾ هڪ سٺي ۽ وڏي هوٽل ۾ ماني کاڌي ۽ ڪجهه آرام ڪيو. هت اسان کان باٿ روم ۾ داخل ٿيڻ جا به پئسا ورتئون. مون پاڪستان ۾ ڪٿ به باٿروم ۾ داخل ٿيڻ لاءِ ڪنهن کي پيسو ڪونه ڏنو آهي. هت رستي تي هڪ وڏي شگرمل جو بورڊ لڳل هو. مون چاهيو ٿي ته آئون مل وارن کان هت ڪمند جو اگهه ۽ ڪمند جي مختلف قسمن جي باري ۾ پڇان ۽ ٻي پڻ معلومات وٺان پر وفد ۾ پياهمراه مونسان متفق نه ٿيا. تهنڪري اسان هتان پوءِ ويجي هندن جي مقدس شهر متھرا ۾ بيٺاسين هت مندر جي ڪلڻ جو به هڪ ٽائيم هو. تنهنڪري اسان کي هت ڪجهه وقت مندر جي ڪلڻ جو انتظار ڪرڻو پيو. هتي وڏو خوبصورت سرن سان ٺلاءَ ٺهيل هو. جنهن ۾ چاڙهين تان لهي هيٺ ٿي لهڻو پيو. مونکي ٺلاءَ جي ٺهڻ جي جوڙجڪ ڏاڍي وڻي.

مون - مِنا ۽ ڊاڪٽر پارس هت ڪافي هڪ ٻئي جا فوٽا ڪڍيا. هن علائقي کي برج ڀومي سڏيندا آهن اهو هندن جو سڀ کان وڏو زيارت گاهه آهي. چوڻ ۾ اچي ٿو ته وشنو ڀڳوان جو اوتار رام ڪرشن هن سرزمين تي پيدا ٿيو هو. سندس اوائلي زندگيءَ جون ڪيتريون ڪهاڻيون هن خطي سان واڳيل آهن. هن پيٽيءَ کي بلڪل ويجهو ورنداوَن يا ورندابن نالي ماڳ موجود آهي. جتي ڪرشن گوپين سان راند روند ڪندو هو. ڪرشن جي پوڄارين جا هتي وڏا آستان موجود آهن.

متھرا وارو ماڳ گهڻ رُخي ثقافت سان وابسته فني مرڪز آهي. جنهن تي هندو ديو مالا جي گهري ڇاپ آهي. اهڙي ريت اهو قديم مذهبي ۽ ثقافتي مرڪز جي صورت ۾ موجود آهي. هتي ٺهيل ٻودي مذهبي عمارتن جي تعمير ۽ ٻڌمت جي تبليغ لاءِ مکيه ڪردار مهاراجا اشوڪ سرانجام ڪيو. يورپي سياح ٽالمي ۽ چيني سياحن فاهيان ۽ هيون سانگ متھرا جي ٻوڌي تعليمي ۽ تبليغي مرڪزن جو ذڪر ڪيو آهي.

سن 1017ع ۾غزنيءَ جي جنگي سردار محمود غزنوي متھرا تي حملو ڪيو. اورنگزيب هتي مسجد اڏائي سن 1757ع ۾ احمد شاهه ابداليءَ متھراجي شهر تي ڪاهه ڪئي.

متھرا ۾ جنم ڀومي نالي هنڌ وٽ هڪڙي ننڍي ڪوٺي ٺهيل آهي.

جنهن ۾ هڪڙو پٿر رکيل آهي. چوڻ ۾ اچي ٿو تہ اٽڪل 3500 سال اڳي رام ڪرشن ان پٿر تي ڄائو هو. ان پٿر جي وڏي عقيدت سان پوڄا ڪئي وڃي ٿي. ڪيترا ان پٿر تي سيس گسائيندا آهن. تہ گهڻا ان کي چمندا بہ آهن روايت موجب رام ڪرشن جو هن سَنسان هنڌ تي پيدا ٿيڻ جو سبب اهو هو تہ ان وقت ۾ ظالم حاڪم ڪانسا سندس مائٽن کي قيد ڪري رکيو هو.

جنم پوميءَ کان سؤ کن ميٽرن جي مفاصلي تي هڪڙي ٻئي مقام کي پڻ جنم پومي ڪري ليکين ٿا. ان جي پر ۾ پوتڙا ڪُنہ نالي ماڳ آهي جتي ننڍڙي ڪرشن جا ڪپڙا ڌوپندا هئا.

متراشهر مان وهندڙ جمنا نديءَ تي شهر جي ڪيترن ئي هنڌن تي گهاٽ ٺهيل آهن. وشرام گهاٽ غسل لاءِ سڀ کان وڌيڪ اهميت جو حامل آهي ڇو تہ چون ٿا تہ ظالم بادشاهہ ڪانسا کي مارڻ کان پوءِ رام ڪرشن هن گهاٽ تي اچي آرامي ٿيو هو.

وشرام گهاٽ جي پرسان ستي برج نالي هڪڙو چار طبق مينار جئپور جي راجا بهاري مل جي پٽ پنهنجي ماءُ جي يادگار طور سن 1570ع ۾ اڏايو هو.

امبر جي راجا مانسگهہ ڪانس قلعو درياءَ جي ڪپ تي اڏايو هو. هتي واري جامع مسجد ابو نبير خان 1661ع ۾ ٺهرائي هئي. گواليار جي سيٺ گوڪلداس هتي سن 1814ع ۾ دوارڪا ديس مندر اڏائي رام ڪرشن کي منسوب ڪيو. هي مندر اڄڪلهہ مترا جو سڀ کان وڌيڪ اهميت جو حامل مندر سڏجي ٿو.

هتي قائم ڪيل آرڪيالاجيڪل ميوزيم پڻ ڏسڻ وٽان آهي. جتي متراجا ڪيترائي نوادرات ۽ عجائبات نمائش خاطر آويزان آهن.

ورنداون ۾ ٺهيل گووند ديو مندر هڪڙي دل پذير عمارت آهي. گووند لفظ جي معنيٰ آهي ڳئون چاريندڙ يا ڳنوار يعني ڪرشن جيڪو ڳئون چاريندو هو. اتر هندستان ۾ هي مندر تمام وڏي اهميت رکي ٿو. اهو مندر راجا مانسگهہ سن 1590ع ۾ جوڙايو هو.

رنگ جي مندر سن 1851ع ۾ تعمير ٿيو. ان جي تعمير ۾ گهڻن ئي قسمن جون اڏاوتون نظر اينديون, جهڙوڪ وراندو اطالوي طرز تعمير, مکيہ دروازو

راجپوت طرز جو باقي حصن ۾ بہ ڏکڻ هندستان جي طرز تعمير اختيار ڪيل آهي. گيٽ وٽ مورتين جو ناٽڪ ڏيکاريو ويو آهي. جنهن ۾ رامائڻ ۽ مهاڀارت جي ديومالا پيش ڪئي وئي آهي. هن مندر ۾ غير هِندُن کي اندرين ڀاڱن ۾ داخل ٿيڻ جي منع ٿيل آهي.

هتي ٻيا بہ ڪيترائي ننڍا ننڍا مندر اڏيل آهن. جن ۾ بابڪي بهاري، مدن موهن، پاگل باب ۽ ندي وان وغيره مندر اچي وڃن ٿا. انٽر نيشنل سوسائٽي آف ڪرشنا ڪانشسنيسِ international society of kirshna conseiousness نالي عالمي هندو جماعت جو هندستان وارو دفتر متُرا ۾ قائم آهي. جتي هن سوسائٽي وارن ڪرشن بالا رام نالي مندر ۽ مقبرو اڏي هن پنٿ جي باني سوامي پربوپد جي يادگار قائم ڪئي آهي. هر سال هن پنٿ جا پوئلڳ ساري دنيا جي ملڪن مان کهي اچي هتي ٿيندڙ مذهبي رسمن ۽ مجلسن ۾ شريڪ ٿيندا آهن. پارس ۽ مِنا هت بہ ڪيترائي فوٽو ڪڍيا. اسان ٻنپهرن جي ماني هت کاڌي ۽ بہ ٽي ڪلاڪ هت رهڻ کان پوءِ "میا موری میں نے ہی ما کہن کہایو" گانو دل ٿي دل ۾ جهونگاريندا دهليءَ ويندڙ شاهراهہ تي چڙهي دهليءَ روانا ٿي وياسين.

اسان اتر پرديش صوبي جي سرسبز آباد ٻنين، جن ۾ ڪيترن ئي قسمن جا فصل پوکيل هئا. هيڏن سُٺن فصلن جا هاري بہ خودڪشي ڪن.! هندستان جو هاري دنيا اندر زياده ۾ زياده تعداد ۾ خودڪشي ڪري هندستاني پنجاب ۾ تہ هر اٺن ڪلاڪن ۾ هڪ هاري قرض نہ ڏيڻ ڪري خودڪشي ڪري. پاڪستان ۾ ماڻهو خود ڪشي ڪن پر ايڏي وڏي تعداد ۾ خودڪشي مون ڪونہ ٻڌي خاص ڪري هارين جي خودڪشي مون ڪونہ ٻڌي خاص ڪري هارين جي خودڪشي جي ڳالهہ تہ مون ڪڏهن بہ پاڪستان جي اخبار ۾ ڪانہ پڙهي آهي. تازو اخبار ۾ خبر پڙهيم تہ اميتاب بچن پنج ڪروڙ رپيا مختلف بئنڪن کي ڏيئي ڪيترن هارين جي زندگي بچائي ورتي. اها تقريب ٿي، وي تي بہ ڏيکاريائون ماڻهن کي بئنڪ ڪليئرس جا ليٽر اميتاب بچن جي ڏيءَ هن تقريب ۾ ڏئي رهي هئي سلمان خان پنهنجي ڪمائي مان نوي سيڪڙو خيرات ڪندو آهي مون دنياجا 46 ملڪ گهمي ڏٺا آهن پر منهنجو

پنهنجو رايو آهي تہ زراعت ۽ سياحت جا سٺا مرڪز جيڪي پاڪستان ۽ هندستان ۾ آهن سي شايد ئي دنياجي ڪنهن ملڪ ۾ هجن. آمريڪا ۽ جپان ۽ ٻيا بہ ڪيترا ئي ملڪ جيڪي زراعت تي صرف بہ چار پرسنٽ خرچ ڪن سي پنهنجي ضرورت کان وڌيڪ اناج پيدا ڪن ۽ ٻين ملڪن کي بہ اناج وڪرو ڪن. جڏهن تہ هندستان ۽ پاڪستان ۾ تہ ستر سيڪڙو ماڻهو زراعت سان ڳنڍيل آهن پر تڏهن بہ ڪنهن سال ٻئي اناج ٻاهران گهرائين اهڙي طرح سان هندستان ۽ پاڪستان ۾ سياحت جو بہ تمام وڏو اسڪوپ آهي. هندستان ۾ هاڻ سياحت ڪافي زور وٺي رهي آهي. پاڪستان ۾ انگريز دؤر حڪومت ۽ سڪسٽيز تائين تمام گهڻي سياحت هئي، پر هاڻ پاڪستان ۾ سياحت انڊسٽري تہ بلڪل ختم ٿي وئي آهي. نہ تہ پاڪستان جي هر صوبي ۾ آثار قديمہ، هِل اسٽيشن، درياهن ۽ ڍنڍن جو تہ ڄڻ هڪ ڄار وڇايو پيو آهي. سنڌ ۾ آثار قديمہ جي لحاظ سان موهن جي دڙي وٽ ميوزيئم آهي. ان کان سواءِ ڪوٽڏيجي، ڀنڀور، مڪلي، رني ڪوٽ دنيا جون وڏيون ڍنڍون، منڇر، اڙل، ڪينجهر، سونهريءَ، هاليجي، لاڙڪاڻي ۽ سجاول ضلعي ۾ شڪار لاءِ ڍنڍن جو تہ ڄڻ ڪو ڇيهہ ئي ڪونهي. انهن ۾ دنيا جا ڪيئين سربراهہ شڪار ڪري ويا آهن. تنهنڪانسواءِ دادو ضلعي ۾ ڪئين حسين هل اسٽيشنس ۽ برسات ۾ ڪارونجهر جبل ڪئين قدرتي چشما ۽ سڄي سنڌ وچان وهندڙ سنڌو درياه ۽ ان جي ڪچي وارو علائقو ۽ سنڌ جو حسين ساموندي ڪنارو پاڪستان جو ناردرن علائقو تہ يورپ کان بہ وڌيڪ سُنو سهڻو ۽ وڻندڙ آهي. پر پنهنجي ملڪ ۾ مٿئين کان هيٺئين ليول تائين انتها درجي جي رشوت ستانيءَ کانسواءِ ماڻهن جو ٻي ڪنهن ڳالهہ ڏانهن ڌيان ئي ڪونهي.

سڄي ملڪ جي هر ماڻهوءَ جو ڌيان ناجائز دولت ڪمائڻ ڏانهن آهي. ڪي ماڻهو پاڻ کي پوتي پاڪ ڪري پيش ڪندا آهن. پر منهنجو تجربو آهي تہ انهن کي موقعو ڪونہ مليو ناجائز دولت ڪمائڻ جو. تڏهن ٿا اهڙيون ڳالهيون ڪن. ناردرن علائقن ۾ سوات وادي، ناراڻ، ڪاغان گلگت، اسڪردو، ڍنڍ سيف الملوڪ، چترال ۽ ٻيون ڪيتريون ناردرن علائقن جون خوبصورت جڳهيون ڏاڍيون سرسبز گل و گلزار ۽ من موهيندڙ ۽ حيران ڪن حسن رکن

ٿيون پراُت جو انفرا اسٽرڪچر، سيڪورٽي ۽ ترقي بين الاقوامي اسٽينڊرڊ جي ڪانهي. تنهن هوندي بہ سڄي پاڪستان جا سياح لکن جي تعداد ۾ اُت اچن. پر غير ملڪي ايڪڙ ٻيڪڙ ئي هوندو. دنيا اندر سياحت تي مختلف ملڪن سياحن کي پنهنجي ملڪ ڏانهن متوجهہ ڪرڻ لاءِ ڪيترائي ٽڪساٽ ڪيا آهن. جيئن لاس اينجلس ۾ ڊزني لينڊ، يونيورسل اسٽوڊيو لنڊن ۾ لنڊن آئي پئرس ۾ يورو ڊزني ۽ايفل ٽاور اسپين ۾ ٻُل فائيٽ دبئي ۾دبئي فيسٽيول هنن ملڪن پنهنجي سامونڊي ڪنارن تي سياحت لاءِ مختلف سهولتون مهيا ڪيون آهن.

تازو انگلينڊ وارن هڪ بحري جهاز تيار ڪرايو آهي جنهن ذريعي مسافر، دنيا جا ٽيونجهاهہ ملڪ، هڪ سئو يارهن سامونڊي ڪنارا ۽ ڇهہ کنڊ گهمندا، هي جهاز سياحن کي 245 ڏينهن سير ڪرائيندو. هي جهاز اٽليءَ جي ڪمپنيءَ ٺاهيو آهي. جهاز ۾ اٺ هوٽلون بہ وڏا سوئمنگ پول آهن، هن جهاز جو پاڙو هڪ ماڻهو جو هڪ ڪروڙ ڇٽيهہ لک آهي. هن بحري جهاز ۾ هڪ ئي وقت 930 ماڻهو سفر ڪري سگهندا. جهاز اڃان ٺهي پيو پرجهاز سفر جي شروعات انگلينڊ جي سامونڊي بندر ڊوور کان شروع ڪندو. هي حڪومتون جيترو خرچ ڪن ٿيون، ان کان سوين دفعا وڌيڪ ڪمائين ٿيون، ڪن ڪن ملڪن جي آمدني سواءِ سياحت جي دولت جي ٻيو ڪجهہ بہ ڪونهي. ترڪيءَ جي ساليانی سياحت مان ڪمائي چاليهہ بلين ڊالر آهي. ۽ ملائيشيا جي سياحت مان ساليانی ڪمائي ويهہ بلين ڊالر آهي. ۽ وينس شهر جي آدمشماري ستر هزار آهي. پر صرف هڪ سال ۾ هت گهمڻ لاءِ بہ ڪروڙ ماڻهو اچن. اسان تقريباً ڇئين بجي ڏاري آگري شهر ۾ داخل ٿياسين، هي شهر هينئر صرف ضلعي هيڊ ڪوارٽر آهي. ماڻهو هت صرف تاج محل ڏسڻ اچن. پر مغل بادشاهہ ظهيرالدين بابر جڏهن صرف ايڪيهہ هزار سپاهين سان 1517ع ۾ سلطان ابراهيم لوڌيءَ سان پاني پٽ جي ميدان تي جنگ جوٽي، تڏهن ابراهيم لوڌي وٽ هڪ لک لشڪر ۽ هڪ سئو هاٿي هئا. بابر بادشاهہ جنگ کٽڻ کان پوءِ آگري کي گاديءَ جو هنڌ مقرر ڪيو. بابر پنهنجي آتم ڪٿا بابرنامہ لکي جيڪا اڄ بہ سڄي دنيا ۾ مشهور ڪتاب آهي. مونکي جيڪي چند آتم

ڪتائن جا ڪتاب پسند آهن تن ۾ بابر بادشاهہ جي هي آتم ڪٿا بہ شامل آهي. آگره 1638ع تائين مغلن جي گاديءَ جو هنڌ رهيو. هت مغلن جو قلعو موتي مسجد ۽ درياءَ جمنا جي ڪپ تي تاج محل ٺهيل آهي. آگرو دهليءَ سان ريل رستي ۽ روڊ رستي ڳنڍيل آهي. هت جيڪا دهلي آگره وچ ۾ ريل هلي ان جو نالو بہ تاج ايڪسپريس آهي. مغل بادشاهہ اڪبر هن شهر کي پنهنجي دؤر ۾ خوب سنواريو سينگاريو. 1803ع ۾ انگريزن هن شهر تي قبضو ڪيو هن کي صوبائي دارالحڪومت ٺاهيو. هينئر بہ هي شهر هندستان جي زراعت ۽ تجارت جو مکيہ مرڪز آهي. اسان تقريباً اڌ ڪلاڪ شهر مان گهمندي ڦرندي اچي تاج محل ٻاهران باغ اندر پارڪنگ ۾ پنهنجي گاڏي بيهاري ۽ ٽڪيٽ ورتيسين.هت مقامي ماڻهن لاءِ سستي ٽڪيٽ هئي پر غير ملڪي ٽڪيٽ مهانگي آهي.مورياڻي ۽ سندس بيگم ٽڪيٽ بہ غير ملڪي ڪائونٽر تان ورتي جيڪا اٺ سئو رپيا هڪ ماڻهو هئي. ۽ اسان جي پاڪستاني وفدجي باقي ميمبرن صرف ويهہ روپين واري ٽڪيٽ ورتي تاج محل تمام وڏي ايراضيءَ تي ٺهيل آهي. جنهن ۾ مسافرن جي لاءِ سراءِ ۽ ان ۾ ڪئين ڪمرا تاج محل اڳيان هڪ وڏو باغ جيڪو ڪيترن ايڪڙن ۾ ڦهليل آهي. ان اندر تمام وڏا ۽ سُنا ڦوهارا لڳل آهن. باغ جي وچ ۾ هڪ تمام وڏو پاڻيءَ جو حوض تاج محل جي ٻنهي پاسي ٻيون جڳهيون ۽ ڳاڙهي پٿر سان هڪ تمام وڏي مسجد ٺهيل آهي. تاج محل مون کي ايڏو خوبصورت ڪونہ لڳو. جيڏو اهو منهنجي ذهن ۾ هو. شايد سالن جي تاج محل جي واکاڻ تي اهو پورو ڪونہ لٿو. مون کي هن کان استنبول جي بلومسجد وڌيڪ پرڪشش ۽ پر وقار لڳي. تاج محل عمارت زمين کان پندرنهن ويهہ فوٽ مٿي ٺهيل هئي. اسان تاج محل جي اندران ۽ ٻاهران ڪافي فوٽو ڪڍيا. تاج محل هندستان جي مغل شهنشاهہ شاهجهان طرفان سندس محبوبہ راڻي ممتاز محل جي تربت تي تعمير ٿيل مقبري جو نالو آهي. جنهن کي پنهنجي تعميراتي سونهن سبب اجا تائين ڪا شهہ ڪانہ آئي آهي ۽ پنهنجي حسن ڪمال ۾ اڄ بہ يڪتا آهي. اهو پوري دنياجي چوٿيءَ وارن اٺن عجوبن مان هڪڙو چاڻايو ويو آهي.

تاج محل مڪمل طور سفيد سنگمرمر جو ٺهيل آهي، تنهنڪري

چوڏهين رات جي سهائي دوران سندس تجلو ۽ جرڪو عجيب نوراني ڪيفيت برپا ڪريو ڇڏي. ڪوهيڙي واري صبح دوران جمنا نديءَ جي مخالف ڪناري وٽان اهو فضا ۾ ترندو محسوس ٿيندو آهي.

ڪي ماڻهو هن حسين مقبري کي شاهجهان بادشاهه جي خواب جي تعبير سمجهن ٿا، ته ڪجهه احباب سخن انهيءَ کي سنگمرمر سان لکيل مرثيو Elegy in marble تصور ڪن ٿا. راڻي ممتاز محل جي قبر مقبري جي هيٺين حصي ۾ موجود آهي، شاهجهان جي قبر پڻ پوءِ انهيءَ جي پرسان ئي جوڙي وئي.

تاج محل جي تعمير ٻاويهن سالن ۾ مڪمل ٿي. انهيءَ ڪم ۾ ڪاريگرن سميت ويهن هزارن مزدورن لڳاتار پورهيو ڪيو. تاج محل تي ڪروڙ ويهه لک رپين جي خرچ سان سن 1648ع ۾ جڙي راس ٿيو. تعمير جي دستاويزن مان معلوم ٿيو ته هن جو اڳواڻ ڪاريگر وقت جي اسلامي عمارتسازيءَ جو ماهر ” استاد عيسيٰ “ هو جيڪو ايران کان خصوصي طور گهرايو ويو هو. دهلي، قنوج، لاهور ۽ ملتان جا مهان ڪاريگر به سندس نگرانيءَ ۾ هن ڪم ۾ شامل هئا. تنهن کان سواءِ بغداد، شيراز ۽ بخارا جا وڏا ڪاريگر به هن جي اڳواڻي ۾ تعمير ۽ تدوين جي ڪم ۾ مشغول هئا.

هي مقبرو اصل ۾ هڪ شاهي منصوبي جو فقط هڪ ڀاڱو آهي. ان عظيم منصوبي ۾ شاهي دروازو عاليشان باغ ڪاٻي طرف تي نهيل مسجد ساڄي طرف مهمان سراءِ ۽ ٻيون ڪيتريون ئي شاندار عمارتون شامل آهن.

تاج محل هن عظيم تعميراتي منصوبي جي بلڪل اندرئين دنگ تي اڏيل آهي. جنهن جي پويان جمنا ندي پئي وهي. تاج محل واري باغ ۾ چار وڏا تلاءَ نهيل آهن، انهن مان هر هڪ تلاءَ ۾ وڏيڪ چار تلاءَ نهيل آهن. ۽ انهن ننڍن تلائن مان به هرهڪ ۾ اجان به ٻيا چار تلاءَ نهيل آهن، اهي عربي طرز تعمير موجب نهيل آهن.

آگرو شهر سورهين ۽ سترهين صديءَ جي اڌ تائين مغل سلطنت جي راڄڌاني ٿي رهيو. اهو هن وقت دهليءَ کان ايڪسپريس ريل گاڏيءَ وسيلي ڏيڍ ڪلاڪ جي پنڌ تي آهي. سڄي دنيا مان ڪهي ايندڙ سياح ۽ سيلاني توڙي

اڪابر انسان آگري واري ڦتل قلعي ڪي ڏسڻ لاءِ نہ پر فقط هتي اڏيل عالمي تعميراتي عجوبي تاج محل جي ڏسڻ لاءِ ايندا آهن.

شاهجهان راڻي ممتاز محل سان سن 1612ع ۾ شادي ڪئي، هيءَ سندس ٻي زال پر حقيقي رفيق حيات، محبوبہ ۽ سياسي توڙي سماجي صلاحڪار هئي، ڪيس انصاف،رعيت تي رحم ۽ مسڪينن جي مدد لاءِ آماده ڪيائين. هوءَ هميشہ ساڻس گڏ هوندي هئي، ايتريقدر جو جنگي مهن دوران بہ ساڻس گڏ رهندي هئي. ممتاز محل مان بادشاهہ کي ڪُل چوڏهن ٻار پيدا ٿيا. هوءَ برهانپور ۾ فسادن کي روڪڻ لاءِ جنگي مهم دوران بہ بادشاهہ سان گڏ هئي، جتي سندس چوڏهون ٻار ڄڻڻ بعد وفات ڪيائين. وفات کان اڳ ۾ بادشاهہ کان چئن ڳالهين جو وچن ورتائين.

1. بادشاهہ راڻيءَ جي قبر تي مقبرو جوڙائيندو.
2. بادشاهہ اجان بہ هڪڙي شادي ڪندو.
3. بادشاهہ پنهنجي اولاد تي مهربان رهندو.
4. بادشاهہ راڻي جي ورسيءَ جي موقعي تي سندس مقبري تي ايندو.

بادشاهہ انهن مان بہ وچن پاڙيا، هڪ تہ مقبرو جوڙيائين ۽ ٻيو تہ ممتاز محل جي وفات کان پوءِ بہ شادي ڪيائين.

بادشاهہ کي پنهنجي محبوب راڻيءَ جي موت صفا ملول ۽ مغمُومِ ڪري گهائي وڌو. چند مهينن ۾ سندس ڏاڙهي بلڪل سفيد ٿي وئي ۽ پاڻ نهايت ڳري ويو.

راڻيءَ سان سندس حقيقي پيار کي دائمي طور برقرار رکڻ لاءِ بادشاهہ واقعي تاج محل کي دائمي پيار جي سچي علامت طور اڏائڻ ۾ ڪوڏيءَ جي ڪسر بہ ڪانہ ڇڏي! اهوئي سبب آهي جو تاج محل اجان تائين دنيا جي محلن جو تاج ليکيو وڃي ٿو. انهيءَ تعميراتي سونهن ۽ نزاڪت کي ڏسي ماڻهو حيرا ن ٿيڻ کان نٿو بچي، ڪيترن ئي ماڻهن ۾ اها ڳالهہ هلندڙ آهي تہ ةاج محل جو نقشو جنن ۽ ديون جوڙيو ۽ اهو سونارن زيورن وانگر گهڙيو هو.

مقبرو سفيد سنگمرمر جي چورس چبوتري جي وچ تي ٺهيل آهي ۽ ڪنڊن تي چار عاليشان مينار اٿس. مقبري جي مکيہ گنبذ هينان راڻيءَ جي

تربت کي هيرن ۾ جواهرن جي جڙاءَ جو حسن جادوءَ وانگر اثر ڪندڙ آهي، مقبري جي سموري تعمير ۾ نسواني حسن طور تعميراتي جمال جي ڪمال، هن مقبري کي روءِ زمين تي اڏيل محل محلاتن جو واقعي تاج بنائي ڇڏيو ۽ معروضي دُوام بخشيو جنهن ۾ باقي ڪابہ شيءَ شامل يا منجهانئس خارج ڪري نٿي سگهجي، مقبري تي رکيل ڪتاب ۾ دنيا جي سربراهن جا ڏاڍا دلچسپ تاثر لکيل آهن جيڪي ڪوشش ڪري ضرور پڙهڻ گهرجن.

انگلينڊ جي راڻيءَ تاثر ۾ لکيو آهي تہ منهنجو مڙس جي مون کي يقين ڏياري تہ منهنجي مرڻ کان پوءِ مون تي اهڙوئي مقبرو نهرائيندو تہ آئون اج ئي مرڻ لاءِ تيار آهيان.

آمريڪا جي صدر آئزن هاور لکيو آهي تہ مون کي عجب آهي تہ هي هيڏو سارو مقبرو آمريڪا جي امدادکان سواءِ ڪيئن ٺهيو!

تاج محل جي اندرئين ڏيک کان ٻاهريون ڏيک وڏيڪ وڻندڙ ۽ روح کي تسڪين ڏيندڙ ۽ پروقار آهي، تاج محل متعلق ڪيترن ئي وڏن شاعرن ڪنئين شعر لکيا آهن ساحر لڌيانوي جو تاج محل تي لکيل شعر ڪجهہ هن ريت آهي.

ایک شہنشاہ نے دولت کا سہارا لے کر
ساری دنیا کی محبت کا اڑایا مذاق

ان شعر جي جواب ۾ ٻئي هڪ شاعر لکيو آهي تہ:

ایک شہنشاہ نے بنواکے حسین تاج محل
ساری دنیا کو محبت کی نشانی دی ہے

تاج محل تي جيترا شعر لکيل آهن شايد ئي ٻئي ڪنهن مقبري يا مڪان تي ايترا شعر لکيل هجن، تازو اتر پرديش جي بي. جي، پي، جي حڪومت تاج محل جو نالو تاريخي ورثي وارين جڳهين ۾ قومي ورثي وارين

عمارتن مان خارج ڪري ڇڏيو آهي. هندستان ۾ بمبئي جي پهريون نمبر هوٽل جو نالو بہ تاج محل لاهي تاج پريذيڊنٽ هوٽل ڪري ڇڏئون آهي.

ڊاڪٽر مبارڪ علي پنهنجي آتم ڪٿا ۾ لکيو آهي تہ انگريزن جي دؤر حڪومت ۾ جڏهن يورپ ۾ سنگمرمر پٿر جو اگهہ تمام گهٽو وڌي ويو تہ پوءِ وائسراءِ جي وقت ۾ انگريزن هندستان جي ڪيترن ئي محلن محلاتن تان سنگ مرمر لهرائي يورپ ۾ وڪيو ۽ ڪيتري دولت ڪمائي، هنن جو ارادو تاج محل تان بہ سنگ مرمر لهرائي وڪڻ جو هو. ان لاءِ مشنري بہ آگري ۾ تاج محل اڳيان پهچي وئي پر اوچتو اوچتو يور پ مارڪيٽ ۾ سنگمرمر جو اگهہ صفا ڪري پيو پوءِ انگريزن هن مٿان سنگمرمر لهرائڻ جو ارادو بدلائي ۽ مشينري واپس موڪلي ڇڏي.

اسان سڄي ڏينهن جي مسافري ۽ شديد گرمي ڪري صفا ٿڪي پيا هئاسين. سو اسان اسانجي رهائش جي هوٽل ڏانهن روانا ٿي وياسين، جنهن جي بڪنگ اسان اڳ ئي ڪرائي ڇڏي هئي، هوٽل جو نالو اپولوAPOLO هو. هوٽل جا ڪمرا ايئرڪنڊيشن هئا. اسان شاور وٺي ڪجهہ دير آرام ڪري پوءِ شهر گهمڻ نڪتاسين، آگري شهر ۾ مسلمان وڏي تعداد ۾ رهندا آهن ۽ انهن جا ڪافي دڪان ۽ ڪارخانا آهن، آگري ۾ اسان ڪجهہ خريداري لاءِ ٻئن مسلمانن جي دڪانن تي وياسين انهن اسان کان پڇيو تہ توهان پاڪستان مان آيا آهيو. اسان کين ها جواب ڏنو تہ پاڻ اسان کي ڏاڍي عزت ڏنئون حال احوال ورتائون ۽ چانهہ پيارئون ۽ رات جي ماني جي سندن گهر دعوت ڏنائون.

اسان کي اسان جي ادبي ڪانفرنس جي ميزبانن کان هنن ماڻهن وڏيڪ پيار سڪ محبت هن رتيءَ جي رهاڻ ۾ ڏني، خبرن خبرن ۾ اسان کي چئون تہ هي علائقو آگري جو مهانگي ۾ مهانگو آهي توهان فلاڻي علائقي ۾ وڃي خريداري ڪريو تہ اُت هر شيءَ توهان کي سستي ملندي.

اسان رات جي ماني بہ ٻاهر هڪ هوٽل تي کاڌي، اسان جڏهن انڊيا ويا هئاسين 2004ع ۾ تڏهن موديءَ جي حڪومت ڪانہ هئي، هاڻ موديءَ جي حڪومت بي، جي، پي جي غنڊن جي حوالي ٿي وئي آهي. هر روز مسلمانن لاءِ

گهيرو تنگ ڪندي وڃي، مون ڏٺو آهي تہ هندستان ۽ پاڪستان جي ماڻهن جي دوستي ٿي نہ ٿي سگهي، ڇو تہ ٻنهي جي سوچ هڪ ٻئي جي خلاف نفرتن تي قائم آهي، ۽ هندو مسلمانن کان وڌيڪ مذهبي ڪٽر پٽي جو شڪار آهن.

جنهن جو مثال سنڌي هندن طرفان سيني سنڌي مسلمانن کي ”ڇٽ“ ڪري ڇوڙڻ آهي اهو بہ تہ هڪ قسم جو نفرت جو اظهار آهي، آغا سليم پنهنجي هندستان جي سفر نامي جهولي لال جي صفحي 46 تي لکي ٿو تہ جڏهن سنڌ ۾ انگريزن جي حڪومت قائم ٿي تہ هندن کي پراڻو پلئو ڪرڻ جو وارو ملي ويو. هندن مسلمانن جي پئسي جي زور تي نوڪرين توڙي واپار ۾ معاشي ناڪابندي ڪئي ۽ مسلمانن جون جايون ٻنيون گروي رکي وياج ۾ ڦٻايون ۽ کين شهرن مان ڌڪي ڪڍي ڇڏيو تہ هو تعليم ۽ واپار کان هميشہ لاءِ ڌڪجي پري ٿي ويا.

اسان دير سان پنهنجي آگري واري هوٽل ۾ اچي آرامي ٿياسين، صبح سوير تاج محل اڳيان ورتل سنگمرمر جي سامان  کي چڱي طرح پيڪ ڪري ٿيلهي ۾ بند ڪري پوءِ ناشتو ڪري آگري جي گهٽين مان هلندا اچي آگري جي پراڻي قلعي تي پهتاسين، اسان اُتي ڪافي فوٽا ڪڍيا، پوءِ هي پڳل قلعو ڏٺو هن قلعي کي اڪبر جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو هي قلعو سورهين صديءَ ۾ اڪبر بادشاهہ جي رهائش لاءِ ٺهرايو ويو هو جيڪو درياءَ جمنا جي ڪناري تي ٺهيل آهي، هي قلعو تڏهن ٺهيو جڏهن آگره مغل شهنشاهت جو گاديءَ جو هنڌ هو هن قلعي کي1983 کان U.N.O طرفان ورلڊ هيريٽيج ۾ شامل ڪيو ويو هن قلعي کي ٺهڻ ۾ اٺ سال لڳا، هن قلعي جي خاص ڳالهہ جهانگير جو محل آهي جيڪو بہ اڪبر پنهنجي پٽ لاءِ ٺهرايو هو هي محل بادشاهہ جي محل کان بہ وڏو ۽ سٺو محل آهي، هت ٺهيل موتي مسجد شاهجهان بادشاهہ ٺهرائي هئي. بادشاهہ جي ويهڻ لاءِ شاهي تخت جيڪو پوءِ اورنگزيب ڪڻائي دهليءَ جي قلعي ۾ وڃي لڳايو هن قلعي اندر ٻيا بہ ڪيترا محل جن ۾ شاهجهان طرفان سندس پياري راڻيءَ ممتاز جو محل بہ هو جنهن تي ئي پوءِ شاهجهان تاج محل ٺهرايو جنهن تي آئون اڳ تفصيل سان لکي چڪو آهيان

هي ساڳوڻو قلعو آهي جنهن ۾ تخت تي ويهي شاهجهان بادشاهه حڪومت ڪئي، اهوئي قلعو يارهن سال شاهجهان بادشاهه لاءِ جيل به هو جت پاڻ اورنگزيب جي وقت ۾ قيدي ٿي رهيو. يعني 1655ع کان 1666ع تائين جيسين وجي پاڻ هت جيل ۾ ئي وفات ڪئي اسان قلعي کان پوءِ فتح پور سڪري روانا ٿياسين، جيڪو آگري کان 23 ميلن جي مفاصلي تي آهي، هندستان ۽ پاڪستان ۾ ماڻهو مغلن جي ناهيل قلعن ۽ محلن مسجدن ڏانهن گهمڻ وڃن' جيئن اسان هت قطب مينار لال قلعو فتح پور سڪري تاج محل ۽ آگرو ڏسڻ وياسين، پر هت هڪڙي به اهڙي انگريزن ۽ هندن جي يادگارجڳهه نهيل ڪانه هئي جنهن کي اسان ڏسڻ وڃون. جڏهن ته انگريزن به سڄي هندستان تي سوين سال حڪومت ڪئي، پر انگريزن هتان ڪمائي انگلينڊ کي ناهيو پر مغلن مڙي به پنهنجو اصل ملڪ ڪونه ڏنو هت مئا ۽ هت ئي دفن ٿيا.بابر کان وٺي آخري مغل بادشاهه بهادر شاهه ظفر تائين هو دفن ته قيدي جي حيثيت ۾ برما ۾ ٿيو پر شعرن ۾ هي بيت به هندستان ۾ دفن ٿيڻ لاءِ چيو ويو ته

اتنا ہے بد نصیب ظفر کہ دفن کے لئے،
دو گز زمیں بھی نہ ملی کوئے یار میں !

پر انگريزن هتان هيرا جواهر يعني ڪوهنور هيرو به کڻي وڃي انگلينڊ جي راڻيءَ جي تاج ۾ هنيو. پر پاڻ هتان لاش به کڻي يعني مميز مصر مان کڻي وڃي انگلينڊ جي ميوزمن ۾ رکئون ۽ اڄ به انهيءَ جي ڏسڻ جي ٽڪيٽن مان حاصل ڪروڙين رپيا ڪمائين. ۽ انهن کي ڏسڻ اڄ به سياح مصر نه پر لنڊن وڃن راڻيءَ جي تاج ۾ لڳل اهو ڪوهنور هيرو به هاڻ ٽاور آف لنڊن ۾ رکيل آهي، جنهن کي مون ۽ مِنا به لنڊن م ڪيترا ڀيرا ڏٺو آهي.

ڪلديپ نيئر پنهنجي آتم ڪٿا ڪتاب ۾ لکيو آهي ته انگريزن جو خيال هو ته اسان جن جن ملڪن کي جيئن جيئن فتح ڪيو، تيئن تيئن اسان انهن ملڪن کي آزادي ڏئي، هتان هليا وڃون، يعني سنڌ، پنجاب، بينگال ميسور ۽ گجرات کي هڪ جدا جدا آزاد ملڪ جي حيثيت ۾ آزاد ڪري هليا

وچون، جيئن هينئر رشيا پنهنجي سيني فتح ڪيل ملڪن کي پاڻ کان جدا ڪري عليحده عليحده ملڪ ٺاهي يعني يوڪرين، ازبڪستان، قازڪستان، آذربائيجان ۽ ٻين ملڪن کي جدا جدا آزاد ملڪن جي حيثيت سان آزاد ڪري پاڻ هتان فوجين سميت نڪري هليو ويو. رشيا جي هتان نڪري وڃڻ ڪري پنج نوان مسلمان ملڪ ڌرتيءَ جي گولي تي قائم ٿي ويا، هاڻ سڄي دنيا جا ماڻهو اُت دنيا جا مشهور شهر ثمرقند بخارا باڪو ۽ ٻيا ڪيترا شهر ڏسڻ وڃن، جڏهن رشيا انهن سيني ملڪن ۾ راءِ شماري ڪرائي ته يورپ جي سيني عيسائي ملڪن راءِ شماري ۾ رشيا کان عليحدگي جي حق ۾ فيصلو ڏنو پر سيني مسلمان ملڪن راءِ شماريءَ ۾ روس سان گڏ رهڻ جي حق ۾ پنهنجي راءِ جو اظهار ڪيو انهن ملڪن جو مؤقف آهي ته اسان وٽ ايڏي تعليم ۽ ترقي ڪڏهن به ڪانه ٿئي ها جيڪا روس جي انقلاب کان پوءِ ممڪن ٿي، انهن مسلمان ملڪن پنهنجي پنهنجي ملڪن ۾ لينن جا ٽٽل استيچوز جيڪي ڪنڊن پاسن ۾ سڙيا پئي، سي واپس ڪڍي ٺاهي پنهنجن شهرن جي مُک چؤڪن تي واپس لڳائي ڇڏيا آهن هنن جو مؤقف آهي ته اهو سڀ ڪجهه رشين انقلاب ڪري ٿيو نه ته اسان جا حال افغانستان کان به بچڙا هجن ها. ڪلديپ نيئر چيو لکيوم آزادي جو خيال ته اهڙو اظهار انگريزن جڏهن پيش ڪيو ته سڄي ڪانگريس ۽ انهن جي ليڊرن انهيءَ مؤقف جي شيديد مخالفت ڪئي، پاڻ چئي ٿو ته نهروءَ ته وائسراءِ کي سختيءَ سان چيو ته توهان گهٽا پاڪستان ٺاهڻ چاهيو ٿا، اهو ڪتاب پاڪستان جي هر ڪتاب گهر تان خريد ڪري سگهو ٿا، مون به اهو ڪتاب حيدرآباد مان هڪ اسٽال تان خريد ڪيو، توهان سوچيو ته انگريز جي سنڌ کي هڪ آزاد خودمختيار ملڪ جي حيثيت سان آزاد ڪري وڃن ها ته سنڌ اڄ هڪ آزاد مختيار ملڪن جي لسٽَ ۾ شامل هجي ها ۽ اقوام متحده جو ميمبر هجي ها، ۽ سنڌي پنهنجي راڄ ڀاڳ جا ڌڻي پاڻ هجن ها،

اسان هندستان جي ننڍن ۽ ڀڳل ٽٽل رستن تان هلندا فتح پور سڪري ڏانهن وڃي رهيا آهيون . تاج محل ڪانسواءِ آگري ۾ ۽ فتح پور سڪريءَ ۾ جيڪا به اڏاوت آهي اها سڀ جي سڀ اڪبر اعظم ٺهرائي هئي، ۽ پڻ دهليءَ ۾

اڪبر جي پيءُ همايون مٿان جيڪو مقبرو ٺهيل آهي سو بہ اڪبر بادشاهہ ٺهرايو ۽ اڪبر جون ٺهرايل سڀ عمارتون اڪبر جي پوٽي شاهجهان ڀڄرائي ڇڏيون اڪبر دربار ۾ ڏوتي پائي ايندو هو ۽ پيشانيءَ تي هندن جو نشان تلڪ لڳائيندو هو. پاڻ ۽ سندس پٽ کي بہ هندن مان شادي ڪرايائين. سندن ڪنوار جي قبيلي مان سندس ۽ سندس دربار جا محافظ هئا، جيڪي ساڻس سڄي زندگي وفادار ٿي رهيا. پاڻ جين مذهب جي پوئلڳن جي چوڻ تي سڄي ملڪ ۾ بہ ڏينهن جانورن کهڻ تي بندش وڌائين ۽ پاڻ دربار ۾ زردشتين جي مخصوص قميص ۽ چيلهہ تي ڪمربند ٻڌي انهن کي بہ خوش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئين. هن جو اصول هو تہ هندستان ۾ سيني مذهبي ڌرين کي خوش ڪجي ۽ ڪنهن بہ مذهب واري جي دل آزادي نہ ڪجي جيئن اڄڪلهہ ڪئينيڊا جو وزيراعظم پيو ڪري چون ٿا تہ اڪبر جي بادشاهت ان وقت دنيا ۾ وڏي ۾ وڏي بادشاهت هئي، پر سندس فوج تمام مختصر يعني پنجويهہ هزار سپاهين تي مشتمل هئي چون ٿا تہ جڏهن اڪبر وفات ڪئي، تہ هُن جي خزاني ۾ هڪ بلين ڊالر ملڪ جي خزاني ۾ موجود هئا. هندستان ۾ مسلمان حاڪمن طرفان صدين کان غيرمسلمانن تي جزيہ جو ٽئڪس لڳل هو، سو اڪبر بادشاهہ غير مسلمانن تان هميشہ لاءِ ختم ڪري ڇڏيو اسان فتح پور سڪريءَ جي ٻاهران پنهنجون گاڏيون بيهاري سڄي علائقي جو جائزو و ٺي پوءِ اڪبر بادشاهہ جي ڳائڻ ٻڌڻ واري تماڙ جڳهہ جي مٿان وڃي بيهي هيٺ سڄي نظاري جا فوٽا ڪڍيا ۽ هت ٿوري دير ويهي ساهي کنئي، جت اڪبر بادشاهہ ويهندو هو ۽ تانسين کان راڳ ٻڌندو هو چون ٿا تہ ابو فضل ۽ فيضي جي پيءُ ملاعمر تانسين بابت سوال جو اڪبر بادشاهہ کي جواب ڏنو تہ ”بس گا لیتے ہیں“ هت سڄي فتح پور سڪريءَ جو نظارو پُروقار لڳي رهيو هو.

فتح پور سڪريءَ جي باري ۾ ڪي چون ٿا تہ آگري کي خداحافظ چئي اڪبر هت پنهنجو تخت گاهہ بنايو ڪي چون ٿا تہ گاديءَ جو هنڌ آگرو ئي هو پر عارضي طرح سان اڪبر هت بہ اچي رهندو هو هي شهر ٽڪري تي مٿي ٻڌل آهي، ۽ ہيون بہ بيشمار تعميرات هت جڙيل آهن.

فرانس جو صدر سرڪوزي ۽ سندس زال جڏهن هندستان جي دوري تي

آيا تہ ڪين ڪنهن ٻڌايو تہ اڪبر کي اولاد ڪونہ ٿي ٿيو تہ پاڻ هٿ اچي درويش سليم چشتيءَ جي درگاهہ تي عرض ڪيو تہ مون کي اولاد ڏي تہ ڪيس پٽ ڄائو تہ پاڻ سندس پٽ جو نالو بہ درويش جي نالي پٺيان سليم ئي رکيو جيڪو پوءِ جهانگهير جي نالي سان هندستان جو بادشاهہ ٿيو. آخري وقت اڪبر جي اولاد کي جڏهن اڪبر جي مرڻ جي علامت نظر نہ آئي تہ جهانگهير ٽيهہ هزار فوج سان جنگ ڪئي، ۽ جنگ ۾ اڪبر بادشاهہ جي ويجهي ساٿيءَ ۽ دوست ابوالفضل کي قتل ڪري پنهنجي بادشاهت جو باضابطہ اعلان ڪيو نيٺ اڪبر جهانگهير کي هٿيار ڦٽا ڪرڻ تي مجبور ڪيو پر اڪبر بادشاهہ پنهنجي پٽ جي ساڻس جنگ ۽ پنهنجي ويجهي دوست ابوالفضل جي مرڻ ۽ سندس ماءُ جي مرڻ ڪري پاڻ صفا مايوس ۽ ڪمزور ٿي ويو هو نيٺ وفات ڪري ويو سندس موت کي ڪي پيچش جي بيماري تہ ڪي ڪيس جهانگير طرفان زهر ڏئي مارڻ جو بہ چون ٿا.

سو ڳالهہ پئي ٿي فرانس جي صدر سرڪوزي طرفان هندستان جي دؤري ۽ اڪبر کي سليم چشتيءَ جي دعا سان پٽ ٿيڻ جي سو فرانس جو صدر ۽ سندس زال بہ تاج محل ڏسڻ کانپوءِ هت اولاد گهرڻ لاءِ فتح پور سڪريءَ آيا ۽ مسجد جي مُک گيٽ کان جنهن کي بلند دروازا چوندا آهن، اُتان پيرين پنڌ مٿو ڊڪي اچي درگاهہ ۾ اولاد جي لاءِ دعا گهرئون ۽ ڪين هت هڪ قوالي ٻڌائڻ جو بہ بندوبست ٿيل هو ۽ پاڻ ڳچي ۽ ٻانهن ۾ سڳو پڙهائي اهو ٻڌئون. هيءَ سرڪوزي ۽ سندس زال جي ٻئي شادي هئي، سرڪوزيءَ کي پهرين زال مان ٽي ٻار ۽ سندس ٻي زال کي پهرئين مڙس مان هڪ ٻار هو پر هنن جي هڪٻئي سان شاديءَ مان اولاد ڪونہ هو تنهنڪري هنن سليم چشتيءَ جي مزار تي اچي دعا گهري، گل ۽ پڙ چاڙهيو.قبر مٿان سندن جيڪو گائيڊ هو پيرزادو رئيس ميان، تنهن چيو تہ مونکي وچڻ مهل چئون تہ اسان وري بہ ٿا دعا گهرون، هت دعا گهرڻ کان پوءِ ڪين اولاد ٿيو ۽ هڪ ڏيهہ ڄائي هي رپورٽ ڊين نيلسن، دهليءَ کان ڇهہ ڊسمبر ويهہ سئو ڏهہ ۾ موڪلي ۽ ٽيلي گراف اخبار ۾ شايع ٿي ۽ هنيئر بہ نيٽ تي لڳي پئي آهي.

سرڪوزيءَ جي زال جو نالو ڪارلا بروني Carla bruni آهي، هندستان

جي بادشاهه اڪبر کان وٺي فرانس جي صدر سرڪوزيءَ تائين هن درويش کان اولاد گهرڻ جو سلسلو هليو اچي. هونئن يورپ جا ماڻهو اهڙين ڳالهين کي بلڪل ڪونه مڃين پوءِ الاهي ڇو؟ هنن پير پرستيءَ کي تسليم ڪري هٿ پٺ جي آس لاءِ پهتا يا هنن هت اچي مسلمانن کي خوش ڪرڻ لاءِ ائين ئي ڪيو هونئن به هندستان جي ٽن درگاهن يعني هي درگاهه سليم چشتيءَ جي، دهليءَ ۾ خواجه نظام الدين اولياءَ جي ۽ اجمير شريف جي درگاهه معين الدين چستي تي هميشه تمام گهڻي رش هوندي آهي يعني مسلمانن کانسواءِ سڄي دنيا جا هندو به هميشه هنن درگاهن تي توهان کي نظر ايندا. جن جي عقيدت هنن درگاهن لاءِ مسلمانن جهڙي ئي هوندي آهي اجمير شريف جي درگاهه تي ته هندستان ۾ جيڪي پاڪستان سان گڏ ٻين ملڪن جا سربراهه به اچن سي به هت اچن.

فتح پور سڪري جيڪو هاڻ آباد نه پر غير آباد شهر آهي، فتح پور سڪري ننڍڙو پر عاليشان شهر شهنشاهه اڪبر جي حڪومت دوران سن 1571ع کان 1585ع تائين هندستان جي گاديءَ جو هنڌ هو انهيءَ کان ٿوروئي وقت اڳي اهو سنگ تراشن جو هڪ ننڍڙو ڳوٺ هو هڪڙي ڪٿا موجب اڪبر نريني اولاد کان وانجهيل هو تنهن هن ڳوٺ ۾ رهندڙ هڪڙي درويش نالي شيخ سليم چشتيءَ جي حضور ۾ دعا لاءِ اچي حاضري ڀري درويش کيس ٽن پٽن ڄمڻ جي بشارت ڏني. وقت گذرڻ سان اها سچي ثابت ٿيڻ سبب بادشاهه هتي شهر اڏي پنهنجي راڄڌاني بنايو.پر پاڻي جي مستقل مشڪلات سبب پنهنجي گادي لاهور ۾ قائم ڪئي ته چند سالن اندر زوال جي نذر ٿي ويو پر ڳاڙهي وارياسي عمارتي پٿر جي وجود ۽ آرڪيالاجيڪل سروي وارن جي مرمت ۽ سنڀال سبب ڪافي حد تائين تعميراتي طور تي بحال ڪيو ويو آهي.

هتي پنهنجي رهائش دوران شهنشاهه اڪبر اسلام کانسواءِ ٻين مذهبن جي مطالعي ۽ مذاڪري ۾ به مشغول رهيو. هندن ۽ پارسين جي مباحثن ۽ مذاڪرن کان متاثر ٿي هڪڙو نئون فرقو تشڪيل ڪيو. جنهن کي دين الاهي سڏيو ويو. فتح پور سڪريءَ ۾ مغل تعميرات ۾ هندو جين توڙي اسلامي سمورا تعميراتي فن جا نمونا اختيار ڪيا ويا آهن.

هت سياحن جي تمام وڏي اڪثريت هڪ ئي ڏينهن ۾ سير ڪري موٽي وڃي ٿي، پر هتي رات ترسندڙن کي هتي جي شام ۽ رات جا نظارا وڌيڪ متاثر ۽ مطمئن ڪندا. هي شهر آگري شهر جي اولهه طرف چاليهن ڪلو ميٽرن جي پنڌ تي پٿريلي زمين تي اڏيل آهي. جامع مسجد جنهن جي اندر شيخ سليم چشتي جي مزار پڻ اڏيل آهي. تنهن جي تعمير ۾ ايراني ۽ هندو ٻنهي قسمن جي اڏاوت ٿيل آهي. چوڻ ۾ اچي ٿو ته هن مسجد جا نقش ۽ نگار هڪڙي مڪي مسجد وارا اختيار ڪيا ويا آهن. مسجد جي مکيه داخلا بلند دروازو آهي جيڪو چوونجهاهه ميٽر اوچو شهنشاهه اڪبر طرفان گجرات جي فتح جي يادگار طور تعمير ڪرايو ويو هو. هن دروازي جي اندرئين پاسي مٿي سردري تي قرآن شريف جون آيتون اُڪريل آهن مسجد جي ايوان ۾ اتر طرف شيخ سليم چشتي جو مقبرو اعليٰ قسم جي سفيد سنگمرمر سان سن 1570ع ۾ تعمير ٿيو. سنگمرمر جون ٺهيل ڄاريون فني خوبصورتيءَ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهن. ۽ ٻئي ڪنهن هنڌ ورلي لڀن. هت مِنا ۽ پارس سليم چشتيءَ تي پڙ ڇاڙهيو ۽ مون فوٽا ڪڍيا. شيخ سليم چشتيءَ جي پوٽي شيخ اسلام خان جو مزار پڻ مسجد جي احاطي اندر ۽ شيخ سليم جي ويجهو اڏيل آهي. مسجد جي اڀرندي طرف واري دروازي کي شاهي دروازو سڏجي ٿو ڇو ته ان دروازي وٽان صرف بادشاهه اڪبر ايندو هو.

هن قديم شهر ۾ داخل ٿيڻ سان ڏسڻ ۾ ايندڙ پهرين عمارت راڻي جوڌاٻائي جي محلات آهي. اها راڻي شهنشاهه جهانگير جي ماءُ ۽ هڪڙي هندو مهاراجه جي ڌيءَ هئي. هن محلات جا ٿنڀا هندو طرز تعمير ۽ گنبذ اسلامي طرز تعمير موجب جوڙيل آهن. هوا محل نالي هتي هڪڙو ڊگهو ڪمرو ٺهيل آهي. تنهنجون سموريون ڀتيون پٿر جي نهايت سهڻين ڄارين سان ٺهيل آهن.

هتي هڪڙو ٺهيل محل بيربل ڀَون نالي سان سڏجي ٿو ان جي سونهن کان متاثر ٿيندي اوڻهين صديءَ جي هڪڙي فرينچ اديب وڪٽرهيوگو لکيو ته ” هي عمارت هڪڙو ننڍڙو محل آهي. هي محل راجا بيربل لاءِ اڏيو ويو هو. جيڪو عقل ۽ عرفان جو صاحب هو ۽ هر فن مولا شخصيت جو حامل هو. پاڻ سن

1586ع ۾پشاور جي ويجهو لڳندڙ هڪ جنگ ۾ پنهنجي سموري سپاهہ سميت مارجي ويو. هن محل جي سامهون اڏيل عمارت حرم سراءُ سڏجي ٿي، چون ٿا تہ ڪنهن وقت انهيءَ هنڌ هاٿين، اٺن ۽ گهوڙن جو وڏو طنبيلو هو.

هن شهر ۾ ڪاروان سراءُ هرڻ مينار، ڪرستان زال جو محل پنچ محل، مال خانو ديوان خاص، ديوان عام جي پرسان هڪڙو پلي گرائونڊ پچيسي ميدان نالي سان سڏبو هو جتي شهنشاهہ اڪبر پنهنجي ڪنيزائن سان گڏجي پچيسي نالي راند کيڏندو هو.

دفترخاني جي اڳيان خواب گاهہ ٺهيل هوجتي اڪبر بادشاهہ سمهندو هو خواب گاهہ جي پير ۾ سندس ترڪ راڻيءَ جو گهر هوندو هو جامع مسجد جي ٻاهران اصل سنگ تراش جي ننڍڙي مسجد جا آثار موجود آهن، چون ٿا تہ سليم چشتيءَ جو آستان ان هنڌ تي هو هن ماڳ وٽ هڪڙو حڪيم جو گهر ۽ ترڪي طرز جو حمام ٺهيل هو اسان ٻہ ٽي ڪلاڪ هت رهڻ کان پوءِ پنهنجي ٻي منزل دهليءَ ڏانهن روانا ٿي وياسين.

هندستان جو جڏهن ورهاڱو ٿيو تہ پاڪستان ۽ بنگلاديش جا هندو ٻہ وچي هندستان ۾ گڏ ٿيا پر هندستان جا مسلمان ٽن ٽڪرن ۾ ورهائجي ويا يعني ويهہ ڪروڙ بنگلاديش ۾ ويهہ ڪروڙ پاڪستان ۾ ۽ پنجويهہ ڪروڙ هندستان ۾ اُهي ڪُل ٿيا پنجهٺ ڪروڙ اها حقيقت آهي تہ جيڪي قومون دنيا ۾ ورهائجن ٿيون انهن جي پوءِ اها حيثيت برقرار ڪانہ ٿي رهي، جيستائين جرمني ٻہ ملڪ هئا تہ يورپ ۾ انهن جي اها پوزيشن ڪانہ هئي جيڪا هينئر آهي پوءِ جڏهن ديوار برلن ڀڳي ۽ ايسٽ جرمني ويسٽ جرمني ملي هڪ جرمني ٿي تہ اها اڄ دنيا جي چوٿون نمبر وڏي ايڪانامي ۽ سڄو يورپ ۽ يورپي يونين سندس ڪنٽرول ۾ آهي.انگلينڊ ۾ ڪجهہ سال اڳ جڏهن يورپي يونين مان نڪرڻ جو ريفرينڊم ٿيو ۽ انگلينڊ جي عوام يورپي يونين ۾ نہ رهڻ جي حق ۾ ووٽ ڏنو تہ ان وقت جي وزيراعظم ڪيمرون چيو تہ اسان کي يورپي يونين مان ڪڍڻ ۾ جرمنيءَ جو وڏو هٿ آهي، خلافت جي وقت مسلمانن جي وڏي اڪثريت متحده ۽ سلطنت هئي تہ هو ٽن کنبڊَن يعني يورپ ايشيا ۽ آفريڪا تي مڪمل حاوي هئا پوءِ جڏهن پهرئين جنگ عظيم ۾ ترڪي ٽڪرا

ٽڪرا ٿي ويو تہ مسلمانن جي دنيا اندر طاقت ئي ختم ٿي وئي، هاڻ تہ صرف گلف ۾ ئي ٻہ ٽي لکن جي آدمشاري وارا ڪنگڏم نہ پر شيخ ڊم ناهيا ويا آهن، مثلاً دبئي، ابو ظهبي، شارجہ، ڪويت، قطر، بحرين، مسقط ۽ عمان. انهن سڀني ملڪن جي آدمشاري اصلوڪي رهاڪن جي پنجاهہ لک بہ ڪانہ هوندي سو هندستان ۾ بہ هيڏي مسلمانن جي آدمشماري هوندي بہ ڪڏهن بہ هندستان جو وزيراعظم مسلمان ڪونہ ٿيو آهي. نہ وري ڪشمير کان سواءِ هندستان جي ڪنهن بہ صوبي جو وزيراعليٰ مسلمان ٿيو آهي، آئون چوندو آهيان تہ هندستان جو وزيراعظم ۽ اقوام متحده جو جنرل سيڪريٽري ڪڏهن بہ مسلمان ڪونہ ٿيندا پاڪستان ۾ وري ڪڏهن بہ چيف آف آرمي اسٽاف سنڌي ڪونہ ٿيندو.

اسان هت هڪ هوٽل تي ترسي ماني کاڌي اسان گهڻو ڪري انڊيا ۾ سبزيون کائيندا هئاسين هت هوٽلن تي گوشت ڪڪڙ بہ ملندو هو پر اسان سبزيون ئي کائيندا هئاسين هت مونکي ماني کائڻ ۾ مزو ڪونہ ايندو هو سواءِ ناشتي جي هندستان ۾ بنگال وارن جو کاڌو جدا تہ مدارس وارن جو جدا تہ دهليءَ وارن جو جدا. پاڻ سان کاڌي ۾ جي هڪجهڙائي آهي تہ اهي صرف پنجاب جا کاڌا آهن جيڪي، سنڌ جي کاڌن سان ڪيتري قدر ملن ٿا، تنهنڪري اسان هت پنهنجي نموني کاڌو کائيندا هئاسين ۽ ڪنهن سک پنجابي جي هوٽل ۾ وڃي ماني کائيندا هئاسين، هندو مذهب ۾ کاڌي ۾ پاڪ ۽ ناپاڪ جو تصور تمام گهڻو آهي هندو مذهب ۾ ڪي ذاتيون تہ اهڙيون بہ آهن جو گوشت کانسواءِ بصر ۽ ٿوم بہ ڪونہ کائينديون آهن.

اسان هت ماني کائي ٿورو ٽڪ پيچي دهليءَ وڃڻ واري شاهراهہ تي تيزي سان هلڻ لڳاسين. اسان هت گاڏيءَ ۾ هلندي ڪيتريون اهڙيون ڳالهيون ڏٺيون سين جيڪي اسان اڳ ڪڏهن سنڌ يا پاڪستان ۾ ڪونہ ڏٺيون سين، مثال پاڻ ٻنيءَ ۾ هاريءَ کي هر هلائيندي صرف ڏٺي سان ڏٺو پر هت هندستان ۾ ڏٺي سان گڏ ڏٺيءَ ۽ پاڏيءَ ۽ مينهن کي بہ هر ۾ هلندي ڏٺو ۽ عورتن کي هر هلائيندي، ڪوڏر سان ٻنيءَ ۾ ڪم ڪندي، ٻنيءَ ۾ پاڻي ورائيندي ۽ ٻيو اهڙو ڪجهہ عورتن کي ٻنيءَ ۾ ڪم ڪندي ڏٺو، جيڪو مون سڄي زندگي ۾

عورت کي پاڪستان يا سنڌ ۾ ڪم ڪندي ڪونہ ڏٺو. آئون انهيءَ عمل کي خراب نہ پر سٺو ٿو سمجهان. تہ هندستان جي عورت عورتاڻن ڪمن سان گڏ مرداڻن ڪمن ۾ بہ مرد سان ٻانهن ٻيلي ٿي ڪم ڪري. ٻيو تہ عام هندستاني ماڻهو پاڻ وانگر فصول خرچ بلڪل ڪونہ ڪن. هندستان ۾ انگريزي ٻولي ۽ ڪمپيوٽر جو استعمال پاڻ کان تمام گهڻو آهي. جنهن ڪري هندستان جو پڙهيل لکيل ماڻهو سڄي دنيا ۾ خاص ڪري يورپ آمريڪا ۽ عرب ملڪن ۾ تہ توهان کي هزارن ۾ نہ پر لکن ۾ ملندو ۽ هينئر تہ يورپ آمريڪا جي وڏين ڪمپنين جا سربراهہ بہ سون جي تعداد ۾ هندستاني آهن.

اسان شام ڌاري دهليءَ پنهنجي هوٽل تي پهتاسين. اسان ڪجهہ دير هٿ آرام ڪري، پوءِ دهليءَ ۾ لڳل هڪ وڏي نمائش ڏسڻ وياسين. جت هندستان جي سيني تهذيبن جا ڪپڙا، ڪاٺ جو سامان، هٿ سان ٺهيل سامان ۽ پرت جا ڪنئين نمونا ۽ ٻيو گهڻو ڪجهہ هٿ وڪري لاءِ رکيل هو. هر پورشن ۾ ڪاڏي جو سامان بہ صرف پنهنجي پنهنجي علائقي جو رکيل هو. هٿ ڪافي رش ۽ گهما گهمي هئي. اسان سڄي نمائش مان چڪر لڳائي پوءِ اچي راجستان واري نمائش جي سيڪشن مان خريداري ڪئي هي حصو نمائش جو سنڌ جي ٿر جي ڪلچر سان ملندڙ جلندڙ هو. تنهنڪري اسان هٿ ڪافي وقت هر شيءَ کي ڏٺو. مِنا ۽ ڊاڪٽر پارس هتان چنري جي پرت واراڪپڙا ۽ ڪافي ساڙهيون خريد ڪيون. اسان رات جي ماني بہ راجستاني قسم جي ڪاڏي ۽ پوءِ اسان واپس پنهنجي هوٽل تي پهچي، سنڌ ۾ ٻارن سان ڳالهہ ٻولهہ ڪئي، جيڪو اسان جو روز جو دستور هوندو هو.

سنڌي اڪيڊمي وارن اسانجي ٽن راتين جي هوٽل جي مسواڙ خود ڀري ۽ اسان کي ڇهہ هزار رپيا هرهڪ کي روڪ رقم ڏنا. ٻيو هڪ رپيو بہ هنن اسان تي خرچ ڪونہ ڪيو. ٽن ڏينهن جي ڪانفرنس کانپوءِ بہ اسان بہ ڏينهن آگري ۾، چار ڏينهن دهليءَ ۾ رهياسين. جيڪو سڄو خرچ اسان پنهنجو پاڻ برداشت ڪيو. الانا صاحب بہ بمبئي کان هٿ دهليءَ ڪانفرنس ۾ هنن جي دعوت تي آيو هو انهيءَ منهنجي ڪتاب واقعات عالم جي پيش لفظ ۾ لکيو آهي تہ سنڌ مان جيڪي بہ احباب انهيءَ ڪانفرنس ۾ شريڪ هئا، انهن سان ڪانفرنس

ڪوناٽ وارن جو رويو ڪيئن هو پر ڪانفرنس جي منتظمين مون سان جيڪا تعدي ڪئي ان کي اڄ به آئون وساري نه سگهيو آهيان ۽ منهنجو دوست ڊاڪٽر ڄيٺلي ڊاڪٽر روي ٽيڪچنداڻي جي منهنجو سهارو نه بڻجن ها ۽ جنهن هوٽل ۾ مون کي رهايو هئائون ان جو بل آئون پنهنجي کيسي مان نه ڀريان ها ته هوٽل جو مالڪ شايد مونکي پوليس جي حوالي ڪري ڇڏي ها.

اسان هوٽل تان تيار ٿي صبح سوير چاندني چوڪ بازار گهمڻ وياسين، هيءَ بازار دهليءَ جي تمام پراڻي بازار آهي ۽ تمام وڏي بازار آهي، پر اڄڪلهه وڏا وڏا مال ٺهڻ ڪري اهڙيون بازاورن وڃن ختم ٿينديون.

جيئن اڄڪلهه حيدرآباد جي شاهي بازار جا حال آهن، پر اڄ ڪلهه سڄي رش فتح مل اڳيان بلوارڊ مال تي آهي، هت هر شيءَ هڪ هنڌ ملي مثال، سئنيما، ٻارن جي راندين لاءِ عليحده ڪارنر، ڪپڙي جا دڪان، ڪتابن جا دڪان، ريزڪي سامان، جُتا ڪتاب، پرفيوم گهر جي استعمال جو سڀ سامان ۽ ٻيو گهڻو ڪجهه توهان کي هڪ هنڌ ملي، اسان کي هت خريداريءَ کان وڌيڪ دهليءَ جي هن قديم بازار کي ڏسڻ جوشوق هو، هت وڏي تعداد ۾ مسلمانن جا دڪان به هئا، پر پراڻي طرز تعمير ڪري هنن ۾ ڪنهن به قسم جي جاذبيت ڪانه هئي.

سڄي دنيا ۾ بازارن جو رواج مذهبي ۽ سماجي تقريبن ۽ ماڻهن جو مختلف شئين جي هڪ هنڌ گڏ ٿيڻ ڪري پيو پراڻي زماني ۾ دهليءَ ۾ بيشمار بازارون هونديون هيون جنهن ۾:

1۔ بازار گنج احسن خان
2۔ ڪابلي بازار
3۔ قنڌار بازار
4۔ لاهوري بازار
5۔ قصاخاني بازار
6۔ چوڪ سعدالله خان بازار
7۔ شاهي قلعه بازار
8۔ مير خان بازار

## 9- فيض بازار

انهيءَ ڪانسواءِ قلعي ۾ عورتن لاءِ مينا بازار بہ لڳندي هئي. جنهن ۾ دهلي جي امراءَ اميرن جون عورتون ايندريون هيون. ۽ هن بازار ۾ دڪان هلائڻ واريون بہ سڀ عورتون هونديون هيون. انهيءَ زماني ۾ لکنوءَ دهلي ۽ لاهور جون بازار حسن بہ تمام مشهور هيون. جن ۾ نواب مهاراجہ ۽ امير وڏي شوق سان ويندا هئا.مون پهرين عرض ڪيو تہ اسان جو مقصد هت گهمڻ هو نہ ڪي خريداري ڪرڻ جو پر جت عورت هجي ۽ ڪجهہ خريد نہ ڪري سو ناممڪن آهي. مِنا هت ڪپڙو ساڙهيون ۽ چوڙيون خريد ڪيون. اسان هتان واندا ٿي سڌا هوٽل تي آياسين ۽ هوٽل تي ئي ماني کائي ٿورو آرام ڪر ي پوءِ لوڌي گارڊن ۾ هڪ ڪلب ۾ وياسين. جت سنڌ ۽ هند جي اديبن هڪ مشاعري جو بندوبست ڪيو هو جنهن جي صدارت مخدوم امين فهيم ڪئي ٿي. هن مشاعري ۾ سنڌ ۽ هند جي سيني شاعرن. اديبن حصو ورتو ۽ سيني شاعرن پنهنجا شعر ٻڌائي خوب داد حاصل ڪيو مخدوم امين فهيم هن مشاعري ۾ شعر پڙهڻ کان اڳ ٻڌايو تہ ننڍي هوندي مون کي شعر و شاعريءَ جو ڏاڍو شوق هوندو هو. ڪافي شعر لکيم ۽ بزم طالب المولىٰ ۾ وڃي پنهنجا شعر پڙهندو هوس. پر پوءِ هر هنڌ اها ڳالهہ ٻڌڻ ۾ آئي تہ اهي شعر مون کي بابا مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ لکيو ٿو ڏي. انهيءَ ٻڌڻ کان پوءِ منهنجي دل شاعري تان بلڪل کٽي ٿي وئي انهيءَ وقت ماڻهو مخدوم طالب المولىٰ لاءِ بہ چوندا هئا تہ مخدوم صاحب وڏي کي بہ سائين غلام محمد گرامي شعرو شاعري لکي ٿو ڏي ايڪڙ ٻيڪڙ تہ ماڻهو ڪنهن کي لکي ڏئي سگهي ٿو پر سڄي زندگي ڪو ٻيو ماڻهو لکي ڏي اهو ناممڪن آهي. ماڻهو پاڻ لکي پوءِ درستگيءَ لاءِ ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ کي پنهنجون ڪاوشون ڏيکاري سگهي ٿو. تہ هن کي درست ڪري ڏي. تہ اهو ڏسي بہ ڪي پنهنجا ويجها ماڻهو اهو سمجهندا هوندا تہ اهو سڄو مواد هن کي درست ڪري لکي پيو ڏي. پر منهنجي نظر ۾ گهڻو مواد لکڻ وارو ماڻهو جيڪو مسلسل لکندو رهي ٿو اهو ناممڪن آهي تہ اهو سڀ ڪنهن ٻئي جو لکيل هجي.

هي مشاعرو بہ ڪلاڪ ڪن هليو. مشاعري کان پوءِ چانهہ پارٽي هئي. تنهنکانپوءِ ٻاهر لان ۾ سيني جو گروپ فوٽو ڪڍيو ويو. جنهن ۾ هندستان جي

ڪنهن صوبي جي هاءِ ڪورٽ جو سنڌي جج به هو.اسان مشاعري ڪانپوءِ ٻاهر هوٽل تان ماني پيڪ ڪرائي اچي پنهنجي ڪمري تي ڪاڏي اسان جلد سمهي رهياسين ڇو ته ٻي ڏيهاڙي ٽوئر وارن سان اسان جو سڄي ڏينهن جو ٽوئر پروگرام هو اسان صبح سوير اٿي هوٽل رسيپشن تي آياسين. اسان کي رسيپشن واري ٻڌايو ته ٽوئر وارا پوري ٽائيم تي ننڍين گاڏين ۾ چڙهي هنن جي مين آفيس توهان کي پهچائيندا پوءِ اتان توهان کي وڏي ايئرڪنڊيشن بس ۾ چاڙهي جيڪي جيڪي توهان کي ٽوئر ۾ شامل جڳهيون آهن، اهي گهمائيندا ۽ پوءِ وري توهان کي هِتِ پهچائي ويندا. اسان هت هوٽل ۾ پهريون دفعو ناشتو ڪيو ناشتي مان واندا ٿياسين، ته ٽوئر وارن جي گاڏي به اچي وئي، ۽ اسان انهيءَ ۾ چڙهياسين هنن ٻين ٽوئرن وارن کي به پنهنجي پنهنجي هوٽلن تان کڻي اچي سندن مين آفيس پهچايو ۽ اسان کي سڌو هنن بس ۾ ڪڻي ويهاريو ۽ اسان جي بس دهليءَ جي روڊن تي روان دوان ٿي هلڻ لڳي، بس بلڪل اهڙي هئي جهڙيون بسون يورپ ۽ آمريڪا يا فارايسٽ ۾ ٽوئر ڪمپنين جون هونديون آهن. بس ۾ گهڻو ڪري غير ملڪي ماڻهو هئا. بس ۾ اسان جي ٽوئر جي گائيڊ پهريائين اسان کي پنهنجو تعارف ڪرايو پوءِ هر انهيءَ جڳهه جي باري ۾ تمام مختصر نموني سان معلومات فراهم ڪئي هنن پهرئين اسان کي جامع مسجد دهليءَ اچي گهمائي اسان جي گائيڊ اسان کي هر ڳالهه انگريزي ۾ ٿي ٻڌائي. جامع مسجد دهليءَ 1650ع ۾ شاهجهان بادشاهه ٺهرائي، جيڪا ڏهن سالن ۾ روزانه پنج هزار مزدورن ٺاهي تيار ڪئي، يعنيءَ هيءَ مسجد 1660ع ۾ تيار ٿي، هيءَ مسجد انهيءَ مغل بادشاهه شاهجهان ٺهرائي جنهن آگري ۾ تاج محل ٺهرايو هو هي مسجد هندستان ۾ وڏي ۾ وڏي جامع مسجد آهي، هيءِ اسلامي فن تعمير ۽ مغل فن تعمير جو هڪ شاهڪار آهي. زمين کان مسجد تائين رسڻ ۾توهان کي ٽيهه ڏاڪا مٿي چڙهڻا آهن، هن جي چوٺطرف باغ باغيچا پاڻيءَ جا تلاءَ يا گهڻي خوبصورتي ڪانهي، جيڪا توهان کي قرطبه لاهور استنبول ۽ ٺٽي جي جامع مسجد ۾ ڏسڻ لاءِ ملندي.

هي مسجد لال قلعي جي صفا ويجهو آهي، هي جامع مسجد ڳاڙهي پٿر ۽ سنگمرمر سان ٺهيل آهي، هت عيد نماز ۽ جمعي جي نماز به پڙهائبي آهي، هن

مسجد تي ٻه دفعا هندو انتها پسندن حملا ڪيا آهن. هڪڙو دفعو 2006ع ۾ جنهن ۾ تيرهن ماڻهو شديد زخمي ٿيا. مسجد اندر ۽ ٻيو دفعو مسجد کان ٻاهر هڪ گن مين فائر ڪري ٻن ماڻهن کي زخمي ڪيو. اهو هندستان ۾ عام آهي، ته مسجدن، امام بارگاهن ۽ مسلمانن جي گهرن تي حملا ڪيا وڃن. هن مسجد کي ٺاهيندڙ انجنيئر استاد خليل هو. هن مسجد کي هينئر دهلي وقف بورڊ هلائيندڙ آهي. هي مسجد شهر جي وچ ۾ هئڻ ڪري ريلوي اسٽيشن ۽ دهليءَ ۾ هلندڙ ميٽرو بس اسٽينڊ جي بلڪل ويجهو آهي. هن مسجد جي افتتاح لاءِ بخارا مان ان وقت جي وڏي عالم سيد عبدلغفورشاهه بخاريءَ کي خصوصي دعوت ڏئي گهرايو ويو هو. پوءِ هن کي هن مسجد جو امام ۽ مُلڪ جي امام اعظم جو لقب ڏئي مقرر ڪيو ويو.

اج به دنياءِ اسلام ۾ دهليءَ مسجد جي پيش امام جي وڏي عزت ۽ وقار آهي. هينئر هن مسجد کي رپيئر جي به سخت ضرورت آهي. اسان هت نفل پڙهي پوءِ اسان جي ٻي منزل گانڌي جي سماڌي جنهن کي هت چون راج گهاٽ، ڏانهن بس ۾ چڙهي روانا ٿي وياسين. جيڪا گانڌي روڊ تي آهي. اسان جي بس راج گهاٽ پهتي، ته اسان بس مان لهي گانڌي جي سماڌي وٽ ويٺاسين. سماڌي مٿان ڏينهن جو به فانوس ٻري رهيا هئا. هت اسان سان گڏ سيني ٽوئر وارن فوٽا ڪڍيا. هيءَ سماڌي ڪاري ماربل سان ٺهيل آهي. هت چؤطرف چپر لڳل هئي اسان کي هتان کان پوءِ اندرا گانڌي ميموريل وڃڻو هو. اسان ٽوئرسٽ بس ۾ چڙهي دهلي شهر جي رستن تان گهمندا ڦرندا اچي اندرا گانڌي ميموريل تي پهتاسين ۽ سيئي پنهنجون پنهنجون ڪئميرائون ڪڍي هٿ ۾ جهلي اندر داخل ٿياسين.

هي اندرا گانڌي يا وزيراعظم هندستان جي سرڪاري رهائش گاهه هئي، جت هن جي سک محافظن 31 آڪٽوبر 1984ع. اربع جي ڏينهن هن کي گوليون هڻي ماريو.

اندرا گانڌي جواهر لال نهروءَ جي ڌيءَ هئي ۽ هندستان جي پهرئين عورت وزيراعظم هئي هت اندرا گانڌيءَ کي گولين لڳڻ ڪري جيڪو رت وهيو انهيءَ رت جي نشان کي به مٿان شيشو هڻي محفوظ ڪيو ويو آهي. هت

لئبريري اندر ۽ اندرا گانڌيءَ جي بيڊروم کي بہ اهڙي نموني محفوظ ڪيو ويو آهي، جيئن هو اڳ هئا. هت هڪ وڏي ڪمري ۾ اندرا گانڌيءَ جا سوين فوٽا ننڍپڻ کان مرڻ تائين لڳل آهن، جن کي ڏسڻ لاءِ سياحن جي هن ڪمري ۾ وڏي رش هئي. اندرا گانڌي ميموريل نوين بجي صبح کان پنجين بجي تائين کليل هوندو آهي، ۽ سومار تي هي ميموريل بند هوندو آهي.

اسان کي هنن لال قلعو ۽ قطب مينار بہ گهمايو جيئن تہ اسان اهي جڳهيون اڳ ئي گهمي چڪا هئاسين، تنهنڪري آئون انهن جو وري ذڪر ڪرڻ مناسب نہ ٿو سمجهان. اسان هتان کان پوءِ پنهنجي ٻي منزل لاءِ روانا ٿياسين، پر انهيءَ دوران اسان کي ٻنپهرن جي ماني لاءِ هڪ هنڌ اچي لاٿئون، جت اڳ ئي ڪيترين ٽوئرسٽ بسون بيٺيون هيون. اسان بہ هت هڪ هوٽل ۾ ويهي ماني کاڌي هوٽلن ۾ سياحن جي وڏي رش هئي، هڪڙا ٿي آيا تہ ٻيا ٿي اُتان اُٿيا. اسان هت ماني کائي ٻاهر ٿوري پاسار ڪئي پوءِ اسان جي بس دهليءَ جي رستي تي هلڻ لڳي. هاڻ اسان جي ٻي منزل برلا مندر يا لڇمي نارائڻ مندر هو جيڪو دهليءَ جو وڏي ۾ وڏو مندر پڻ آهي.هي مندر 1933ع ۾ هندستان جي هڪ وڏي سرمائيدار جڳال ڪرشن برلا ٺهرايو جنهن جو افتتاح مهاتما گانڌي 1939ع ۾ ڪيو. اسان هن مندر جي باغ اندر ويهي ڪيترا فوٽا ڪڍيا هت ڪيئي ڦوهارا بہ لڳل هئا. هي ڪافي وڏو مندر آهي، هندن جون وڏيون تقريبون بہ هر سال هن مندر ۾ ٿينديون آهن. هاڻ هي مندر سان گڏ سياحن جي اچڻ لاءِ هڪ پرڪشش جڳهہ پڻ ٿي وئي آهي. هن مندر کي ناگرا اسٽائيل اڏاوت بہ چيو ويندو آهي، هن مندر جو ٻاهريون ڏيک بہ ڏاڍو وڻندڙ آهي، ۽ هن کي لڳندڙ رنگ بہ ڏاڍا جاذب ٿي لڳا. اسان هت ڪافي دير گهمي ڦري پوءِ پنهنجي ٻي منزل يعنيٰ لوٽس ٽيمپل يا بهائي هائوس ڏانهن روانا ٿياسين اسان جڏهن هت پهتاسين تہ ڪافي رش هئي، هت سياح ۽ بهائي مذهبي فرقي وارا تمام وڏي تعداد ۾ اچن تنهنڪري هت هميشہ رش هوندي آهي. هن جي اڏاوت بہ آسٽريليا جي هڪ سڊاٽپ جي جڳهہ وانگر آهي، جيڪا پري کان ڏسڻ ۾ ٻين جڳهين کان تمام مختلف لڳندي آهي. هن جو ٻاهريون ڏيک سڄو اڇي سنگمرمر سان ٺهيل آهي، هن جو نقشو ايران جي هڪ مشهور ماهر تعميرات

فريبورز صاحب ٺاهيو آهي، جيڪو دنيا اندر عمارتن جي نقشن ڪري ڪيترا ايوارڊ حاصل ڪري چڪو آهي، هي انسائيڪلوپيڊيا ۽ گنيز بُڪ آف رڪارڊس وارن کان به ڪافي انعام کٽي چڪو آهي. هي ٽيمپل 1986ع ۾ ٺهي تيار ٿيو. هن ٽيمپل کي وڏا دروازا آهن. هن جي هڪ وڏي هال ۾ هڪ ئي وقت پنجويهه سئو ماڻهو عبادت ڪري سگهن ٿا، هن ۾ استعمال ٿيندڙ سڀ ماربل يونان جي مشهور پينٽالي جبل مان آندو ويو آهي، هت ٻيا به ڪيترا بهائي فرقي وارن جا ٽيمپل، هن ئي پٿر سان ٺهيل آهن. هي ٽيمپل چوڏهن ايڪڙن تي ٺهيل آهي. هن جي اڳيان ڏاڍا سٺا باغ باغيچا به آهن جيڪي واقعي ڏاڍا خوب صورت ۽ ڏسڻ وٽان آهن. جنهن ڪري هن ٽيمپل کي ڏسڻ لاءِ هر روز ڏهه هزار ماڻهو ايندا آهن. ۽ سال ۾ چاليهه لک ماڻهو ڏسڻ ايندا آهن. هن جو ٻاهريون ۽ اندريون ڏيک ڏاڍو دلچسپ آهي. اسان هتان ڪانپوءِ پنهنجي آخري ٽوئر جي منزل ڏانهن روانا ٿي وياسين. هنن اسان کي پارليامينٽ هائوس ۽ وائسراءِ هائوس جي وچ تي لاهي پوءِ اسان کي چئون ته هت فوٽا ڪيو ۽ گهمو ڦرو اڌ ڪلاڪ هت گهمڻ ڪانپوءِ اسان توهان کي پنهنجي هوٽلن تي لاهي ايندا سين، اسان هت اڳوڻي وائسراءِ هائوس ۽ هاڻ راشٽ پتي ڀون جي ٻاهران ڪافي فوٽا ڪڍيا. هي اڳوڻو وائسراءِ هائوس پراڻي دهليءَ جي شاهجهان آباد واري علائقي ۾ ٺهيل آهي، جيڪو ويهين صديءَ جي دنيا جي وڏن محلن مان هڪ هو. هن اندر ٽي سئو چاليهه ڪمرا ٺهيل آهن. هي 1929ع ۾ ٺهي تيار ٿيو پر وائسراءِ هن ۾ 1931ع ۾ اچي رهيو ۽ 1947ع ۾ هندستان آزاد ٿيو ته ان حساب سان وائسراءِ هن ۾ صرف سورهن سال رهيو هندستان جو وائسراءِ لارڊ ارون پهريون وائسراءِ هو جيڪو هن محل ۾ اچي رهيو ۽ ائين وري هندستان جو پهريون هندستاني گورنر جنرل راج گوپال آچاريا هن ۾ اچي رهائش پذير ٿيو. گانڌي به هڪ دفعو وائسراءِ جي چانهه پيئڻ هت آيو هو ته ڏاڍو پريشان هو. وائسراءِ اُن پريشاني جو سبب پڇيس، چيائين ته منهنجي واچ چورائجي وئي آهي، وائسراءِ پڇيس ته اها ايڏي قيمتي هئي ڇا ؟ ته ٻاڻ ٻڌائين ته اها صرف ويهه رپين جي هئي، وائسراءِ هائوس ۾ به هزار مستقل ملازم ۽ هڪ هزار عارضي ملازم هت هر روز ڪم ڪندا هئا. هن اندر بيشمار پارڪ، جن

اندر اوٽتيھ ڦوھارا، تمام وڏيون ڪشاديون چاڙھيون، جيڪي نفيس سنگ مرمرسان ٺهيل هيون نفيس باٿ روم سڀ وائسراءَ هائوس جي دروازن جهلڻ جا هئنڊل انگلينڊ مان ٺهريا ويا هئا، اسپيشل آرڊر تي هن جون دريون دروازا خاص واڻن کان نفاست سان ٺهريا ويا هئا، ٻاهرراندين لاءِ خاص ڪري ڪرڪيٽ فوٽ بال گهوڙا ڊوڙ لاءِ وڏا وڏا ميدان ٺهرايا ويا هئا، جن لاءِ روشني جو لطف اندوز بندوبست ٿيل هو. انڊور راندين لاءِ بہ وڏا سھڻا هال ٺهرايا ويا هئا. وائسراءَ هائوس چئين سالن ۾ ٺهي راس ٿيو جنهن تي ان وقت جا چار لک پائونڊ خرچ ٿيو هو. هن کي ٺهرائڻ لاءِ ڪيترن ٺيڪيدارن کي ٺيڪا ڏنا ويا هئا. انهن ٺيڪيدارن ۾ مشهور ليکڪ خوشونت سنگھ جو پيءُ بہ شامل هو. هي سڀ ٺيڪيدار پبلڪ ورڪس کاتي جي سيڪريٽري Hugh keelmg هگ ڪيلنگ جي ماتحت ڪم ڪري رهيا هئا، هن ڪم جا مک ٺيڪيدار هئا، سيٺ هارون رشيد ۽ سيٺ سو ڀا سنگھ، جيڪو خوشونت سنگھ جو پيءُ هو ۽ ان وقت هن جي عمر ائانوي سال هئي.

وائسراءَ هائوس جي وچئين روم جي ڇت هڪ سئو اسي فوٽ اندران اندر ڊگهي آهي، وائسراءَ هائوس ٻن حصن ۾ ورهايل آهي، هڪ وائسراءَ ۽ ان جي اسٽاف جو پورشن، تہ ٻيو پورشن وري گيسٽ هائوس طور ٺهيل آهي.

وائسراءَ وارو سڄو حصو اٽيليئن سنگ مر مر جي چاڪليٽ ڪلر سان ٺهيل آهي، وائسراءَ واري پورشن ۾ ٽينس ڪورٽ، سوئمنگ پول، بليئرڊ روم، گاف ڪورس يعني راند جا ميدان ٺهيل آهن، ۽ انهيءَ پاسي اُوٽتيھَ وڏا وڏا شمعدان لڳل آهن، انهيءَ پاسي هڪ اسپتال ۽ هڪ وڏو ٿيٽر هال پڻ ٺهيل آهي. جڏهن لارڊ ارون کي هن محل جي چاٻي ڏني وئي هئي، تڏهن هي دنيا جي وڏي ۾ وڏي ڪنهن حاڪم جي محلات هئي.

اسان کي ٽوئر وارن گهمائي ڦيرائي آڻي پنهنجي هوٽل تي لاٿو جتان اسان جلد تيار ٿي رام ڄيٺملاڻي جي دعوت تي وياسين، جيڪا ڪنهن باغ ۾ تقريب هئي، هن دعوت ۾ منهنجي خيال ۾ چار سئو کن مهمان هئا، جيڪي سڀ جا سڀ سنڌي هئا، رام ڄيٺملاڻي سڄي هندستان ۾ مونکي هڪڙو سنڌي قوم پرست ڏسڻ ۾ آيو جيڪو مذهبي تنگ نظريءَ کان تمام مٿانهون نظر ٿي

آيو. جنهن کي سنڌي مسلمانن لاءِ بہ ايتري حُب ۽ اڪير هئي، جهڙي هن کي هندن لاءِ هئي، هن جي زبان تي جهولي لال جي بدران صرف شاهہ عبداللطيف هو جنهن جي زبان مان سنڌيت جي سرهاڻ اچي رهي هئي، رام ڄيٺملاڻي تازو 93 سالن جي ڄمار ۾ وفات ڪري ويو رام ڄيٺملاڻي شڪارپور ۾ ڄائو هو پوءِ پاڻ ۽ اي۔ ڪي بروهي گڏجي ڪراچيءَ ۾ وڪالت شروع ڪئي، پاڻ بلڪل هندستان وڃڻ ڪونہ ٿي چاهين پرڪراچيءَ ۾ مُهاجر اچڻ ڪري! اهڙا تہ حالات ٿيا، جو لياقت عليءَ جي حڪومت هندن کي تنگ ڪرڻ شروع ڪيو تڏهن اي۔ ڪي بروهي جي صلاح سان مجبورن هن کي هندستان وڃڻو پيو. هن سنڌين جا هندستان ۾ ڪيس پاڻ ڪنيا ۽ اهي کٽيا. مثال پاڻ پهريائين سنڌي ٻوليءَ کي هندستان جي سرڪاري ٻوليءَ طور منظور ڪرائين پوءِ وري ڪنهن هندو سپريم ڪورٽ ۾ ڪيس داخل ڪيو تہ هندستان جي قومي تراني مان سنڌ جو نالو ڪڍيو وڃي، تہ انهيءَ ڪيس ۾ بہ پاڻ وڪيل ٿي رهيو. ڪيس کٽيائين تہ سنڌ جو نالو هندستان جي قومي تراني مان ڪونہ ڪڍيو ويندو ۽ پڻ جن سکن اندرا گانڌيءَ کي گوليون هڻي ماريو انهن جي ڪيس ۾ بہ پاڻ وڪيل هو ۽ ٻيو هندستان جي پارليامينٽ تي جڏهن حملو ٿيو تہ ان ۾ هڪ پاڪستاني نالي افضل کي بہ چالان ڪيو ويو هو تہ پاڻ انهيءَ جو وڪيل ٿي انهيءَ کي ڪيس مان آزاد ڪرائين، پاڻ راڄيا سڀا ۽ لوڪ سڀا جو ميمبر هو ۽ سڄي هندستان جو وزير قانون پڻ هو ۽ هندستان جي وزير اعظم اٽل بهاري باجپائي سان اليڪشن ۾ زبردست مقابلو ڪيو پر پاڻ اليڪشن هارائي ويو پاڻ ڪيترائي دفعا هندستان سپريم ڪورٽ بار جو صدر پڻ ٿي رهيو. هن تقريب ۾ قمر شهباز ۽ حميد سنڌيءَ بہ تقرير ڪئي جنهن ۾ هن مونسان گڏ بابا ارباب نور محمد تي بہ تمام سٺو ڳالهايو. هن تقريب ۾ هندستان جي مشهور ڳائڻي امہ لالا بہ خوب ڳائي ماڻهن کان داد حاصل ڪيو.

مون کي اهو ٻڌائڻ وسري ويو تہ موجوده مودي جي حڪومت جڏهن ڪشمير جي آئين مان انهيءَ شڪ کي خارج ڪيو تہ ڪشميرين کان سواءِ ڪشمير ۾ ڪو بہ ماڻهو جائيداد نٿو وٺي سگهي ۽ هت ڪشميرين کانسواءِ ڪوبہ ماڻهو نوڪري نٿو ڪري سگهي، اهو تازو سيپٽمبر بہ هزار اويڻهہ

2019ع ۾ هندستان جي پارليامنيٽ بل پاس ڪيو ۽ انهيءَ جي رد عمل ۾ مسلسل هڪ مهينو هنگامن ڪري ڪرفيو لڳو ۽ ڪيترا ڪشميري پارتي فوج هٿان شهيد ٿيا. انهيءَ موضوع تي هندستان ۾ انهيءَ جي حمايت ۾ سيمينار ڪرايا ويا. اهڙي هڪڙي سيمينار ۾ رام ڄيٺملاڻي مرڻ کان چنڊڏينهن اڳ پنهنجو مؤقف ٻڌايو ته ڪشمير هندستان جو حصوئي ڪونهي جيستائين اُت اقوام متحده جي زير اهتمام راءِ شماري نٿي ڪرائي وڃي، تيستائين هندستان ڪشمير متعلق پنهنجو ڪوبه قانون پاس نٿو ڪرائي سگهي. اهو جيڪو مودي پارليامنيٽ مان بل پاس ڪرايو آهي ان تي ڪشمير ۾ عمل ئي ڪو نه ٿو ٿي سگهي، سندس اهي دليل اڄ به فيس بڪ تي پيا آهن. سندس انهيءَ مؤقف ڪري سڄي هندستان ۾ مٿس ڏاڍي تنقيد ٿي پر ڪيس انهيءَ جي ڪا به پرواهه ڪانه هئي.

فنڪشن ۾ هند سنڌ جي اديبن خوب ڊانسون ڪيون ۽ موج مستيون ڪئون. هي فنڪشن رات جو دير سان ختم ٿيو ۽ اسان به دير سان هوٽل تي پهتاسين ۽ اچڻ شرط سمهي پياسين، صبح سوير تيار ٿي اسان هوٽل وارن کي چيو ته هوٽل خالي ڪري واپس پاڪستان روانا ٿي ويندا سين، پر ريل روانگي کان اڳ اسان هٿ مختصر خريداري به ڪرڻ چاهيون ٿا سو اهڙي ڪا اسانکي سٺي ويجهوئي مارڪيٽ ٻڌايو ته ڪجهه خريداري ڪري پوءِ توهانجي هوٽل تان سامان کڻي سڌو دهليءَ جي ريلوي اسٽيشن پهچي وڃون اسان کي هنن چيو ته بل نهڻ ۾ ڪجهه وقت لڳندو، تنهنڪري توهان هت ويجهو ئي غفور مارڪيٽ آهي، اتان خريداري ڪري اچو ته توهان جو بل تيار هوندو. سو اسان هتان تيار ٿي ٽئڪسي ڪري سڌو غفور مارڪيٽ آياسين، هيءَ تمام وڏي مارڪيٽ هئي هت ڪنئين وڏا شاپنگ مالس هئا. جن مان ڪن ۾ لفٽون به لڳل هيون هت ڪافي دڪان مسلمانن جا به هئا، هت مِنا سينڊل ۽ واچ ورتي، مون جُتو ۽ چشمون ورتو پارس به واچ ۽ ٻيو ننڍو ننڍو سامان ڪافي خريد ڪيو اسان ماني به هت، ڪاڌي ۽ پوءِ ٽئڪسي ڪري هوٽل وارن کي پيسا ڏيئي، انهيءَ ٽئڪسي ۾ ئي اچي دهلي جي ريلوي اسٽيشن تي پهتاسين اسان جي ريل پليٽ فارم کان پري بيٺل هئي، تنهنڪري اسان ڪوليءَ کان سامان کڻائي

اچي ريل پيڙا ٿياسين اسانجون سيٽون رزرو هيون سو اسان اچي پنهنجي بوگي جي انهن سيٽن تي ويٺاسين ۽ پنهنجو سامان مٿي رکي ويهي رهياسين. هن ريل جو پهريون اسٽاپ هندستان جي اتاري اسٽيشن هو. هندستان تمام وڏو ملڪ آهي تنهنڪري هنن پنهنجي ريلوي نظام تي ڪافي ڌيان ڏنو آهي، خاص ڪري جڏهن لالو پرشاد ريلوي جو وزير هو هندستان جو ريلوي نظام سڄي دنيا اندر چوٿون نمبر وڏو ريلوي نظام آهي هن ريلوي نظام جي پٽڙين جي پکيڙ پنجهتر هزار چار سئو چاليهه ميل آهي، هن ريلوي جو ٽيٽيهه سيڪڙو ڊبل ٽريڪ Tracked سسٽم آهي ۽ هن ريل نظام ۾ ڪافي ريلون بجليءَ تي هلنديون آهن. هندستان ۾ انگريز پهريائين بمبئي ۾ ريلوي 16 اپريل 1845ع ۾ هلائي، ريل تي لڳي پنجويهه منٽن تي بمبئي کان ٿاڻي تائين هلي، منجهس چار سئو مسافر هئا. گاڏيءَ کي ايڪيهن توپن جي سلامي ڏني وئي، گاڏيءَ ۾ ٽي انجڻيون هيون هڪ جو نالو سنڌ هو. ان ڏينهن بمبئي ۾ عام موڪل ڪئي وئي هئي، ريلوي انجنيئر جان بوٽن هو جنهن سنڌ ۾ به 1858ع ۾ ڪراچيءَ کان ڪوٽڙيءَ تائين ريل هلائي هئي. پاڪستان جي ريل جو هيڊ ڪوارٽر لاهور ۾ آهي ۽ هندستان جي ريل جو هيڊ ڪوارٽر دهليءَ ۾ آهي، هندستان جي ريل جا تيرهن لک اسي هزار پڪا ملازم آهن انڊين ريلوي ارڙهن زونن ۾ ورهايل آهي ۽ هن جون سڄي ملڪ ۾ ست هزار ٽي سئو پنجاهه ريلوي اسٽيشنون آهن. هنن جو تيز ۽ سئو روٽ دهليءَ کان بمبئي ۽ دهليءَ کان اگرا آهي، جت نوي ميل ڪلاڪ اسپيڊ سان ريل هلندي آهي، هي پنهنجي نئين ريل لائين دهليءَ کان لکنو ۾ وڇائي رهيا آهن. ان جي اسپيڊ هوندي هڪ سئو ٻارهن ميل جيڪو هڪ ڪلاڪ ۾ سفر ڪندي، سڄي هندستان ۾ انڊين ريلوي جون نو هزار ٻه سئو ريلون هلنديون آهن سال ٻه هزار ارڙهن 2018ع ۾ هندستان جي ريل گاڏين ۾ اسي لک چويهه هزار مسافرن سفر ڪيو. يورپ ۽ جپان ۾ ته ملڪ جو اسي سيڪڙو آدمشماري ريل ۾ چڙهي، ڇو ته اُتي جو ريلوي نظام ايڏو ته سٺو ۽ تيز آهي، جو ماڻهو پنهنجي گاڏين کان به وڌيڪ ريل کي ترجيح ڏين ان ڪري يورپ ۽ جپان ۾ روڊ رستن تي ڪارن جي پنهنجي ملڪ واري رش يا روڊ بلاڪ ٿئي ئي ڪو نه.

دنيا اندر جديد مواصلات ڪري انسان جو صدين کان هلندڙ ڪلچر ۽ تهذيب بہ آهستي آهستي تبديل ٿيڻ لڳي، جيئن پهريائين وڏا سامونڊيءَ جهاز تيار ٿيا، انهن تي فوج چاڙهي ڪيترا ملڪ فتح ڪيا ويا، اسلامي حڪومت ۾ پهريائين باقاعده سامونڊي ٻيڙا امير معاويہ تيار ڪرايا جڏهن يورپ جي ملڪن وڏا وڏا سامونڊي جهاز ٺاهيا تہ ڪئپٽن ڪڪ آسٽريليا ڳولي لڌي ۽ ڪولمبس آمريڪا ڳولي لڌي. اهڙي طرح يورپي قومون هندستان، آمريڪا آسٽريليا ۽ آفريڪا ڪنڊن جون حاڪم ٿي ويهي رهيون، آفريڪا آسٽريليا ۽ آمريڪا ۾ هنن ڪروڙن جي تعداد ۾ مقامي ماڻهن کي ماريو ۽ سڄي دنيا جا حاڪم ٿيا تہ جت جت هنن کي ماڻهن جي زياده ضرورت ٿي، تہ اُت ماڻهن کي غلام بنائي، هڪ ڪنڊ کان ٻئي ڪنڊ تائين پهچايو ۽ ڏسندي ڏسندي يورپ سڄي دنيا جي خزاني جو مالڪ ٿي ويو. سنڌ تي بہ پورچو گيزن حملو ڪري ٺٽي کي باھہ ڏئي، سنڌ جي سڄي دولت ڪٽي ويا ۽ انگريز تہ سئو سالن تائين سنڌ جا حاڪم ٿي ويا ۽ اڄ بہ آمريڪا، آسٽريليا ۽ ڪجهہ آفريڪن ملڪن تي هي قابض آهن، اڄ سڄي طرح تہ دنيا جي وڏي ۾ وڏي دولت تيل تي سندن ئي ڪمپنين جو قبضو آهي، جڏهن سامونڊي جهاز پنهنجي ملڪ پهچندا هئا، تہ سوين ماڻهو اچي انهن کان ٻين ملڪن جا حال احوال پڇندا هئا، سامونڊي جهازن ڪري يورپين جڏهن سڄي دنيا تي قابض ٿيا تہ وري انهن قبضي وارن ملڪن جو سڄو مال يورپ موڪلڻ لاءِ هنن انهن ملڪن ۾ هڪ ڪنڊ کان ٻي ڪنڊ تائين ريل جون پٽڙيون وڇائي انهن ملڪن جي زراعت جو مال يورپ موڪلي اُت ڪارخانا قائم ڪري پنهنجي ملڪن کي وڏيڪ مضبوط ۽ طاقتور بنايو ۽ جڏهن انهيءَ مال مان بي انتها دولت گڏ ڪئي، تہ وري سفر کي آسان بنائڻ لاءِ پليون ٺاهيون، اهي پُليون انگلينڊ ۾ ئي ٺهنديون هيون، هت صرف اچي فٽ ڪيون وينديون هيون.

انگريزن سنڌ 1843ع ۾ فتح ڪئي سنڌ ۾ ريلوي هنن 1858ع ۾ هلائڻ شروع ڪئي، يعني سنڌ تي قبضي کان پندرهن سالن بعد، پر سنڌ ۾ هنن درياءَ تي پُليون سکر ۽ ڪوٽڙي ۾ ٺاهيون 1889ع ۾، يعنيٰ ريل هلائڻ کان 31 سال پوءِ هنن پلين جو نقشو انجنيئر سر الينگزانڊر رينڊل ٺاهيو. پر هُن نہ سنڌ ۾ نہ

ئي سنڌو ندي ڪڏهن ڏٺي.!

ريل هلي تہ دنيا اندر هڪ نئين تهذيب جي ابتدا ٿي، ريلوي اسٽيشن اندر مسافرن لاءِ رهائش جا ڪمرا، دڪان، ڊائينگ هال، ڪتابن جا دُڪان، هوٽلون، عام استعمال جي شين جا دڪان ريلوي اسٽيشن کان ٻاهر بہ هوٽلون مهمان سراءِ دڪان، ٽانگا اسٽينڊ، ٽاهيا. ڪراچي ريلوي اسٽيشن جي ٻاهران پهرين هوٽل هڪ روسي عورت، ”ڪارلٽن“ نالي هوٽل قائم ڪئي، جنهن ۾ ٻاهرين ملڪن مان ايندڙ ملازم ٺيڪيدار ۽ انجنيئر اچي رهندا هئا. ريلوي پليون ٺهيون ۽ سامونڊي جهاز هليا تہ ماڻهو پري جو سفر ڪرڻ لڳا. سنڌ جا ماڻهو بمبئي سعودي عربستان انگلينڊ پڙهڻ گهمڻ ۽ زيارتن لاءِ وڃڻ لڳا. ۽ سنڌ جا ماڻهو اتان شاديون ڪري اچي هت رهڻ لڳا. ائين ماڻهو پري پري مسافريون ۽ شاديون ڪرڻ لڳا تہ هڪ نئون ترقي يا فتہ سماج وجود ۾ آيو ۽ ڪنئين سنڌي ماڻهو سرڪاري نوڪرين ۾ بہ آيا پهريائين گهرن ۾ پوءِ پاڙن ۾ پوءِ ڳوٺن ۽ شهرن ۾ وڏيون تبديليون آيون.

اسانجي ريل جي گارڊ جڏهن سائي جهنڊي ٻاهر لوڏي تہ ريل آهستي آهستي هلڻ لڳي، جيئَن تہ هِيءَ ريل هندستان کان پاڪستان وڃڻ واري هئي، تنهنڪري هن ريل تي سندن مٽ مائٽ بہ جام هنن کي ڇڏڻ آيا هئا. ڪي هڪ ٻئي سان گلي ملي موڪلائي رهيا هئا. تہ ڪي موڪلاڻيءَ مهل هڪ ٻئي کان روئي موڪلائي رهيا هئا. تہ ڪي وڏا وڏا مانيءَ جا ٽفن باڪس ڪين ڏئي رهيا هئا. تہ ڪي وڃڻ وارن کي هار بہ پهرائي رهيا هئا. ڪي مسافرن کان موڪلائي هليا ويا تہ ڪي ريل جو ڪافي پري وڃڻ تائين هٿ لوڏي هڪ ٻئي کي الوداع ڪري رهيا هئا. ريل ڪافي پري هلي وئي ت ريل جي دروازن تي بيٺل ماڻهو بہ دروازا بند ڪري اچي اندر ويهي رهيا. ۽ اسان بہ آرام سان ويهي رهياسين، ڪافي دير تائين ريل ۾ بلڪل خاموشي ڇانئجي وئي، اسان شام ويلي هريانا ۽ پنجاب جي سر سبز وادين، ميدانن، ڳوٺن، شهرن ۽ گُردوارن جا نظارا ڏسندي، هلندي هلندي اچي نيٺ اٽاري ريلوي اسٽيشن پهتاسين، هيءَ هندستان جي آخري ريلوي اسٽيشن ۽ اميگريشن پوائنٽ هئي، جيئن تہ اسان وٽ سامان تمام ٿورو هو تنهنڪري سواءِ ڪنهن پڇ پڇان جي اسان جي

سامان تي چاڪ ۽ پاسپورٽ تي اسٽيمپ هڻي اسان کي پنهنجو سامان ۽ پاسپورٽ واپس ڏئي ڇڏئون ڪافي وقت انتظار بعد ريل واگها اسٽيشن ڏانهن هلڻ لڳي، تہ اسان ڪو ڪتاب يا اخبار پڙهڻ شروع ڪري وياسين، ڇو تہ ٻاهر هاڻي بلڪل اوندهہ ٿي وئي هئي، ۽ ڪجهہ بہ ڏسڻ ۾ ڪو نہ ٿي آيو اڳوڻي زماني ۾ ريلن جي ايڪسيڊنٽ ۽ ريلوي حادثي ۾ ماڻهو مرڻ وارن جو باقائده رڪارڊ رکيو ويو ۽ ان جي مڪمل تحقيقات ڪئي ويندي هئي، تہ اهو حادثو ڪهڙي سبب ڪري ٿيو جئين وري آئنده اهڙو ڪو حادثو نہ ٿئي، پاڻ وٽ سنڌ ۾ ڪافي سال اڳ سکر ويجهو سانگي ڳوٺ وٽ ريل جو وڏو حادثو ٿيو جنهن ۾ ٽن سئون کان بہ وڌيڪ ماڻهو مري ويا هئا، ان علائقي جي ماڻهن کي هي خوفناڪ ريل حادثو اڃان بہ ياد آهي، دنيا اندرين ملڪن ۾ ريل حادثو يا هوائي حادثو ٿيندو آهي، تہ ان کاتي جو وزير استيعيفا ڏئي ڇڏيندو آهي، پر پنهنجي ملڪ ۾ ايئن ڪو نہ ٿئي. اسان دهلي ۽ آگره ۾ سخت مصروف وقت گذاريو هو، تنهنڪري اسان ريل اندر خوب آرام ڪيو. انگريزن جي دؤر حڪومت ۾ هڪ بلڪل عجيب ۽ ڇڙ ڏيارينڌڙ رواج هوندو هو، ريلوي جي قانون مطابق ريل اندر ڊائينگ هال يا ڏبي اندر ماني آرڊر تي نہ پر مينو مطابق ملندي هئي، ۽ انهيءَ مينو ۾ هر ڪاڏي وقت ڪاڏي ۾ سوئر جو گوشت بہ ضرور ڏنو ويندو هو جيڪو مسلمان ۽ هندو تہ ڪو نہ کائيندا هئا، پر انهن کي بل ۾ سوئر جي گوشت جي بہ هر ڪاڏي يعنيٰ بريڪ فاسٽ لنچ ۽ ڊنر تي پيمينٽ ضرور ڪرڻي پوندي هئي، اهو هو انگريزن جو قانون تہ جيئن سوئر جي گوشت کي هندستان ۾ فروغ ڏجي ۽ نہ کائيندي بہ هي پنهنجي اڳيان پليٽ ۾ پنهنجي کاڌي ۾ سوئر جو گوشت ضرور ڏسن ۽ ڏپ وٺن، هنيئر ٿوري ڳالهہ تي وڏيون وڏيون تحريڪون هليو وڃن، پر انگريز دؤر حڪومت ۾ انهيءَ قانون کي ختم ڪرڻ جو ڪنهن بہ مطالبو ڪو نہ ڪيو، انهيءَ وقت ۾ هندن ۽ مسلمانن جي ديني رهنمائن بہ ريل ۾ سفر ضرور ڪيو هوندو، پر مون اهو ڪٿ بہ ڪو نہ ٻڌو يا پڙهيو. جڏهن مون سينٽرل ريلوي بورڊ ۽ ريلوي فنانس بورڊ جي ميمبر سر محمد يامين جي آٽو بايو گرافي "نامہ اعمال" پڙهي تہ انهيءَ هن ڳالهہ جو پنهنجي آتم ڪٿا ۾ تفصيل سان ذڪر ڪيو آهي.

پنجاب صوبي ۾ انگريزن جي دؤر حڪومت ۾جليا نِوالا ۾ فائرنگ جو واقعو ٿيو جنهن ۾ سوين ماڻهو مئا ۽ انهي واقعي جو اڄ تائين ذڪر ٿيندو رهندو آهي، پر هندستان ۾ موپلي جي مقام تي هڪ هزار کان وڌيڪ مسلمان انگريز فوج ۽ پوليس هٿان شهيد ٿيا. پر انهيءَ واقعي کي ايڏي شهرت ڪا نہ ملي. موپلي ۾ هندو زميندارن جا هاري سڀ مسلمان هئا. ۽ انهن جا هڪ ٻئي تي ڪورٽن ۾ ڪيس سدائين هلندا رهندا هئا. هڪ دفعو هت هڪ هندو زميندار جي گهر ۾ ڌاڙو لڳو ۽ مسلمانن جي گهرن جي تلاشي ورتي ويئي، پر هنن جي گهرن مان ڪجهہ بہ ڪو نہ مليو. انهيءَ دوران ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ کي خفيہ انفارميشن ملي تہ مسلمان وڏي پئماني تي هٿيار پيا گڏ ڪن. سو ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ پوليس ۽ فوج جي مدد سان هنن موپلان مسلمانن جي گهرن تي ڇاپا هنيا ويا. نہ رڳو گهرن پر مسجدن ۽ مدرسن جي بہ تلاشي ورتي وئي، پر هنن کي هٿان ڪجهہ بہ ڪين مليو. هنن هڪ مذهبي پيشوا کي هرو ڀرو گرفتار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، تنهن تان هنن کي سخت ڪاوڙ لڳي ۽ هنن بہ ڏينهن حڪومتي پراپرٽي جي پيچ ڊاهہ ڪئي ۽ ڪافي سرڪاري آفيسن کي باهہ ڏني. ضعلي جو ڪليڪٽر ۽ ٻيا سرڪاري ملازم شهر ڇڏي ڀڄي ويا. پر هنن مسلمانن هڪ بہ هندؤ جي ملڪيت کي نقصان ڪو نہ پهچايو نہ وري ڪو هنن پيچ ڊاهہ ۾ هنن سان هڪ بہ ڪو هندو گڏ هو. ٻن ڏينهن کانپوءِ هندن جي ملڪيتن کي بہ نقصان پهچايو ويو. پر انهيءَ سڄي نقصان ۽ عمل جو ذميوار ضلعي جو ڪليڪٽر هو جنهن ڪري هي فساد ٿيا. ۽ نقصان ٿيو. انهيءَ واقعي بعد سب ڊيوزنل آفيسر جي نگراني ۾ هنن موپلي مسلمانن جي مٿان مشين گن هلائي وئي، جنهن ۾ ڪيترائي انسان قتل ٿيا. ماڻهن جي مَرڻ جي باري ۾ حڪومت صحيح انگ اکر ظاهر ڪو نہ ڪيا. پر انهيءَ دوران اخبارن لکيو تہ مئلن ماڻهن جو انگ هڪ هزار کان مٿي هو.

”ڪتاب نامہ اعمال صفحو 86_87“

اسان کي ريل آٽي واگها ريلوي اسٽيشن پهچايو هت بہ ڪسٽم ۽ اميگريشن وارن اسان کي جلد فارغ ڪيو. پر هت هرو ڀرو اسانکي پاڪستان کان ايندڙ ريل جي انتظار ۾ ست اٺ ڪلاڪ سخت بوريت ۾ گذارڻا پيا. ريل

هلي تہ جلد اچي لاهور ريلوي اسٽيشن پهتاسين.

انگريزن جي وقت ۾ بمبئي، لکنؤ ۽ لاهور ريلوي اسٽيشون هندستان جون سٺيون، وڻندڙ ۽ لاجواب ريلوي اسٽيشون هيون. چون ٿا تہ جڏهن بمبئي جي ريلوي اسٽيشن ڪنهن گورنر جنرل جي زال پهريائين ڏٺي، تہ ٽوڪ هڻندي چئِين تہ هندستان ۾ اهڙي سٺي ريلوي اسٽيشن ! هنن ماڻهن کي زيب نٿي ڏي، هن ريلوي اسٽيشن جو نالو راڻي وڪٽو ريا جي نالي پٺيان وڪٽوريا ٽرمنيل آهي، پر بمبئي جا ماڻهو هن کي وي-ٽي ڪري سڏين.

انگريزن ريل جو هندستان ۾ ڄار صرف ٻن ڳالهين جي ڪري وڇايو هڪ تہ سڄي هندستان مان هر شيءَ جلد سي پورٽ پهچي، اتان انگينڊ پهچي، تہ جئين انگلينڊ جا ڪارخانا سدائين پيا هلن ۽ سندن ملڪ خوشحال ٿئي، ٻيو تہ سڄي هندستان اندر هڪ جڳهہ کان ٻي جڳهہ تائين فوج کي يڪدم پهچائي سگهجي، 1857ع ۾ پنجابي فوج گهرائي دهلي ۾ سڄي هندستان تي قبضوڪري انگريزن هندستان تي وڏيڪ نوي سال سامراجي حڪومت ڪئي، انگريزن لاهور ريلوي اسٽيشن تہ صفا قلعي نما جنگي حڪمت عمليءَ مطابق تيار ڪرائي، جنهن جي ڇتين تي مورچا ٺاهيا ويا، داخلا جي سڀني دروازن تي وڏا وڏا لوهي دروازا ۽ رات جو انهن سان ريلوي اسٽيشن کي مڪمل طرح سان بند ڪيو ويندو هو، رات جو لاهور ريلوي اسٽيشن تي ريل گاڏين جي اچ وڃ ڪا نہ ٿيندي هئي.

لاهور ريلوي اسٽيشن جي وڏيڪ اڏپ جو ٺيڪو اسٽيشن ٻاهران سائيڪلن بيهارڻ جي ٺيڪيدار، سلطان کي ڏنو ويو، جنهن کي پوءِ جڏهن لاهور ميونسپالٽي ٺاهي وئي، تہ ان جو اعزازي ميمبر بہ ڪيو ويو. سلطان هيءَ ريلوي اسٽيشن مغلن جي محلن کي ڍيجي پوءِ ٺاهِي، جت بيشمار سرون زير زمين اڳ ئي پيون هيون ۽ هُنن مغلن شهزادن جون سڀ رهائش گاهون جنهن ۾ دارا شڪوه جو محل بہ شامل هو کي ڍيجي ان جون سرون ڪڍي ۽ انهن جي بنيادن مان لکين سرون ڪڍي هي ريلوي اسٽيشن ٺاهي مغلن جي محلن کانسوءِ ٺيڪيدار اُن دؤر جي ڪيترين پراڻين مسجدن کي بہ شهيد ڪيو. هن ستارا بيگم جي دؤر جي هڪ لاجواب وڏي مسجد ان جي پرسان مدرسا ۽

حُجرا بہ پيچائي، ان جون سرون ڪيڏي لاهور ريلوي اسٽيشن نھرائي ۽ ائين هيءَ ريلوي اسٽيشن نھي راس ٿي، جيڪا اڄ بہ قائم آهي، نہ رڳو لاهور پر سڄي ملڪ ۾ انگريزن جون ٺاهيل ريلوي اسٽيشنون اڄ بہ وڏي تعداد ۾ قائم آهن، اسان جي ٺٽي ضلعي ۾ انگريزن جي دؤر جون جڳهيون ٺهيل ڪو نہ آهن، سواءِ جنگ شاهي ۽ ٻي ڪا هڪ بہ پراڻي ريلوي اسٽيشن ۽ هڪ بہ پڳل اسپيڪشن بنگلا مس هوندا، پر مغلن جي ٺاهيل ٺٽي جي باد شاهي مسجد اڄ بہ پراڻي ۾ پراڻي آهي. هيءَ مسجد اڳم ايڏي وڏي ۽ سهڻي ڪانہ هئي پر شهيد ڀُٽي هن اڳيان سيدن جي فيمليز جا گهر ٻي هنڌ انهن کي پلاٽ ۽ پيسا ڏئي شفٽ ڪرائي پوءِ مسجد جي مرمت سان گڏ اُن اڳيان پارڪ، پاڻي، جا تلاءَ نھرائي انهن کي ڦوهارا ۽ ٽائلس لڳائي ان جو مان شان اجان بہ وڌرائي ڇڏيو جيڪا هاڻ وري بہ مرمت ٿي گهري.

اسان لاهور جي ريلوي اسٽيشن تي لٿاسين تہ هت ڪولين جي هڪ وڏي فوج بيٺي هئي، هن ريلوي اسٽيشن تي مونکي دهلي ريلوي اسٽيشن کان بہ وڌيڪ ڪولي نظر آيا، پر انهن ۾ ڪافي تعداد ۾ ڪولي وڏي عمر جا پوڙها بہ نظر آيا، جيڪي سامان کڻڻ مهل بلڪل جوان ٿي لڳا اسان وٽ سامان ايترو تہ ٿورو هو جو اسان ڪنهن ڪوليءَ جي ضرورت ئي محسوس نہ ڪئي، اسٽيشن کان ٻاهر نڪري اسان ٽيڪسي ڪري اڇي آواري هوٽل پيڙا ٽياسين. اسان ٽن ڄڻن لاءِ هڪ ڪمرو ورتو. اسان ٿڪل هئاسين سو ماني هوٽل ۾ ئي کائي سمهي رهياسين، ڇو تہ اسان کي ٻہ ڏينهن لاهور گهمي پوءِ واپس وڃڻو هو. اسان صبح جو مفت جو ناشتو ڪري، شهر گهمڻ لاءِ روانا ٿي وياسين.

لاهور شهر تي سندس نالي بابت تاريخ دانن پنهنجي پنهنجي راءِ ڏني آهي، مسٽر ريناڊ پنهنجي ڪتاب فريگ مينٽس ۽ ايليٽ پنهنجي ڪتاب ۾ لاهور شهر جو نالو لوهاور، لهارو ۽ لهور لکيو آهي. حضرت امير خسرو دهلوي تيرهين صديءَ جي آخري دؤر ۾ پنهنجي ڪتاب ”قرآن المسعديف“ ۾ لاهور کي لهارنو لکيو آهي، پهريون دفعو رشدالدين 1310ع ۾ پنهنجي ڪتاب جامع التواريخ ۾ لاهور شهر کي سندس موجوده نالي سان ”لاهور“ لکيو آهي،هو لکي ٿو تہ هن شهر ۾ ڪو بہ مضبوط قلعو ڪونهي البيروني بہ لاهور جو ذڪر لکيو

آهي ۽ سندس گاديءَ جي هنڌ کي مندهو لکيو آهي، پر سڀ ليکڪ انهيءَ ڳالهه تي متفق آهن تہ لاهور شهر جو نالو ”رام“ جي پُٽَ جي نالي پٺيان رکيو ويو آهي. لاهور جي اوائلي تاريخ بلڪل گمنام آهي، تنهنڪري هن شهر جي باري ۾ اسان ڪا بہ چٽي ۽ واضع تاريخ لکي نٿا سگهون.

اڪثر چيني سياح هن ڳالهہ تي متفق آهن تہ پنجاب جي گاديءَ وارو ”ٽڪي“ يا ”اسارو“ شهر ستين صديءَ تائين پنجاب جي گاديءَ وارو شهر هو جيئن حيدرآباد پنهنجي چاڙهين ۽ پڙن جي نالن سان مشهور آهي، مثلا =

1. تلڪ چاڙهي،
2. پڃائي خان جي چاڙهي
3. قدم گاهہ واري چاڙهي
4. چٽل چاڙهي

۽ پڙن ۾

1. فقير جو پڙ
2. ناهين جو پڙ
3. دادن شاهہ پڙ
4. گنج بخش پڙ

تيئن دهلي، پشاور ۽ لاهور شهر وري پنهنجي دروازن ڪري مشهور آهن، لاهور شهر جا مشهور دروازا هي آهن.

1. روشنائي دروازا
2. ڪشميري دروازا
3. مستي دروازا
4. يڪي دروازا
5. دهلي دروازا
6. اڪبري دروازا
7. موچي دروازا

8۔ شاهہ عالمي دروازا
9۔ لاهوري دروازا
10۔ مودي دروازا
11۔ ڀاٽي دروازا
12۔ ٽڪسالي دروازا
13۔ خضري دروازا

يعنيٰ لاهور شهر پنهنجي دروازان ڪري مشهور آهي، اسانجي پهرئين منزل لاهور جي مشهور بادشاهي مسجد هئي جت اسان پهرئين اندر ٻاهر فوٽا ڪڍيا. پوءِ اندر گهڙي سڄي مسجد گهمي ۽ مسجد اندر نفل پڙهيا ۽ دعا گهري. لاهور جي هيءَ عظيم الشان مسجد مغل بادشاهہ اورنگ زيب 1673ع ۾ ٺهرائي هيءَ مسجد زمين کان ڪافي مٿي ٺهيل آهي، مسجد ۾ ٻاويهہ چاڙهيون چڙهي پوءِ اندر داخل ٿِبو آهي، هيءَ مسجد مڪي جي مشهور الوليد مسجد جو نقل آهي، هن مسجد جا وڏا مينار پري پري تائين ڏسڻ ۾ ايندا آهن. هر مينار جي ڊيگهہ هڪ سئو ٽيتاليهہ فٽ ڇهہ انچ آهي، راجا رنجيت سنگهہ جي دؤر حڪومت ۾ هيءَ مسجد اسلح خانا ۽ فوجي گدامن طور استعمال هيٺ هئي، پر جڏهن پنجاب انگريزن فتح ڪيو تہ هيءَ مسجد 1856ع ۾ انگريزن مسلمانن جي حوالي ڪري ڇڏي. اسان هيءَ مسجد گهمي پوءِ لاهور جو مشهور قلعو ڏسڻ وياسين.

جنهن بابت ملڪ اندر ڪئين قصا مشهور آهن. هي قلعو مشهور مغل بادشاهہ اڪبر ٺهرايو هو قلعي اندر هڪ محل بہ ٺهيل آهي، جنهن ۾ داخل ٿيڻ لاءِ بہ دروازا آهن هڪ ديوان عام ڏانهن جت عوام کي بادشاهہ هرروز ديدار ڪرائيندو هو ۽ سندن مسئلا ٻُڌي حل ڪندو هو ۽ ٻيو دروازو ديوان خاص ڏانهن وڃي ٿو جت بادشاهہ رات اٺين وڳين کان ٻارهين وڳي تائين اميرَن سان ملڪي مسئلن تي ڳالهہ ٻولهہ ڪندو هو هن محل جي جهانگير بادشاهہ جي دؤر حڪومت ۾ واڌ ڪئي وئي. نہ رڳو هن محل جي، پر جهانگير سڄي لاهور شهر کي خوبصورت بنائڻ ۾ ڪا بہ گهٽتائي ڪانہ ڪئي قلعہ لاهور کي ڇئين مغل بادشاهن ٺهرايو وڌايو ۽ قلعي جي مرمت ڪرائي هئي.

اڪبر قلعي اندر محل ٺهرايو. جهانگهير هن ۾ ديوان عام ۽ ديوان خاص ٺهرايا، مينارن جي ديوار شاهجهان ٺهرائي، اورنگزيب بہ هن قلعي ۾ وڏيڪ اضافو ڪرايو. شاهي عورتون ۽ شهزاديون هن قلعي جي جنهن دروازي مان نڪري ٻاهر گهمڻ وينديون هيون انهيءَ دروازي کي ”هاٿي پير دروازو“ چيو ويندو هو. قلعي اندر شاهي خاندان جي عورتن لاءِ هڪ لاجواب مسجد سفيد سنگمرمر سان ٺهرائي وئي هئي جنهن کي ”موتي مسجد جي نالي سان سڏيو ويندو هو. رنجيت سنگهہ سک بادشاهہ جڏهن پنجاب جو بادشاهہ ٿيو تڏهن هن موتي مسجد کي مندر ڪري استعمال ڪيو ۽ سندس نالو موتي مسجد تبديل ڪري موتي مندر رکيو ويو ۽ پنهنجي مندرن ۾ شامل ڪري ڇڏيو هو.

اسان شام تائين صرف بادشاهي مسجد ۽ قلعو گهمي پوءِ واپس پنهنجي هوٽل تي پهتاسين. ڪجهہ دير آرام ڪري پوءِ رات جي ماني کائڻ لاءِ لاهور جي مشهور فوڊ اسٽريٽ تي هوٽل وارن جي گاڏيءَ ۾ روانا ٿياسين اسانکي بوبيءَ فون ڪري چيو هو تہ رات جي ماني فوڊ اسٽريٽ تي کائجو ۽ سردار فش“ نالي هوٽل تي مڇي ضرور کائجو سو اسان فوڊ اسٽريٽ ۾ سڌو اچي ”سردار فش“ نالي هوٽل تي پنهنجي گاڏي بيهاري اسان سردار فش هوٽل جي پچڻا کئي، تہ اسان کي ٻڌايون تہ هوءَ سامهون ئي آهي، مون پهريون دفعو لاهور جي هيءَ فوڊ اسٽريٽ ڏٺي، جيڪا اسانجي اڳوڻي ڊپٽي ڪمشنر نٽو ڪامران لاشاري ٺهرائي هئي. جڏهن هو لاهور ڊيولپمينٽ اٿارٽيءَ جو چيئرمين هو تڏهن هن لاهور کي ماڊرن بنائڻ لاءِ تمام گهڻا ڪم ڪرايا، لاشاري ٺٽي جو ڊپٽي ڪمشنر ٿورو وقت هو پر انهيءَ ٿوري عرصي ۾ بہ هن ٺٽو جيمخانا ۽ ٻيا ڪافي ڪم ڪرايا هو جي ٺٽي ضلعي ۾ ڪجهہ وڏيڪ وقت هجي ها تہ ڪافي ڪم ڪرائي ها، پر هُو ترت بدلي ٿي پنجاب هليو ويو. لاهور جي فوڊ اسٽريٽ ڪلفٽن جي بوٽ بيسن تي ٺهيل هوٽلن جي مقابلي ۾ ڪجهہ بہ ڪونهي، پر هاڻ تہ سمنڊ جي ڪناري ڪلفٽن تي جيڪي هوٽلون ٺهيون آهن تِن کي چون ”دودريا“ اهي هوٽلون تہ فارين جي بيچز جي هوٽلن کان وڏيڪ سٺيون ۽ سهڻيون آهن، انهن هوٽلن جو کاڌو بہ ڏاڍو سٺو آهي، پر مهانگيون بہ ڏاڍيون آهن، هوٽل وارن اُت هوٽلون ناهيون بہ ڏاڍي سهڻي نموني سان آهن،

خاص ڪري چانڊاڻ وارين راتين ۾ هوٽلن ۾ ويٺي سمنڊ مٿان چنڊ جي چانڊاڻ ڏاڍي من موهيندڙ لڳندي آهي انهيءَ چنڊ جي چانڊان ۾ سمنڊ مٿان وري جڏهن سفيد پکي سون جي، تعداد ۾ اڏامندا آهن تہ هي منظر روح کي ريجهائي ڇڏيندو آهي، چنڊ جي چانڊاڻ ۾ سمنڊ مٿان پکين جو رقص هلڪو نشو ۽ پنهنجي سامهون ڪنهن حسين جميل ڇهري تي هلڪي مسڪراهٽ، پوءِ دل ئي ڪانہ چوندي آهي تہ هتان اٿجي..! اسان سردار فش هوٽل ۾ داخل ٿياسين تہ هوٽل ۾ ويٺل ماڻهو گهٽ پر پڪل مڇي پئڪ ڪرائي گهر کڻي وڃڻ وارا گهڻا هئا، ۽ مڇي پئڪ ڪري ڏيڻ وارو اسٽاف، هوٽل اسٽاف کان عليحده هو. تنهنڪري هوٽل اندر ويٺل ماڻهن کي ڪا پريشاني ڪانہ هئي، اسان بہ بيري کي مڇيءَ جو آرڊر ڏنو هنن ڪلو اڌڪلو بہ ڪلو جي حساب سان ئي ٿي آرڊر ورتا، اسان تي ڇٽا هئاسين تنهنڪري اسان صرف اڌڪلو جو آرڊر ڏنو پر مڇي ايڏي تہ لذيز هئي جو اسان اڌڪلو جو ماني کائڻ دروان ئي ٻيو بہ آرڊر ڏنو اسان صرف ماني مڇي کاڌي ٻي ڪا بہ شيءَ ڪانہ کاڌي اسان ماني کائي واپس اچي پنهنجي هوٽل تي آرامي ٿياسين، اسان صبح جو سوير هوٽل ۾ ناشتو ڪري پوءِ ٽئڪسي ڪري سِڌا اچي شالامار باغ پهتاسين، شالامار باغ 1634ع ۾ شاهجهان بادشاهہ ٺهرايو هو. هي باغ ڪشميري طرز تي خليل الله جي نگراني هيٺ ٺهي راس ٿيو باغ کي پاڻي پڻ انهيءَ وقت ساڌو پور کان هڪ شاخ ڪڍي ....... اسي ايڪڙن تي ٺهيل باغ کي گل و گلزار ۽ سرسبز ڪيو ويو اهڙو سهڻو باغ مون سڄي هندستان پاڪستان ۾ ڪو نہ ڏٺو. اسان ٽئڪسي مان لهي ...... گيٽ کان باغ ۾ داخل ٿياسين. هن سڄي باغ کي چؤطرف ديوار ٺهيل آهي، جنهنڪري هي باغ جانورن ۽ ٻين نقصانن کان محفوظ آهي، يورپ ۽ آمريڪا ۾ باغن کي ڪمائونڊ وال ٺئي ئي ڪو نہ، ان ڪري ماڻهو جتان ڪٿان پيا باغ ۾ داخل ٿيندا آهن. دنيا جي مشهور شهرن ۾ تہ وڏي تعداد ۾ ننڍيا وڏا باغ هوندا آهن، جتي سڄو ڏينهن ملڪي ماڻهو ۽ غير ملڪي سياح پيا هلندا ۽ فوٽا ڪڍندا آهن، لنڊن ۾ هڪ باغ آهي. ”ڪيو گارڊن“ نالي، جنهن ۾ سڄي دنيا مان ٽيٽيهہ هزار چار سئو مختلف قسمن جا گل هٿ ڪري لڳا يا ويا آهن، هن باغ ۾ سائنسي اصولن موجب تقريبا ستر لک سڪل ٻوٽا محفوظ ڪري رکيا

ويا آهن. هن باغ ۾ ٻوٽن متعلق سائنسي تحقيق جو هڪ ادارو به قائم آهي. ان کانسواءِ هت هڪ وڻن ٻوٽن متعلق ڪتب خانون به آهي جنهن ۾ هڪ لک ٽيهه هزار ڪتاب رکيل آهن، هن ڪتب خاني طرفان ماهوار رسالو پمفليٽ گلن تي لکيل نوٽن جا ڪنئين ڪتاب شايع ٿيندا رهندا آهن، ٽنهن کانسواءِ هر ٽي مهيني ڪيو بُليٽن ۽ ٻيو ٻن سالن بعد ڪيو سائنٽسٽس (Scientists) به شايع ٿيندو آهي هن باغ ۾ سڄي دنيا جي گرم ۽ سرد ملڪن مان ڳولي ڳولي گل هٽ ڪري آندا ويا آهن جن کي پنهنجي پنهنجي ملڪ جي آبهوا مطابق شيشن جا وڏا هال ٺاهي رکيو ويو آهي، هت وڻن ۽ ٻوٽن جي ماڻهن کي سکيا ڏيڻ لاءِ به هڪ ادارو موجود آهي، جيڪو ماڻهن کي سائنسي بنياد تي ٽريننگ ڏيندو آهي هت وڏيون هوٽلون ۽ ريسٽورانٽ به آهن. آئون جنهن به ملڪ ويجان ته ان ملڪ جا باغ لئبرريون ۽ ميوزم به ضرور ڏسان، سو آئون هي دنيا جو هڪ منفرد باغ به ڏسي آيو آهيان. هن ڪيو گارڊن باغ جي داخلافي تمام گهٽي رکئون آهي، جنهن ڪري هت غريب ملڪن جا سياح گهٽ اچن دنيا ۾ وڏي ۾ وڏو پارڪ آمريڪا جي شهر سَينفِرانسِسڪو جي اتر اولهه جي سامونڊي پٽي تي گولڊن گيٽ پارڪ جي نالي سان ٺهيل آهي. هي پارڪ اٺاويهه ميل ڊگهي ساحلي پٽيءَ تي ٺهيل آهي هن اندر سياحن کي گهمائڻ لاءِ بسون به هلنديون آهن، چو ته هي پارڪ تمام وڏو آهي، جو ماڻهو پنڌ نٿو گهميو سگهي، هن پارڪ اندر وڏي تعداد ۾ سئنيمائون، عجائب گهر، هوٽلون ۽ بيشمار ٻيون عمارتون به ٺهيل آهن، پراڻن باغن ۾ وري پئرس کان ٿورو پر ڀرو ورسيلز باغ ڏاڍو مشهور آهي، سو سڄي دنيا جي شهرن ۾ بي مثال باغ ۽ پارڪ ٺهيل آهي. پر پاڻ اچون ٿا هاڻ واپس شالامار باغ گهمڻ شالامار باغ ۾ مٿي هڪ بارهه دري به ٺهيل آهي، جڏهن شهيد ڀٽي جي وقت اسلامي سربراهه ڪانفرنس ٿي هئي، ته انهيءَ بارهه دريءَ ۾ ملڪن جي سربراهن جي ماني جو به بندوبست ٿيل هو ۽ اُتان ئي سڄي مسلم دنيا جي ليڊرن هيٺ ماڻهن کي ديدار ڪرايو ۽ هٿ لوڏي ماڻهن جي سلامن جا جواب ڏنا، انهن سربراهن ۾ ياسر عرفات، ڪرنل قضافي، شاهه فيصل، حافظ الاسَدَ ٽنڪو عبدالرحمٰن، حواري بومادين ۽ شيخ مجيب الرحمن جهڙا عظيم ليڊر به هئا.

شيخ مجيب الرحمن کي وٺي اچڻ لاءِ شهيد ڀٽي مصر جي صدر انور سادات کي موڪليو ۽ شيخ مجيب ڪاوڙيل هو. انور سادات شيخ مجيب کي نيٺ اسلامي ڪانفرنس ۾ شريڪ ڪرڻ لاءِ ڍاڪا کان لاهور وٺي آيو. پنجاهه سربراهان مملڪت ۾ ڀٽي جي شخصيت جو ڪو مثال ڪو نه هو هن ڪانفرنس جي عجيب ۽ نه وسرندڙ ڳالهه اها هئي، ته عيدي امين هن ڪانفرنس ۾ پنهنجي ٻارهن زالن سميت آيو هو. هن ڪانفرنس جي ثقافتي پروگرام ۾ عيدي امين جي انهن سڀني زالن گڏجي سندن ثقافتي رقص پيش ڪيو. پاڪستان ۾ سربراهه ڪانفرس جهڙو پروگرام نه ڪڏهن ٿيو آهي، ۽ نه وري ڪڏهن ٿيندو. هن باغ ۾ نهايت ئي سٺا گل ۽ وڻ پوکيل آهن شاندار شينگلرن ۽ ٻتين سان وڻندڙ بندوبست ڪيل آهي، رات جي وقت ۾ انهن روشنين ڪري هي باغ بلڪل پرين جو آستان ۽ محل لڳندو آهي، هي باغ ٻن حصن ۾ ورهايل آهي.

جڏهن راڻا رنجيت سنگهه پنجاب جو بادشاهه هو ته هن شالامار باغ مان سنگمرمر جا پٿر لهرائي، امرتسر جي محلن ۾ ۽ امرتسر جي رام باغ ۾ لڳايا هئا. اسان هت به ڪلاڪ ڪن گهمي ڦري پوءِ هتان کان نورجهان جو مقبرو ڏسڻ وياسين، جيڪو هن خود پنهنجي لاءِ پنهنجي جيئري ئي ٺهرائي ڇڏيو هو هي نورجهان جو مقبرو ۽ سندس گهر واري جهانگهير جو مقبرو به سنگمرمر جو ئي ٺهيل آهي، هن مقبري تان به راڻا رنجيت سنگهه سڀ سنگمرمر لهرائي امرتسر جي محلن ۾ لڳايو. نورجهان جي هن مقبري تان سنگمرمر لهڻ ڪري پوءِ هي مقبرو پهرين جهڙي سونهن برقرار رکي نه سگهيو نور جهان سان گڏ جيڪا ٻي قبر آهي سا سندس ڌيءَ لاڏلي بيگم جي آهي، نورجهان جو اصل نالو مهرالنساءِ هو جهانگهير بادشاهه جنهن جي پاڻ زال هئي، سوکيس نور محل ڪري سڏيندو هو ۽ ٻي دنيا کيس نورجهان ڪري سڏيندي هئي، نورجهان جو پهريون مڙس هڪ بهادر ترڪ جرنل علي قلي بيگ هو. جيڪو پوءِ شير افگن جي نالي سان مشهور ٿيو. پوءِ جڏهن جهانگير هندستان جو بادشاهه ٿيو ته هن شير افگن کي مارائي پوءِ پاڻ نورجهان سان شادي ڪئي، جيڪا پوءِ ڄڻ ته سڄي هندستان جي بادشاهه ئي پاڻ هئي، نورجهان پنهنجي حسن سان گڏ تمام

گهڻين صلاحتين جي مالڪ به هئي.

نورجهان جو پيءُ پوءِ حڪومت جو وزير اعظم ٿيو ۽ سندس ڀاءُ شائسته خان کي بينگال جو گورنر مقرر ڪيو ويو.سندس ڀئي، ڀاءُ مرزا ابوالحسن آصف جو درجو وڏائي ”نوهزاري “ ڪيو ويو. اهڙي طرح نورجهان سڄي حڪومت تي حاوي ٿي وئي. جهانگهير جڏهن تخت تي ويهي حڪومت ڪندو هو ته هوءَ به هُن سان گڏ تخت جي پٺيان ويهندي هئي، ۽ جهانگهير ملڪي ڪاروبار جي هر مسئلي تي هن کان راءِ وٺندو هو. نورجهان کي ڪو به جهانگهير مان اولاد ڪو نه ٿيو اڳوڻي مڙس مان هن کي هڪ ڌيءَ هئي، جيڪا ساڻس دفن آهي، جهانگهير کانپوءِ ملڪي سياست مان هن جو اثر رسوخ بلڪل ختم ٿي ويو. پاڻ 1638ع ۾ ٻاهتر سالن جي عمر ۾ وفات ڪيائين. پاڻ فارسيءَ ۾ ڪجهه شاعري به ڪئي اسان نورجهان جي مقبري کان ٿي پوءِ مال روڊ تي شيزان هوٽل تي ماني کاڌي پوءِ اسان کي مِنا چيو ته انارڪلي بازار هلو ته آئون ڪجهه خريداري ڪريان. سياڻي ڪراچيءَ وڃڻ لاءِ اسان مال روڊ تي ئي P.I.A جي آفيس مان ٿي ٽڪيٽون هوائي جهاز جون خريد ڪيون.

لاهور جو شهر پراڻي ۽ نئين طرز تعمير ۾ پنهنجو مثال پاڻ آهي، ۽ پڻ لاهور قديم زماني کان هندو، مسلمانن، سک ۽ قادياني مذهبن ۽ ثقافتن جو مرڪز رهيو آهي، لاهور پيار ۽ محبت جي هڪ نه وسرندڙ ڪردار، انارڪليءَ جو به شهر آهي، جهانگهير جي محبت ۽ پياري راڻي، جو مقبرو به هن ئي شهر ۾ آهي، مغل بادشاهه جهانگهير به هڪ لاجواب مقبري ۾ هت ئي دفن آهي، ته مغل اعظم اڪبر بادشاهه به سڄا سارا ٻارهن سال هن شهر ۾ ويهي سڄي هندستان تي حڪومت ڪئي ۽ پڻ شاهجهان جنهن تاج محل سان گڏ سڄي هندستان ۾ بي مثال محل محلاتون ٺهرايون، سو به هن شهر لاهور ۾ پيدا ٿيو. تنهن کانسواءِ سکن جو حاڪم راڻا رنجيت سنگهه پڻ لاهور ۾ دفن آهي، انهيءَ کانپوءِ جڏهن انگريز پنجاب ۽ لاهور تي حڪومت ڪرڻ لڳا ته هنن پڻ لاهور ۾ ڪنئين تعليمي ادارا قائم ڪيا جيڪي اڄان تائين قائم آهن، هاءِ ڪورٽ، اسيمبلي ۽ ٻيو پڻ ڪنيئن لاجواب عمارتون ٺهرايون جڏهن ون يونٽ هو ته سنڌي اسيمبلي ميمبر به هتي ايندا هئا، ڇوته مغربي پاڪستان جي گاديءَ جو

هنڌ لاهور هو تہ تڏهن ڪيترن ئي سنڌي ميمبرن هتان پيون شاديون ڪيون ۽ وري ڪيترن سنڌي وڏيرن هتي اچي سنڌي اردو فلمون ٺاهيون. ڪي هتان گهوٽ ٿي نڪتا تہ ڪي ناڪام فلمون ٺاهڻ ڪري هتان خُوار ٿي واپس هليا ويا، جيئنَ هينئَر سنڌي امير سنڌي چئنل پيا کولين، تئين اُن وقت اُتي هنن فلمون ٺاهيون. لاهور ۾ لغڙ اڏائڻ جو رواج يا شوق هت صدين لان هلندڙ آهي، جنهن کي لاهور وارا چون ”بسنت تهوار“ معنيٰ بهار يعني جشن بهار هي ڏيهاڙو هت صدين کان ملهايو پيو وڃي مها راجا رنجيت سنگهہ جڏهن پنجاب جو راجا هو، تڏهن هُو ۽ سندس وزير ۽ جرنل نوان ڪپڙا پائي اچي هن تهوار ۾ شامل ٿيندا هئا، ۽ رنجيت سِنگهہ هڪ خاص جڳهہ، جنهن کي خانقاه چئبو هو اُت ويهندو هو، پاڻ ان ڏينهن يارهن سئو روپيا نقد ۽ بہ هيڊي رنگ جون شالون انعام طور ورهائيندو هو، اُن ڏينهن تي اڄ بہ سڄي پاڪستان جا ماڻهو انهيءَ ڏيهاڙي ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ لاهور وڃن ۽ اُنهن ڏينهن ۾ توهان کي لاهور لاءِ هوائي جهاز جي ٽڪيٽ ۽ هوٽلن ۾ ڪمرا بہ ڪونہ مِلندا. اڄ بہ لاهور پنجاب صوبي جو هيڊ ڪوارٽر ۽ پاڪستان جي مين پاور ۽ گن پاوَر جو مرڪز آهي. مغلن کان وٺي نواز شريف تائين هر حاڪم لاهور کي سينگارڻ سنوارڻ ۾ ڪا بہ گهٽتائي ڪانہ ڪئي آهي، نواز شريف لاهور کان اسلام آباد تائين موٽروي ٺهرايو. پر سڄي دُنيا اندر موٽروي سي پورٽ کان شروع ٿيندا آهن. پر هت ڪم ئي اونڌا، تنهن ڪانسواءِ لاهور رنگ روڊ، لاهور جو نئون ايئرپورٽ، جنهن تي چوَن ٿا تہ بلوچستان جي بجيٽ کان بہ وڌيڪ خرچ ڪيو ويو آهي ۽ پڻ هندستان پاڪستان بارڊر وٽ واگها جي مقام تي جهنڊي لاهڻ، چاڙهڻ واري هرروز هڪ ڏاڍي سُني تقريب ٿئي، جنهن کي ڏِسڻ لاءِ هندستان ۽ پاڪستان جا هزارين ماڻهو ٻنهي پاسن جي تقريب ڏسن، لاهور ۾ راءِ ونڊ وٽ هر سال هڪ وڏو مذهبي اجتماع ٿئي. جنهن ۾ سڄي پاڪستان مان لکن جي تعداد ۾ ماڻهو شريڪ ٿين. پنجاهہ سٺ سال اڳ اِهو اجتماع سنڌ جي شهر ٽنڊي آدم ۾ٿيندو هو.جنهن ۾ هِڪ دفعو آئون بہ شريڪ ٿيو هوس. پاڪستان جي تاريخ جو انوکو ڪيس اڄ بہ ماڻهن کي ياد آهي، جنهن ڪيس ۾ هاءِ ڪورٽ ۽ سپريم ڪورٽ جا سڀ جج ۽ شاهد پنجابي هئا، اهو ڪيس بہ لاهور ۾ ئي هليو اهو هو

شهيد ڀٽو جو جڳ مشهور ڪيس، جنهن ڪيس جي هڪ جج نسيم شاهه پنهنجي آتم ڪٿا جي ڪتاب ۾ ٽي-وي انٽرويو ۾ چيو آهي، ته ”اسان ضياءِ الحق جي پريشر ۾ اچي ڀٽي کي موت جي سزا ڏني“ انهيءَ ڪيس ڪري ڀٽو صاحب لاهور جي ڪوٽ لکپت جيل ۾ پنج مهينا رهيو. هندستان جڏهن ائٽمي تجربو ڪيو تڏهن ته ڀٽي سوچيو ته جي پاڪستان به ائٽمي ملڪ نه بڻيو ته هندستان پاڪستان کي هميشه بليڪ ميل ڪندو رهندو ۽ پاڪستان هميشه هندستان اڳيان هيٺو ۽ ڪمزور رهڻ تي مجبور رهندو. سو ڀٽي صاحب سعودي عرب جي بادشاهه شاهه فيصل، جنهن جي نالي پويان ڪراچيءَ جو ”شاهراهه فيصل“ آهي ۽ لبيا جي صدر ڪرنل قذافي جنهن جي نالي پٺيان لاهور جو ڪرڪيٽ گرائونڊ قذافي اسٽيڊيم جي نالي سان مشهور آهي جي صلاح ۽ مدد سان ائٽم بم ٺاهڻ تي گهريو چون ٿا، ته انهيءَ ائٽمي پروگرام جو سڄو خرچ قذافي ۽ شاهه فيصل ڏنو. انهيءَ بعد ڀٽو پنهنجي عقلمنديءَ ۽ تعلقات جي بنياد تي فرانس کان ائٽمي پلانٽ وٺڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. پر هنن وٽ اهڙو ڪو به ماڻهو ڪو نه هو جيڪو هي سڄو ڪم ڪري ۽ نه وري ڪو اهو ڪم اهڙو آسان هو جو پاڪستان جهڙو ملڪ انهيءَ لاءِ گهربل سامان بين الاقوامي مارڪيٽ مان خريد ڪري سگهي. انهيءَ مقصد لاءِ هالينڊ جي ڪنهن فرم ۾ ڪم ڪندڙ ڊاڪٽر عبدالقدير نالي هڪ سائنسدان کي هٿ ڪيو ويو ۽ ائٽمي سامان جا خفيه نمونا خريد ڪجي سو ڪٿان ٿائر ته ڪٿان انجڻ ڪٿان باڊي ۽ ائين هر شيءَ جدا جدا خريد ڪجي، سو به پنهنجي اثر رسوخ تي اهڙن ماڻهن کي هٿ ڪري هر پرزو جدا جدا خريد ڪري ۽ سڌو پاڪستان نه پر قطر، دبئي، جده، استنبول جي پورٽن لاءِ بُڪ ڪرائي، پوءِ اُتان پاڪستان ٿي پهچايو ويو. جئين، دنيا کي شڪ به نه ٿئي، هي سڄو ڪم سڌي طرح شهيد ڀٽي جي نگرانيءَ ۾ خفيه نموني ٿيو جيتوڻيڪ دنيا جا وڏا جا سوسي ادارا آمريڪن C.I.A رشيا جي K.G.B انڊيا جي R.W.A انگلينڊ جي M.I.S اسرائيل جي موساد هميشه وڏي پيماني تي هر طرح سان پاڪستان جي جا سوسي ڪندا رهندا آهن. پر شهيد ڀٽي جي خفيه حڪمت عمليءَ ڪري ڀٽو پاڪستان کي ائٽمي ملڪ بنائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. 1976ع ۾

سڄي دنيا ۾ خاص ڪري آمريڪا کي هيءَ خبر پئجي وئي ته پاڪستان جو ائٽمي پروگرام هاڻ آخري مرحلي ۾ آهي، سو آمريڪا سندس قومي سلامتيءَ جي ايڊوائيزر هينري ڪيسنجر کي ڀٽي ڏانهن سندن ائٽمي پروگرام ختم ڪرڻ لاءِ موڪليو. هينري ڪيسنجر پاڻ به يهودي آهي ۽ اڃان تائين زنده آهي، سو پنهنجي زال سان سيپٽمبر 1976ع ۾ لاهور پهچي، ڀٽو سان ملاقات ڪئي ڀٽي هن جي گورنر هائوس لاهور ۾ ڊنر ڪئي.

جنهن ۾ محفل موسيقي جو به بندوبست ٿيل هو ۽ فريده خانم لاجواب غزل ٻڌايا. هن دعوت ۾ صرف ٽيهن مهمانن کي دعوت هئي، جنهن ۾ صرف آمريڪا جا سفار تڪار ۽ پاڪستان جا اعليٰ عهديدار شامل هئا. ڀٽي صاحب هينري ڪيسنجرکي يقين ڏياريو ته اسان جو ائٽمي پروگرام صرف پر امن مقصد لاءِ آهي، پر آمريڪا ڪنهن به حالت ۾ هن پروگرام کي جاري رکڻ نٿي چاهيو. دعوت ۾ به ڀٽي ۽ ڪيسنجر وچم آهستي آهستي انهيءَ موضوع تي ڳالهه ٿي رهي هئي. اوچتو ڪيسنجر وڏي آواز ۾ ڪلنڌي ڪلنڌي شهيد ڀٽي کي چيو ته Mrs. Bhutto We Will run Rail Road engine Over You

جنهن جي جواب ۾ شهيد ڀٽي به ڪلنڌي هي لفظ ڳالهايا.

Mr. Kisinger When the Time Comes we will see to that

also ماني کانپوءِ ڀٽي تقرير ڪئي ۽ جنهن جي جواب ۾ هينري ڪيسنجر تقرير ڪئي جنهن ۾ هن چيو ته :

Ladies and gentlemen, it is my misfortune that I have to speak after Mr: Bhutto, who is the best orator in the world today. He has not only made a speech, but he has Spoken Better English than me.

جهڙي طرح ڀٽي پاڪستان کي ائٽمي ملڪ ٺاهيو اهڙي نموني سان بينظير ڀٽو پاڪستان کي ڪوريا کان بيلاسٽڪ ميزائل ٽيڪنالا جي وٺي ڏني ۽ ڀيني جو انتقام ضياءِ الحق ۽ مشرف جي هٿان ڏاڍو دل ڏکوئيندڙ ٿيو.

# يورپ جو سفرنامو

آئون مِنا ۽ نور هنگري، پراگ ۽ جرمنيءَ جي سفر کانپوءِ جرمنيءَ جي موٽروي تي هاڻ سوئٽزرلينڊ ڏانهن وڃي رهيا آهيون. جرمنيءَ جا روڊ رستا مين هاءِ ويز ۽ اندرون جرمنيءَ ۾ دُنياجي نمبر ون روڊ رستن مان آهن. آمريڪا، يورپ ۽ گلف جي ملڪن ۽ پڻ فارايسٽ جي ڪافي ملڪن وٽ ايتري تہ دولت اچي وئي آهي، جو اُنهن ملڪن پنهنجن پنهنجن ملڪن کي جڻ تہ جنت بنائي ڇڏيو آهي. شهرين جي هر سهولت لاءِ ڪمال جا تجربا ڪارناما ۽ خرچ ڪيا آهن، خاص ڪري رستن ۽ ريل جي نظام کي سمنڊن، درياهن اندران ۽ جبلن کي ٽُڪي انهن مان رستن کي ناهڻ ڪري ملڪن ۽ شهرن کي صفا ڳنڍي، ڇڏيون آهي. اسان بہ جرمنيءَ جي انهن رستن تان پنهنجي ڪار ۾ وڃي رهيا آهيون ۽ آئون چاهيان ٿو تہ جرمنيءَ جي رستن ۽ ريل نظام جي باري ۾ توهان کي ڪجھ ٻڌايان. اسان هاڻ جرمنيءَ جي موٽر وي تان سوئيزز لينڊ جي شهر زيورڪ ڏانهن وڃي رهيا آهيون سڄو يورپ هڪ جهڙو آهي، پر يورپ جا ٽي چار ملڪ وڏيڪ امير آهن تنهن ڪري انهن جو اسٽينڊرڊ بہ يورپ جي ٻين ملڪن کان مٿي آهي، پر مهانگا تمام گهڻا آهن. اسان کي اُت منهگائي وڌيڪ محسوس ٿي.

وچ يورپ جي ملڪ جرمنيءَ ۾ اٽڪل ساڍا ڇھ لَکَ ڪلو ميٽر مفاصلي تي مشتمل پڪا رستا نهيل آهن. انهن رستن جو بہ لک، ايڪٽيھ هزار ڪلوميٽرن جو مفاصلو غير مقامي رستن تي مشتمل آهي جرمنيءَ ۾ ريل

گاڏين ۽ هوائي جهازن ۾ سفر جي پيٽ ۾ تمام گهٽ سفر سفر پڪن رستن جي ذريعي ٿئي ٿو. ملڪ ۾ لکين ڪلو ميٽرن جي ڊيگهه تي مشتمل پڪن رستن جي نهيل ڄوڙهي چار تي سن 2005ع دوران هلندڙ سمورين ننڍين وڏين گاڏين مجموعي طور ٻه ٽرليئن يعني ٻه هزار ارب ڪلوميٽر سفر طئي ڪيو ۽ هوائي جهازن ملڪ ۾ انهيءَ سڄي سال ۾ فقط پنجٽيهه ارب ڪلوميٽرن جي برابر اڏامون ڪيون. جرمنيءَ جي پڪن رستن جي وفاقي نظام جو نالو Auto Bahan آٽو باهن رکيو ويو آهي. شاهراهن جي انهيءَ نظام لاءِ سرڪاري ڇيد يا نالو بُنڊس آٽو باهن Bundes Auto bahn مقرر ڪيل آهي. جنهن کي انگريزي ٻوليءَ ۾ Federal Motor way يعني وفاقي شاهراهه سڏجي ٿو. جن رستن تي مقرر رفتار لکيل ڪانهي، انهن رستن تي 130 ڪلوميٽر في ڪلاڪ مقرر ٿيل آهي. شاهي رستن جي انهيءَ وفاقي نظام جي ڊيگهه 2016ع ۾ ٻارهن هزار نَوَ سئو ڇانوي ڪلوميٽر هئي. اسان هنيئر جنهن موٽروي يا شاهراه تان وڃي رهيا آهيون، اهو شاهراهن جو وفاقي نظام دنيا جي تمام ڊگهن شاهي رستن جي نظامن مان هڪڙو آهي. شاهراهن جي انهيءَ نظام سان وابسته پڪن شاهي رستن تي نصب ڪيل نشانيون ۽ نمبر بِلو يعني نيري رنگ سان تهيل آهن. انهن سڀني رستن تي وڏي اي-بي-سي جو پهريون اکر "A". لکيل هوندو آهي، ۽ ان سان گڏ رستي جو نمبر ٻه لکيل هوندو آهي، مثال طور : A 2 A -9 سڄي ملڪ ۾ نهيل انهن مخصوص وفاقي شاهي رستن تي نمبر هڪ انگ وارو لکيل هوندو آهي، مثلا 3-5-يا 9 .ريجِنل يعنيٰ علاقائي شاهي رستن تي لکيل نمبر ٻن انگن تي مشتمل هوندو آهي، مثلا A-24 شاهراهه برلن شهر کان هيمبرگ شهر ڏانهن ويندڙ آهي، وڏين ۽ بار کڻندڙ گاڏين لاءِ ننڍي مفاصلي وارن مخصوص طور وڏيڪ مضبوط تعمير ٿيل رستن تي لکيل نمبر ٽن انگن تي مشتمل هوندو آهي، جهڙوڪ رنگ روڊ يا 555- A روڊ، جيڪو ڪولن شهر کي ٻون شهر سان ملائي ٿو. ٽن انگن ۾ پهريون انگ ريجن يا مخصوص علائقي جو نمبر هوندو آهي. اوپر کان اولهه ويندڙ رستن تي اڪي

انگ لکيل هوندا آهن. هنن رستن تي هلندڙ ننڍين گاڏين کان ٽول ٽيڪس کو نہ وٺندا آهن تنهن ڪري اسان بہ جرمنيءَ داخلا جو ٽول ٽيڪس کو نہ ڀريو. اڳم هت سيڻي گاڏين کان ٽول ٽيڪس وٺبو هو پر هاڻ کو نہ وٺن.

پهرين جنوري 2005ع ۾ وڏين ٽرڪن تي ٽول ٽيڪس لڳايو ويو آهي.

جرمنيءَ ۾ وفاقي شاهراهن کانسواءِ هڪڙي ٻي ڪيٽيگري وارا رستا، قومي شاهي رستا ڪوٺجن ٿا، انهن، رستن تي لڳل ٽريفڪ جي نشانن واريون لوهي پليٽون پيلي رنگ جون آهن جيڪي اسان ڪٽ ڪٽ ڏٺيون انهن جي بارڊر ۾ انهن تي لکيل انگ ڪاري رنگ جا آهن. اهي ٽريفڪ جي نشانن واريون هيڊيون پليٽون مستطيل هونديون آهن. انهن رستن تي انگريزي اکر B لکيل هوندو آهي، ۾ نمبر وارو انگ ان B اکر سان گڏ لکيل هوندو آهي. مثال طور B 1 B2 وغيره.

مٿي ڄاڻايل ٻن قسمن کانسواءِ ٽِئي ڪيٽيگري وارا رستا رياستن جي ماتحت رستا سڏجن ٿا، انهن رستن تي انگريزي اکر L_ايل S ايس ۾ St لکيل هوندو آهي، وڏن ۾ ننڍن شهرن جا رستا گهٽيون ۾ ڳوٺن جا رستا ۾ گهٽيون ضلعي انتظاميہ ياميونسپالٽين جي انتظام هيٺ آهن. انهن رستن تي انگريزي اکر K لکيل هوندو آهي. جرمنيءَ جو ريلوي نظام دنيا جي بهترين ريل نظامن مان هڪ آهي، پَرَاسان کي پنهنجي گاڏي هئڻ ڪري ان ۾ چڙهڻ جو اتفاق ڪو نہ ٿيو.

سن 2014ع جي سرڪاري پڌرائي ، موجب. جرمنيءَ ۾ ٽيتاليهہ هزار، چار سئو انهٺ ڪلوميٽر ريلوي جون پٽڙيون وڇايل آهن. جن ۾ اٽڪل 19973 ڪلو ميٽر پٽڙيون بجليءَ تي هلندڙ گاڏين لاءِ خصوصي طور ٺاهي وڇايل آهن. جيڪو ڊيوتسڪي باهن Deutsehe bahn نالي سان سڏجندڙ جرمنيءَ جو مکيہ ريلوي نظام آهي. اهو جرمن ريلوي نظام هڪ خانگي ڪمپنيءَ جي نالي سان سڏجي ٿو پر انهيءَ ريلوي ڪمپنيءَ جا سمورا مالياتي ڀاڱا Shares جرمن سرڪار جا خريد ڪيل آهن. تنهنڪري اهو نجي ريلوي

نظام هلائيندڙ ڪمپني سرڪاري ملڪيت ليکي سگهجي ٿي، سن 1994ع ۾ خانگي ملڪِيت واري قانون تحت ٺيندڙ اصلاح ڪانپوءِ ڊيوٽسڪي باهن ڪمپني پنهنجي ريلوي واري ملڪيت جا انگ اکر شايع يا پڌرا ڪرڻ ڇڏي ڏنو. تنهن ڪانسواءِ ڊي بي اي جي سِسٽَم ۾ شامل اٽڪل 280 ننڍيون خانگي ريلوي ڪمپنيون ملڪ ۾ موجود آهن، جن وٽ ٽن ڪان چار هزار ڪلو ميٽر ريلوي لائينون سندن ذاتي ملڪيت آهن، ۽ اهي ڪمپنيون سندن ريل گاڏيون، ڊيوٽسڪي باهن ريلوي واري ريلوي لائين تي به هلائينديون آهن. اسان هاڻ جرمنيءَ جو موٽر وي ڇڏي سوئيزرلينڊ جي موٽر وي تي سوئيزرلينڊ جي شهر زيورڪ ڏانهن وڃي رهيا آهيون. جيڪو شهر اسان جي سوئيزرلينڊ ۾ پهرين منزل هوندو. اسان يورپ جي ستن ملڪن يعنيٰ هنگري، پراگ، سلوويڪيا، جرمني، سوئيزرلينڊ، اٽلي ۽ آسٽريا ۾ پنهنجي رهائش لاءِ ڪن ملڪن ۾ هوٽلون ته ڪِن ۾ فليٽ، ته ڪٿ ٻن بيڊرومن وارا گهر به چار مهينا اڳواٽ بُڪ ڪرائي ڇڏيا هئا. تنهنڪري اهو مسئلو اسان لاءِ ڪو نه هو ته ڪٿ وڃي رهجي سو اسان کي صرف انهيءَ جڳهه تي پهچڻ جي دير هئي، جت فليٽ يا گهر هو ته اُتي اسان کي هڪ ڏينهن فون تي اڳ ٻڌائڻو هو ته انهيءَ جڳهه تي اسان لاءِ عورت اسان کان اڳ اُت پهتي ٿي، ۽ هوٽلن ڪانسواءِ ڪٿ ڪٿ انهن فليٽن يا گهر ۾ اسان کي ناشتو به ڪرائون ٿي، ته اُت به ڪنهن عورت ڪچن ۾ اسان کي ناشتو تيار ڪري اسانجي ڊائننگ ٽيبل تي ٿي لڳايو. يورپ جي سيني مُلڪن کان سوئيزرلينڊ ۾ وڏيڪ ڍنڍون آهن ۽ وڏيڪ سر سبز ملڪ آهي، تنهن ڪري سڄي دنيا جا سياه سوئيزرلينڊ اچن، پر جِينئن ته سوئيزرلينڊ هاڻ دنيا ۾ مهانگي ۾ مهانگو ملڪ ٿي ويو آهي، تنهنڪري سوئيزرلينڊ ۾ سياح اڳ جي مقابلي ۾ هاڻ گهٽ اچن. اسان سوئيزرلينڊ جي شهر زيورڪ پهچي پنهنجي رهائش جي هوٽل پيڙا ٿياسين. دستور مطابق اسان لائونج ۾ ويهندا هئاسين، ۽ نور محمد هوٽل رسپشن تي پاسپورٽن جون داخلائون ڪرائي ۽ ٻيون فارملٽيز پوريون ڪري جڏهن چاٻيون وٺي ايندو هو

تہ پوءِ اسان ڪمري ۾ ويندا هئاسين. اسان ڪمري تي پهچي سفر جو ٿڪ لاهي، پوءِ چانهہ يا ڪافي پي پوءِ ٻاهر شهر گهمڻ ويندا هئاسين ۽ رات جي ماني ٻاهر کائي پوءِ واپس ڪمري تي ايندا هئاسين. سو اسان رات جي ماني کائڻ ۽ شهر گهمڻ لاءِ ٻاهر روانا ٿياسين، اسان پهرئين هڪ ترڪ هوٽل تي اچي ماني کاڌي اسان ٻاهر گهڻو ڪري ترڪ هوٽلن تي ماني کائيندا آهيون، اهي ئي هوٽلون گهڻو ڪري مسلمانن جون هونديون آهن، ۽ ٻيو تہ ترڪي ۽ لبناني کاڌا اسان کي ڏاڍا وڻندا آهن، جن ۾ ڪي کاڌا پاڪستاني کاڌن سان ملندا جُلَندا آهن. اسان ماني کائي پوءِ مئنجر کان پڇيو تہ زيورڪ شهر کي ويجهو سوئيزرلينڊ جون ٻيون ڪهڙيون سياحتي ۽ خوبصورت جڳهيون گهمڻ جهڙيون آهن ؟ اسان کي هن ٻڌايو تہ زيورڪ شهر ۾ بہ ڪافي گهمڻ جهڙيون جڳهيون آهن، پر هتان کان ٻن ڪلاڪن جي پنڌ تي ليوزين جو خوبصورت شهر ۽ انهيءَ کان اڳيان انٽرلاڪن نالي هڪ لاجواب گهمڻ جي ٽوئرسٽ پوائنٽ آهي، اها ضرور ڏسجو. اسان مانيءَ جو بل ڏيئي واپس پنهنجي هوٽل تي اچي آرامي ٿياسين، ۽ صبح سوير ناشتو ڪري پهرين زيورڪ شهر گهمڻ لا روانا ٿياسين.

زيورڪ شهر سوئيزرلينڊ ملڪ ۾ سڀني شهرن کان وڏو شهر آهي، ۽ پاڪستان ۾ ضلعي يا ڪمشنري يا ڊويزن وانگر . سوئيزرلينڊ جي هڪ انتظامي علائقي جنهن کي ”ڪينٽونِ“ سڏين ٿا، ”زيورڪ“ نالي هڪ ڪينٽون جي هي گاديءَ جو هنڌ آهي، زيورڪ شهر سوئيزرلينڊ جي اترئين پاڱي جي وچ تي موجود زيورڪ ڍنڍ جي اتر_ اولهہ ڪنڊ تي اڏيل آهي، شهر جي ميونسپالٽي واري علائقي ۾ اٽڪل چار لک، ٽِيهہ هزار ماڻهو رهن ٿا شهر جي اربَن ايريا ۾ تيرهن لک پندرهن هزار ماڻهو ۽ شهر جي ميٽرو پوليٽن ايراضيءَ ۾ ارڙهن لک ٽي هزار انسان آباد آهن. زيورڪ شهر ۾ ريل گاڏين جي پنڙين، پڪن رستن ۽ هوائي جهازن ۽ ريل گاڏين جي اچ وڃ تمام گهڻي هُئَڻ ڪري مسافرن جي تمام گهڻي رش هوندي آهي، زيورڪ شهر ٻن هزارن سالن

کان پوءِ وڏيڪ عرصو اڳ اٽڪل سن 15 ق۔ م ڌاري رومي قابض حاڪمن اڏايو هو ۽ ان جو نالو انهيءَ دؤر ۾ ٽيوريڪم (Turicam) رکيو ويو ۽ سڏيو ويندو هو. هن شهر واري علائقي ۾ ڇهه هزار چار سئو سالن جا انساني آباديءَ جي موجودگيءَ جا آثار لڌا ويا آهن. پر اتي ڪنهن شهر جا پراڻا آثار ڏسڻ ۾ ڪو نه آيا آهن. يورپ کنڊ جي تاريخي طور تي سڏجندڙ وچئين دؤر ۾ زيورڪ شهر، هڪ آزاد ۽ مراعات يافته ۽ شاهي خاندان جي رهائش واري شهر جي حيثيت حاصل ڪئي ۽ سن 1519ع ۾ اهو شهر عيسائي مذهب جي هڪڙي فرقي جو بنيادي مرڪز ٿي پيو. انهيءَ فرقي عيسائي مذهب ۾ موجود ٻي جا ۽ فرسوده رسمن ۽ رواجن کي خارج ڪري، سُڌارڻ لاءِ احتجاجي تحريڪ هلائي هئي، تنهنڪري تاريخ ۾ انهيءَ فرقي کي ”سڌارڻ لاءِ احتجاج ڪندڙ فرقو“ ڪوٺيو ويو. انهيءَ وقت انهيءَ فرقي جو اڳواڻ هُلڊرڪ زُونگلي هو. زيورڪ شهر ۾ سرڪاري زبان، جرمن زبان مقرر ٿيل آهي ۽ شهر ۾ انهيءَ جرمن زبان جو مقامي لَهجو ڳالهايو وڃي ٿو. انهيءَ مقامي لهجي کي زيورڪ شهر وارو جرمن ٻوليءَ جو لهجو سڏيو وڃي ٿو. ڪُنسٽهائوس نالي سوئيز رلينڊ نيشنل ميوزم سميت شهر ۾ ڪيترائي عجائب گهر ۽ آرٽ گيلريون موجود آهن. هڪڙو جديد ناٽڪ گهر ”ٿيٽرِ اِليوَن“ اوئرليڪِن علائقي ۾ قائم آهي. زيورڪ شهر ۾ موجود اسڪائوس پيلهائوس زيورڪ نالي ناٽڪ گهر، يورپ ۾ جرمن ٻولي ڳالهائڻ وارن علائقن ۾ موجود تمام اهم ٿيٽرن ۾ هڪڙو اهم ٿيٽر آهي. جيتوڻيڪ دنيا جي گهڻن شهرن کان گهٽ آدمشماري رکندڙ شهر هئڻ جي باوجود زيورڪ دنيا جي تمام وڏن مالياتي مرڪزن مان هڪ ۽ عالمي حيثيت جو حامل شهر آهي. هتي ڪيترن ئي مالياتي ادارن ۽ بينڪن جا مکيه دفتر قائم آهن. عظيم زيورڪ نالي شهر واري علائقي ۾ سوئيزرلينڊ جا تحقيق ۽ ترقيءَ لاءِ قائم ڪيل ادارا موجود آهن. سرڪاري ٽيڪس جي گهٽ اگهه ۽ زيورڪ ڪينٽون طرفان ملندڙ مالي مدد، پرڏيهي مالياتي ادارن کي زيورڪ شهر ۾ سندن مالياتي مکيه دفتر قائم ڪرڻ لاءِ آماده ڪن ٿا. زندگيءَ جي معيار جو جائزو وٺندڙ هڪ

يورپي تحقيقي اداري، ”مونوڪل سن 2012ع ۾ سندس پڌري ڪيل رپورٽ ۾ ڄاڻايو آهي، تہ دنيا ۾ زندگيءَ جي بهترين معيار جي حامل 25 شهرن ۾ بہ زيورڪ شهر پهرئين نمبر تي هو. هڪڙي ٻئي تحقيقي اداري ”مرسر“ طرفان سن 2019ع ۾ شايع ٿيل دنيا جي فقط ڏهن شهرن کي سڀني کان وڌيڪ سٺو رهڻ جي لائق شهر قرار ڏنو. انهن ۾ سوئيزرلينڊ جا ٽي شهر جَنيوا، باسل ۽ زيورڪ شامل آهن، اسان بہ هن شهر ۾ بہ ڏينهن هئاسين واقعي زيورڪ دنيا جي اهم ۽ حسين شهرن مان هڪ آهي.

زيورڪ شهر جي لميٽ Limmet واري علائقي جي چوڌاري رهائشي تعميرات صنعتي اڏاوتون ۽ تجارتي مرڪزن تي مشتمل نهايت ترقي يافتہ ۽ بيحد خوشحال شهري ڀاڱو قائم آهي. مٿي ڄاڻايل رهائشي علائقو ننڍين جابلو ٽڪرين يعنيٰ ڪيترين ٽِڪرين ٻُنين تي مشتمل پهاڙي علائقي ۾ اڏيل آهي، جتي عموماً سٺي فزائي ڪفيت هوندي آهي، ۽ سج جي اُس جو تڙڪو بہ ميسر هوندو آهي، انهيءَ رهائشي جابلو علائقي وٽان سڄو زيورڪ شهر ۽ آسپاس ۾ موجود وستيون جهڙوڪ وائڊبرگ، زيورڪ برگ، ۽ ٽڪرين کان هيٺ زمين جي سطح تي بہ ڄڻتيل عمارت سازي ٿيل آهي، زيورڪ شهر کي چوڌاري قدرتي ٻيلا موجود آهن، جن کي شهر جا ساهہ کڻڻ وارا عضوا يعنيٰ گرين لنگس Green Lumngs سڏيندا آهن، انهن ۾ ايڊلس برگ، زيورڪ برگ، ڪافر برگ، هونگر برگ ۽ يوئيٽلي برگ ٻيلا شامل آهن. زيورڪ ڍنڍ جي ڪنارن تي زبردست شاهي پارڪ پوکيل آهن، پر سڄو زيورڪ شهر ننڍڙن باغيچن سان تہ اصل ڄڻتيو پيو آهي. شهر جي نزديڪ افولٽرن ۽ سياچ علائقن ساڻ زرعي زمينون آباد آهن. سڄي يورپ ۾ زرعي جنسون پنهنجي ملڪ جهڙيون هونديون آهن، مثلاً مڪئي ۽ ٻيو مال جو چارو پر يورپ جاوڻ بلڪل پنهنجي ملڪ کان مختلق هوندا آهن، پر ميوا هڪ ٻن جنسن کانسواءِ بلڪل پنهنجي ملڪ جهڙا هوندا آهن، يورپ جي ملڪن ۾ زراعت کان انڊسٽريءَ کي وڌيڪ اهميت ڏيندا آهن، زيورڪ شهر جي ڍنڍ کانسواءِ سموري ايراضيءَ جي 45.5

سيڪڙو حصي تي رهائشي ضعتي ۽ واپاري مرڪزن جي والار آهي، 15.5 سيڪڙو ايراضيءَ تي رستا ۽ ريل جي پٽڙي وڇايل آهي، 5. 26 سيڪڙو ايراضيءَ تي ٻيلا پوکيل آهن، 11 سيڪڙو ايراضي پاڻي هيٺ آهي، زيورڪ شهر ۾ پڪن رستن، ريل گاڏين جي پٽڙين ۽ هوائي جهازن جي اڏامن جو هڪ ڄار واڇايل آهي زيورڪ هائوپٽ باهن هوف نالي سان مشهور ريلوي اسٽيشن سوئيزرلينڊ ملڪ ۾ سڀني کان وڏي ۽ وڌيڪ مشغول ريلوي اسٽيشن آهي، زيورڪ شهر ۾ موجود انهيءَ ريلوي اسٽيشن کي يورپ جي مکيه ريلوي اسٽيشنن ۾ ڳڻيو وڃي ٿو. زيورڪ شهر جي هن ريلوي نظام تحت روزانه ساڍن ٽن لکن کان پنج لک مسافرن جو تعداد سندن دفترن، آفيسن ڪارخانن، واپاري مرڪزن، زرعي زمين، ٻيلن ۾ ٻين ڪم وارن هندن ڏانهن وڃي ۽ پنهنجي گهرن ڏانهن موٽي اچي ٿو سوئيزرلينڊ توڙي يورپ جي ٻين ملڪن کان زيُورڪ شهر جي هن ريلوي اسٽيشن تي روزانه ايندڙ ريل گاڏين جو تعداد 2915 آهي، پر پنهنجي ڪار هئڻ ڪري اسان هڪ ڏينهن به سوئيزرلينڊ ۾ ريل يا انڊر گرائونڊ ريل ۾ نه چڙهياسين. شهر جي حدن اندر مختلف ماڳن تي 26 ريلوي اسٽاپ آهن تنهن کانسواءِ شهر کان ٻاهر به پنج ٻيون به وڏيون اسٽيشون موجود آهن، ملڪ جو ريلوي نظام سوئيز فيڊرل ريلويز نالي ريلوي جي وفاقي نظام تحت عمل پيرا آهي، تنهنکانسواءِ زيورڪ شهر ۾ فرانس جرمني آسٽريا ۽ ٻين يورپي ملڪن جون مسافر ريل گاڏيون به اينديون ۽ واپس ويندييون آهن. زيورڪ شهر جو هوائي اڏو شهر کان ٻاهر شهر کان اتر اوڀر ڪنڊ تي ڏهن ڪلو ميٽرن کان ٿورو گهٽ مفاصلي تي ”ڪلوٽن“ ماڳ تي اڏيل آهي، هن هوائي اڏي وٽ هڪڙي زير زمين ريلوي اسٽيشن تعمير ٿيل آهي، جيڪا سوئيزرلينڊ ملڪ جي سڀني مکيه شهرن سان سڌي طرح ڳنڍيل آهي، زيورڪ هوائي اڏي تي دنيا جي مختلف ملڪن مان مسافرن کي کڻندڙ سٺ کان وڌيڪ هوائي ڪمپنين جا جهاز لهندا ۽ اتان اڏامندا آهن، هن هوائي اڏي تي هڪڙي بار ڍوهيندڙ هوائي ڪمپنيءَ جا جهاز به ايندا ۽ ويندا آهن.

زيورڪ شهر وارو هوائي اڏو سوئيزرلينڊ ملڪ جو مکيہ هوائي اڏو آهي. هن هوائي اڏي جي ويجهو ڊيوبن ڊورف نالي ماڳ تي بہ هڪڙو هوائي اڏو نهيل آهي مون ڏٺو آهي تہ يورپ جي شهرن ۾ جام ائيرپورٽ آهن.

سوئيزرلينڊ جا ٽي مکيہ پڪا رستا، اي ون، اي ٿري ۽ اي فور شاهي رستا زيورڪ شهر وٽان لنگهن ٿا. اي ون رستو زيورڪ شهر جي اولهہ طرف برن ۽ جنيوا شهرڏانهن وڃي ٿو ۽ اهو رستو زيورڪ جي اوڀر طرف سينٽ گالن شهر ڏانهن وڃي ٿو. اي فور شاهراهہ زيورڪ شهر جي اتر طرف اسڪاف هائوسن ڏانهن ۽ ڏکڻ طرف الٽنڊورف شهر ڏانهن وڃي ٿو جتي اي ٿو شاهراهہ سان ملي ٿو جيڪو اڳيان چياسو شهر ڏانهن وڃي ٿو. اي ٿري شاهي رستو زيورڪ شهر جي اتر. اولهہ ڏکڻ اوڀر ڪنڊ تي زيورڪ ڍنڍ ۽والن ڍنڍ وٽان اڳتي وڌندو سارگانس شهر ڏانهن وڃي ٿو.

زيورڪ شهر ۾ سائيڪل جي سواري جي سهولت پيدا ڪرڻ لاءِ شهر جي ڪائونسل سن 2012ع ۾ هڪ منصوبو مرتب ڪيو. تنهن کي ”ماسٽر پلان. ويلو“ نالو ڏنو ويو. انهيءَ ڏس ۾ ٿيل تحقيق ۾ ڄاڻايو ويو آهي، تہ زيورڪ شهر ۾ سائيڪلن تي سفر ڪرڻ واري عمل ۾ سڌارو آڻڻ لاءِ شهر ۾ گهربل بهتر رستن جي تعمير تمام ضروري آهي ۽ انهن سان گڏ شهر ۾ سائيڪلون هلائڻ لاءِ سماجي بنياد تي مثبت ماحول پڻ نهايت اهم عنصر آهي. انهيءَ مکہ مقصد جي حصول خاطر، شهر ۾ سائيڪلون هلائڻ لاءِ مخصوص قسم جي رستن ٺاهڻ جو پروگرام جوڙيو ويو، جنهن تحت ڪم جي شروعات ڪئي وئي آهي. بيلجم ۽ هاليڊ ۾ بہ ماڻهو وڏي تعداد ۾ سائيڪلن تي چڙهن. ڪنهن دؤر ۾ پاڪستان ۾ بہ سائيڪلن تي ماڻهو وڏي تعداد ۾ سواري ڪندا هئا. زيورڪ شهر ۾ ڳالهائي ويندڙ ٻولي زيورڪ شهر واري لهجي ۾ ڳالهائي ويندڙ جرمن ٻولي آهي. اها زيورڪ لهجي واري جرمن ٻولي سمورن تعليمي ادارن. عدالتن، اخبارن، ڪتابن ۽ ٻي لکپڙهہ توڙي فلمن ۽ ناٽڪن ۾ استعمال ٿيندڙ آهي ۽ انهيءَ کي شهر جي سرڪاري ٻولي جو بہ اعزاز حاصل آهي. سوئيزرلينڊ ۾

جرمن ٻوليءَ جا ڪيترائي لهجا ڳالهايا وڃن ٿا. اهي سمورا لهجا هن زيورڪ شهر جا باشندا ڳالهائيندا آهن. ڊسمبر 2010ع ۾ ٿيل آدمشماري موجب شهر جي آبادي جو 69 .03 سيڪڙو ماڻهو مقامي لهجي واري جرمن ٻولي ڳالهائين ٿا. مون ڏٺو آهي تہ جڏهن کان انگلينڊ يورپي يونين جو ميمبر ٿيو آهي، تڏهن کان لنڊن ۾ بہ ماڻهو گهڻين ٻولين ڳالهائين. يورپي يونين ۾ شريڪ ٿيڻ کان اڳ مون ائين ڪونہ محسوس ڪيو. پر هاڻ تہ انگلينڊ يورپي يونين کان جدا ٿي ويو آهي. 22.07 سيڪڙو ماڻهو معياري جرمن ٻولي ڳالهائين ٿا. مجموعي طور تي زيورڪ شهر جا 20 سيڪڙو ماڻهو بہ يا اجان وڌيڪ ٻولين ڳالهائين ٿا.

زيورڪ شهر ۾ رهندڙ ماڻهن جو 30 سيڪڙو رومن ڪيٿولڪ فرقي وارا عيسائي آهن، 26 سيڪڙو سوئيزر لينڊ واري فرقي وارا عيسائي آهن. 5 سيڪڙو مسلمان آهن. ۽ هڪ سيڪڙو يهودي آهن ۽ 39 سيڪڙو باشندا ڪنهن مخصوص مذهب سان وابستہ ڪونہ آهن. زيورڪ شهر ۾ اڏيل ”محمود مسجد“ سوئيزر لينڊ ملڪ ۾ اڏيل پهرين مسجد آهي. هتي يهودين جو بہ هڪ عبادت گاهہ اڏيل آهي. 2 سيڪڙو آبادي هندن ۽ ٻُڌن تي مشمتل آهي. سڄي يورپ جي ملڪن ۾ ڏاڍيون سُٺيون مسجدون ٺهيل مون ڏٺيون، پاڪستان کان وڌيڪ سهڻيون ۽ پروقارا! زيورڪ شهر ڪيترن ئي بين الاقوامي مالياتي ادارن جو مرڪز ۽ هڪ عالمي شهر آهي. سن 2017ع ۾ شايع ٿيل گلوبل فائنينشل انڊيڪس موجب دنيا ۾ مالياتي چٽاڀيٽيءَ واري ڊوڙ ۾ زيورڪ شهر يارهون نمبر شهر آهي. ۽ يورپ ۾ ٻيو نمبر، يورپ اندر انهيءَ چٽاڀيٽيءَ واري ڊوڙ ۾ لنڊن پهرئين نمبر تي آهي.

زيورڪ شهر جي اقتصادي سرگرمين ۾ مکيہ ڪردار خدمتن واري شعبي جو آهي، جيڪو شهر ۾ موجود سمورن پيداواري ادارن ۾ ڪاريگرن ۽ مزدورن جو تقريباً اسي سيڪڙو مهيا ڪري ٿو. ان کانسواءِ شهر جي اقتصادي عمل ۾ ننڍين صنعتن وارو شعبو ڪپڙو ٺاهڻ وارن ۽ ٻين ننڍين ڪارخانن تي مشتمل

شعبو ۽ سياحت وارو شعبو پڻ اهم ڪردار جا حامل شعبا آهن. سوئيزرلينڊ ۾ گهڻين بينڪن توڙي پرڏيهي بينڪن جون مکيه آفيسون به زيورڪ شهر ۾ قائم ڪيون ويون آهن. سوئيزر لينڊ جي اسٽاڪ ايڪسچينج جو دفتر پڻ زيورڪ شهر ۾ 1877ع ۾ قائم ڪيو ويو هو. اهو اڄڪلهه سڄي دنيا ۾ چوٿون نمبر اسٽاڪ ايڪسچينج طور مشهور آهي. هي شهر ئي دنيا ۾ سون جي واپار جو سڀني کان وڏو مرڪز آهي. سوئيزر لينڊ جي پنجاهه وڏين مالياتي ڪمپنين ۾ وڏيک اهميت جون حامل، اي بي بي، يوبي ايس ڪريڊٽ سوئيز، سوئيزري ۽ زيورڪ فائِنَينشَل ڪريڊٽ مالياتي ڪمپنيون آهن. زيورڪ شهر، سوئيزر لينڊ ملڪ جي انهن بيحد مشهور شهرن مان هڪڙو آهي. جنهن کي عالمي سطح تي هڪ پرڪشش ۽ خوبصورت شهر طور پذيرائي حاصل آهي. جيتوڻيڪ اهو عالمي شهرن جي ڀيٽ ۾ پکيڙ ۽ آدم شماري جي حوالي سان ننڍو آهي. پراڪثر وڏن شهرن جي ڀيٽ ۾ اهو وڏيک پرڪشش، وڏيک موزون قدرتي ماحول ۽ پرڪيف فزا جو حامل خوبصورت شهر آهي. زيورڪ سلووينيا جي شهر لُجِبلجانا ۽ رومانيا جي بخارسٽ شهر سان گهڻي مشابت رکندڙ شهر آهي. مون کي يورپ جا ملڪ شهر ۽ ماڻهو هڪ جهڙا لڳندا آهن. پر ڪاڏا مختلف هوندا آهن.

حاصل مقصد ته سوئيزرلينڊ ۾ جيڪڏهن ڪنهن حقيقي جنت جي ديدار جي تمنا رکو ٿا ته پوءِ زيورڪ شهر ضرور وڃي گهمو. اسان به زيورڪ شهر خوب گهميو. جڏهن ته هيءَ به هڪڙي حقيقت آهي ته سوئيزرلينڊ دنيا جي سڀني ملڪن کان وڏيک مهانگائي وارن ملڪن ۾ شمار ٿئي ٿو. سمورن پاڙيسري ملڪن جي ڀيٽ ۾ خصوصي طور تي سوئيزرلينڊ ۾ رهائشي جاين جي مسواڙ ۽ مسافر گاڏين جا ڪرايا / ڀاڙا تمام ڳرا آهن، جيڪو مون اڳ به ذڪر ڪيو آهي. شهر جي سپر مارڪيٽن ۾ جرمنيءَ جي سپر مارڪيٽن کان ٻيڻ ته ٽيڻ تي مهانگائي آهي، البت لِڊِي نالي سپر مارڪيٽ جيڪا زيورڪ شهر جي سٽي سينٽر ۾ قائم آهي، تنهن ۾ ٻين مارڪيٽن جي ڀيٽ ۾

شين جون ڪجھ قيمتون ڪجھ گهٽ آهن، جيڪڏهن ڪجھ بچت ڪرڻ گهرو ٿا تہ توهان لِڊِي مارڪيٽ مان خريداري ڪريو. ڇو تہ زيورڪ شهر ۾ سستيون مارڪيٽون فقط اهي آهن. اسان هت ڪابہ شاپنگ ڪا نہ ڪئي، نہ ڪو ڪرڻ جو ارادو آهي.

جڏهن توهان رهائش لاءِ بڪنگ ڪرايو تہ ڪنهن هو ٽل جي بدران ڪنهن فليٽ يا هاسٽل ۾ بڪنگ ڪرايو. جتي بورچي خانو هجي ۽ هوٽلن تي مهانگو کاڌيو کائڻ بدران پنهنجو کاڌو مرضيءَ موجب تيار ڪري کائو. پر اهو تڏهن جڏهن توهان بہ هفتا کن يا ان کان وڌيڪ رهو سو اسان تہ هتي صرف ٻن ڏينهن جا مهمان هئاسين، تنهن ڪري اسان هت هوٽل کي ترجيح ڏني اهو تمام گهڻو سستو پوندو . فاسٽ فوڊ بہ ڏهن ٻارهن پائونڊن کان گهٽ ڪو نہ ٿيندو ۽ جيڪو هوندو بہ گهٽ معيار وارو آهي. هاالبت لِڊِي سپر مارڪيٽ ۾ هڪڙي سٺي بيڪري موجود آهي، جتان گرم گرم پيزا بريڊ ڪروئسِنٽ ۽ انهن جهڙا ٻيا بہ تازا کاڌا ملن ٿا. زيورڪ شهر ۾ ڪنهن دوا خريد ڪرڻ جي ضرورت ٿئي تہ سوير ئي سرهي، ڏينهن ٻيئي ئي گهريل دوا درمل خريد ڪري وٺجي، ڇو تہ سڄي سوئيزرليڊ ملڪ ۾ موجود سپرمارڪيٽن جو تمام گهڻو تعداد شام جو ڇهين بجي بلڪل بند ٿي وڃي ٿو ۽ هر آچر جي ڏينهن اهي مڪمل طور بند ٿي وينديون آهن. موڪل وارن ڏينهن دوران فقط شهر جي مرڪزي ريلوي اسٽيشن واري مارڪيٽ مان گهربل شيون خريد ڪري سگهجن ٿيون. انهيءَ ريلوي اسٽيشن وٽ سنو کاڌو تيار ڪندڙ ريٽورينٽ چڱي تعداد ۾ موجود آهن. جتي ترت ماني کائي سگهجي ٿي، نيڪ نيت سان چئجي تہ شهر جو پراڻو پاڳو واقعي ڏسڻ وٽان آهي، انهيءَ پاڳي ۾ نهايت خوبصورت ننهيل جهونيون جايون جڳهيون ۽ ننڍڙيون صاف شفاف گهٽيون نهيل آهن تنهنڪانسواءِ زيورڪ شهر جي انهيءَ پراڻي علائقي ۾ فيفا ورلڊ ميوزم بہ اڏيل آهي.

شهر جي هن پراڻي هن پاڱي ۾ اڏيل عمارتن جي طرز تعمير، گهڻي پاڱي

جرمنيءَ جي اختيار ڪيل آهي، تنهن ڪري انهيءَ هنڌ ماڻهو پاڻئي ٿو ته هي ڪو جرمن شهر آهي، پاڳي ۾ ڪجهه عمارتن جي طرز تعمير اٽليءَ ۽ فرانس واري به ڏسڻ ۾ اچي ٿي، سوئيزرلينڊ ٽن مختفلف ثقافتن جي سنگم جو حامل هئڻ ڪري، گهڻن رنگن واري گوناگون تهذيب ۽ ثقافت جو مزيدار ملڪ آهي. تنهنڪري فقط هڪڙو شهر زيورڪ ڏسڻ جي بجاءِ هن سڄي سهڻي ملڪ جو سير ڪرڻ گهرجي مون گهڻو ڪري سڄو سوئيزرلينڊ گهميو آهي. زيورڪ شهر ۾ عيسائي مذهب جي عبادت گاهن جن کي يورپ جي تقريبا سڀني ٻولين ۾ چرچ چوندا آهن. انهن ڪانسواءِ شهر جي مرڪزي ريلوي اسٽيشن، قومي A عجائب گهر شهر جو پراڻو علائقو پيراڊائيس، پيلس ۽ شهر کي نالو ڏيندڙ زيورڪ ڍنڍ، حسين سياحتي ماڳ آهن. شهر جو سير مکيه ريلوي اسٽيشن وٽان سولائيءَ سان شروع ڪري سگهجي ٿو. ريلوي اسٽيشن جي عمارت تمام وڏي ۽ نهايت ڪشادي ۽ معياري نهيل آهي، تقريبا گهڻا ماڻهو هن اسٽيشن جي عمارت اندر به سگريٽ پئيندا رهندا آهن. سا ڳالهه عجب ۾ وجهندڙ آهي، ڇو ته عموماً سڄي يورپ ۾ ريلوي اسٽيشن اندر ٻيڙي پيئڻ ممنوع آهي،اسان به ڪافي منع ڪيل جڳهين تي چند ماڻهن کي سگريٽ پيئندي ڏٺو هو.

زيورڪ جي انهيءَ مکيه ريلوي اسٽيشن جي پرسان ئي هڪڙي عاليشان عمارت اڏيل آهي، جنهن ۾ قومي عجائب گهر قائم ڪيو ويو آهي. اها عمارت قومي عجائب گهر گهٽ، پر هڪڙو خوبصورت محل محسوس ٿئي ٿي. عجائب گهر ۾ داخل ٿيڻ جي ڪا به ٽڪيٽ خريد نٿي ڪئي وڃي ۽ داخلا مُفت ۾ ٿئي ٿي، عجائب گهر جي ويجهو ئي هڪڙو ننڍڙو پر نهايت خوبصورت باغيچو پوکيل آهي، جتي عجائب گهر گهمڻ سان ٿيندڙ ٿڪ لاهڻ لاءِ ساهي کڻي وري به هلڻ جهڙو ٿي سگهجي ٿو. اسان به هڪ ننڍي هوٽل تان ماني وٺي ٻنپهرن جو انهيءَ باغيچي ۾ لنچ ڪئي جيتوڻيڪ مانيءَ جو وقت ته گذري چڪو هو پر ڪجهه نه ڪجهه کاڌو ۽ ڪجهه دير هت ساهي پٽي پوءِ ڪجهه وقت سٽي سينٽر ۾ گهمي ڦري رات لاءِ ڪير ڏنئورو ۽ڪجهه فروٽ خريد ڪري، واپس

اچي پنهنجي هوٽل تي پهتاسين. اسان سڀ صبح جو تيار ٿي پنهنجي اڄ جي ٽوئر پوائنٽ لاءِ روانا ٿياسين. اسان پنهنجي ڪار ۾ چڙهي، ۽ ڪاڏي پيتي جو تمام مختصر سامان به هميشه ساڻ کڻندا هئاسين زيورڪ ۽ لوسرن سوئيزرلينڊ جا مکيه شهر آهن، تنهنڪري انهن شهرن وچ ۾ هائي ويز، ريلوي ۽ هوائي سفر جو لاجواب بندوبست ٿيل آهي، ۽ اسان به سوئيزرلينڊ جي انهيءَ فاسٽ ٽريڪ روڊن تان هلندا لوسرن شهر ڏانهن وڃي رهيا آهيون. گاڏي هلندي هلندي منهنجي ڪئميرا سان ڪٽي فوٽا به ڪڍي رهي هئي، ۽ اسان ٽيپ تي سنڌي گانا پيي ٻڌا. انهن سر سبز وادين ۾ يورپ سڄو سر سبز ۽ ندين، ڍنڍين، وڏن وڏن وڻن گُلن ڦلن سان سٽيو پيو آهي، پر انهيءَ ۾ به سوئيزر لينڊ بيهڪ، بيشمار سر سبز جبلن ۽ ڍنڍين ڪري هي ملڪ جڻ ته هڪ جنت لڳي پئي آهي، تنهن ۾ وري يورپ جي موسم جو به وڏو عمل دخل آهي. يورپ جي موسم ۾ سدائين جهڙالو ۽ وري وقفي وقفي سان بوند به وسندي رهندي آهي. هن سال يعني ويهين صديءَ ۾، اقوام متحده پنهنجي رپورٽ ۾ دنيا جي به سئو ملڪن ۾ سياحت جي لحاظ کان پاڪستان کي پهريون نمبر ڏنو آهي، اها ڳالهه به مونکي سمجهه ۾ نه آئي، پاڪستان جا اُتريان علائقا واقعي ڏاڍا سر سبز ۽ حسين آهن، پر اُت ته ڪافي علائقن ۾ رستا ۽ رهائش جو ڪوبه بندوبست ڪونهي ڪجهه سال اڳ ته اهي علائقا سيڪورٽيءَ جي لحاظ کان به تمام غير محفوظ هئا، پر هاڻ ائين ڪونهي سڄي پاڪستان جا ماڻهو هاڻ انهن علائقن ۾ وڏي تعداد ۾ پنهنجي فيملين سان گڏ وڃن، پر غير ملڪي ماڻهو به هاڻ پاڪستان ۾ اچن شروع ٿيا آهن، پر تمام ٿوري تعداد ۾ جڏهن کان پاڪستان ۾ انگلينڊ جو شهزادو ۽ سندس گهر واري ۽ هالينڊ جي راڻي آيا آهن، تنهن پڄاڻان پاڪستان ۾ غير ملڪي سياحن جو تعداد ڪي قدر وڌيو آهي. تازو انگلينڊ جي حڪومت ۽ آمريڪا جي حڪومت هڪ ليٽر جاري ڪيو آهي ۽ پنهنجي شهرين کي پاڪستان گهمڻ جي ايڊوائيزري جاري ڪئي آهي ۽ هاڻ انگلينڊ جي سرڪاري ائيرلائين جنهن ڪيترن سالن کان پاڪستان لاءِ

پروازون بند ڪري ڇڏيون هيون، تنهن هاڻ لاهور ۽ اسلام آباد لاءِ پنهنجون پروازون وري هلائڻ شروع ڪري ڇڏيون آهن. پاڪستان ڪان اڳ تہ مونکي خبر ڪانهي پر ففٽيز ۽ سڪسٽيز ۾ سيونٽيز ۾ تہ پاڪستان سڄي دنيا جي سياحن سان پريو پيو هوندو هو، ۽ سڄي دنيا جون ايئر لائينز پاڪستان ۾ اينديون هيون، ۽ سڄي پاڪستان ۾ توهان کي سائيڪلن تي سڄي دنيا جا سياح پاڪستان جي هڪ ڪُنڊ کان ٻِئي ڪُنڊ تائين وڏي تعداد ۾ بلڪل سواءِ ڪنهن ڊپ خوف کان گهمندا ڦرندا نظر ايندا هئا. سڄي پاڪستان جي وڏن شهرن ۾ نائيٽ ڪلب، بارون ۽ وائين شاپ هوندا هئا، ۽ انهن نائيٽ ڪلبن جي بلڪل آخر ۾ نيڪڊ ڊانس بہ تمام مختصر ٽائيم لاءِ ڏيکاريندا هئا، اهڙا پروگرام مون بہ پنهنجي اکين ڏٺا ۽ پڻ لال بازارن ۾ بہ وڏيون رونقون هونديون هيون، ۽ ڪا بہ جهل پل ڪا نہ هوندي هئي. ايٽيز کان پوءِ تہ صورتحال ئي بدلجي وئي ۽ ضياءِ الحق جي دور ۾ پاڪستان جي سيٽاٽپ هڪ دهشتگرد ملڪ جي ٿيڻ لڳي سڄي ملڪ ۾ بم ڌماڪا ۽ ٻورين ۾ لاش روز جو معمول بڻجي پيو، غير ملڪي تہ ٺهيو پر سڄي ملڪ جا ماڻهو صرف گهرن تائين محدود ٿي ويا، ۽ ماڻهن جا هُليا ئي ٻيا ٿي ويا ۽ رات جو ملڪ ۾ ٽرانسپورٽ پوليس جي نگرانيءَ ۾ ڪانوائي جي شڪل ۾ هلندي هئي. سڄي سنڌ ۽ اڌ پنجاب ۾ وري ڊاڙيل فيڪٽر ۽ شهرن ۾ وري دهشتگرن جو مڪمل ڪنٽرول ٿي ويو هو. ماڻهو ماڻهوءَ کان ڊڄڻ لڳو، ٻهراڙيءَ ۾ مسجدن مان ماڻهن جو اغوا ۽ شهرن ۾ بم ڌماڪا هڪ عام ڳالهہ ٿي پئي.

آئون مِنا ۽ نور محمد ڪار ۾ سنڌي قومي گانا ٻڌندا سوئيزرلينڊ جي هنن حسين منظرن مان لطف اندور ٿيندا، لوسرن شهر ڏانهن وڃي رهيا آهيون. سوئيزرلينڊ ملڪ جو سرڪاري نالو سوئيز زبان ۾ Confoederafio Helvetica آهي، هِيءَ يورپ ۾ هڪ وفاقي جهموريہ آهي هي ملڪ Land Locked يعني چؤطرف زمين اٿس، سندس سرحدن کي ڪٿ بہ سمنڊ ٽچ ڪو نہ ڪري. هن جي چؤطرف جرمنيءَ، اٽلي، آسٽريا ۽ فرانس ملڪ هن جي

سرحدن کي لڳن ٿا ۽ هي چارئي ملڪ سوئيزثقافت تي سڌي طرح اثر انداز آهن. هن ملڪ جو ڪل رقبو سنڌ صوبي کان گهٽ آهي، يعني 41285 اسڪوائر ڪلو ميٽر ۽ سنڌ جي ايراضي 51153 اسڪوائر ميل آهي، ۽ ملڪ جي آدمشماري هنيئر 82 لک آهي، سڄي دنيا جا ماڻهو ملڪ جي شهرن ۾ رهڻ کي پسند ڪن، پر سوئيزرلينڊ جا ماڻهو شهرن جي مقابلي ۾ ڳوٺن ۾ رهن ۽ ڳوٺن ۾ رهڻ کي ترجيح ڏين، ۽ ملڪ جو پنجويهہ سيڪڙو ماڻهو شهرن ۽ پنجهتر سيڪڙو ٻهراڙي ۾ رهن. هن ملڪ ۾ ماڻهن جي عمر ايوريج اسي سال آهي، هت رياست کي Cantons چون. هن ملڪ ۾ ٿوري تعداد ۾ مسلمان بہ رهن. هن ملڪ جي معشيت دنيا جي چند تيزيءَ سان ترقي ڪندڙ ملڪن ۾ شمار ٿئي ٿي، سوئيزرلينڊ جي هن ننڍي ملڪ جي ساليانيِ آمدني ست سئو چار آمريڪن بلين ڊالر آهي ۽ ان جي مقابلي ۾ ٻاويهہ ڪروڙ آدمشماريءَ واري ملڪ پاڪستان جي ساليانيِ G.D.P صرف 243 آمريڪن بلين ڊالر آهي، انهيءَ مان توهان اندازو لڳايو تہ انهن ملڪن جي ماڻهن جو ڇا تہ امير اسٽينڊرڊ هوندو ۽ اهي ماڻهو ڪيڏي نہ خوشحال ۽ پر سڪون زندگي گذاريندا هوندا! اهو آهي، ملڪ جي انڊسٽريءَ جي ترقيءَ جو راز! سوئيزرلينڊ سڄي ملڪ جي زراعت مان جيترا پيسا حاصل ڪري يا ڪمائي، ان کان وڌيڪ هي ملڪ صرف واچن جي صنعت مان پيسو ڪمائيندو آهي، باقي ٻي انڊسٽري ٿي جدا سڄي ملڪ ۾ هر شهري لاءِ فوجي ٽريننگ لازمي آهي، ملڪ جي فوج جو ڪو بہ سربراهہ ڪونهي، صرف جنگ جي حالت ۾ پاليامينٽ فوجي سربراهہ مقرر ڪندي آهي.

مون، مِنا ۽ نور محمد هي لوسرن جو شهر اڳ بہ ٻہ ٽي دفعا ڏٺو آهي. اسان لوسرن شهر جي سڃاڻپ جيڪا هڪ نديءَ تي ڪاٺ جي پل ٺهيل آهي، اوڏاانهن ٿي وڃڻ چاهيو پر اسان مُنجهي پياسين سو هڪ هنڌ بيهي رستي ويندڙ عورت کان ان جو پڇيو تہ اُن اسان کي وٺي اچي انهيءَ پُل پيڙو ڪيو. ۽ پاڻ ٻڌائين تہ آئون فرانس جي فرينچ آهيان، هِت بزنس ڪندي آهيان ۽ آرتوار جو ڏينهن هو، سو آئون ڪنهن سُپر اسٽور تان ڪير ونڻ آئي آهيان. هُوءَ

مونکان ٻه عمر ۾ وڏي ٿي لڳي. اسان انهيءَ قديم پل تي پهچي هٽ ڪوڙ سارا فوٽا ڪڍيا ۽ پوءِ هٽ نهرڪناري ننڍين دُڪانن تان ڪجهه سوئيز ثقافت جون ننڍيون ننڍيون شيون خريد ڪيون، پوءِ اچي هڪ هوٽل تي ماني ڪاڌي، مِنا ماني ڪانه ڪاڌي فقط تازو آرينج جوس پيتو. مون ۽ بوبيءَ ٻه هلڪو ڦلڪو ڪاڌو ڪاڌو آئون توهان کي هن شهر جي باري ۾ ڪجهه ٻڌائڻ بهتر ٿو سمجهان.

لوسرن شهر سوئيزرلينڊ ملڪ جي وچ واري انهيءَ علائقي ۾ اڏيل آهي، جتي جرمنيءَ ٻوليءَ جو مقامي لهجو ڳالهائيندڙ ماڻهو رهن ٿا. لُوسرن شهر ساڳئي نالي سان قائم ڪينٽونِ ۽ ضلعي جو هيڊ ڪوارٽر پڻ آهي. سن 2013ع ۾ ٿيل آدمشماريءَ موجب شهر ۾ 181057 انسان آباد هئا. مرڪزي سوئيزرلينڊ ۾ موجود لُوسرن شهر، انهيءَ وچئين علائقي جي معشيت ثقافت آمد رفت يعني سفر جي ذريعي ۽ ذراع ابلاغ جو پڻ مرڪز آهي.

لوسرن شهر جو بنياد سن 840ع ۾ پيو ۽ سينٽ ليوڊيگار اَيبِي يعني ڪليسا يا ديول جي چوڌاريءَ پکڙجڻ ۽ ترقي ڪرڻ لڳو. لوسرن شهر جي آباديءَ جي واضع اڪثريت اڄ تائين رومَن ڪيٿولڪ فرقي وارن عيمسائي مذهب اختيار ڪندڙ ماڻهن تي مشتمل آهي، سن 1850ع ۾ شهر جا 96 ڏهائي نَوَ سيڪڙو باشندا رومن ڪيٿولڪ فرقي وارا هئا، پر پوءِ انهن جو في سيڪڙو تعداد گهٽجڻ لڳو. تنهن جو مکيه سبب مختلف فرقن ۽ مذهبن سان واڳيل ٻاهريئن ماڻهن جو شهر ۾ اچي رهڻ آهي مثال طور سن 1900ع ۾ رومن ڪيٿوولڪ فرقي وارن جو تعداد گهٽجي 81 ڏهائي نَوَ سيڪڙو ٿيو، سن 1950ع ۾ گهٽجي 72 ڏهائي 3سيڪڙو ٿيو، سن 2000ع ۾ ٿيل آدمشماريءَ موجب لوسرن شهر ۾ 35682 ماڻهو يعني 60 سيڪڙو رومن ڪيٿولڪ فرقي وارا عيسائي، 9227 ماڻهو، 15 ڏهائي 5 سيڪڙو پروٽيسٽنٽ فرقي جا عيسائي، 1979 ماڻهو 3 ڏهائي 3 سيڪڙو اڃا هڪڙي ٽئين فرقي جا عيسائي، 1824 ماڻهو يعني 3 ڏهائي ٻُڙي 7 سيڪڙو مسلمان 196 ماڻهو يعني ٻڙي ڏهائي ٽي ٽي سيڪڙو يهودي، 1073 ماڻهو يعنيٰ هڪ ڏهائي 8سيڪڙو اڃا ٻين

مذهبن سان واڳيل، 6310 ماڻهو يعني 5 ڏهائي ڇهه هڪ سيڪڙو ماڻهو لادين هئا، ۽ 3205 ماڻهو يعني 5 ڏهائي 3 نَوَ سيڪڙو ماڻهن مذهب جي خاني ۾ جواب ڪو نه لکيو يعنيٰ اُهي لادين هئا.

لُوسرن شهر ۾ سوئيزرلينڊ جون مکيه تجارتي ڪمپنيون، جهڙوڪ اسڪنڊِلر گروپ، ڪرونو سوئيزرلينڊ، ايمي، اي ايف ايجوڪيشن فرسٽ اينڊ لُوزرنو ڪينٽونل بينڪ ۽ سوئيزلينڊ جي قديم ايڪسيڊنٽ انشو ئرنس ڪمپنين مان هڪڙي سوواڪپمني وغيره قائم آهن. شهر لُوسرن ۾ يونيورسٽي آف لوُسرن قائم ڪيل آهي، جيڪا سوئيزرلينڊ جي روايتي اعليٰ درسگاهن مان هڪ آهي.

لوُسرن شهر جي انتظاميه ڪينٽون سطح تي سڄي سوئيزرلينڊ ملڪ ۾ گهٽ ۾ گهٽ ڪارپوريٽ ٽيڪس اوڳاڙڻ سبب سندس ڪينٽون کي سڄي ملڪ ۾ سڀني کان وڌيڪ تجارت دوست ڪينٽون بنائي ڇڏيو آهي، هتي انڪم ٽيڪس به ٻين شهرن جي ڀيٽ ۾ گهٽ اگهه وارو ٿو اوڳاڙيو وڃي، باسل اڪنا مڪس ٽيڪسيشن انڊيڪس 2012ع جي اڀياس مان معلوم ٿئي ٿو ته ٽيڪس ۾ اٽڪل 2 سيڪڙو واڌارو ٿيو آهي.

سن 2009ع کان وٺي ريل گاڏيءَ وسيلي لُوسرن شهر کان زيورڪ شهر واري هوائي اڏي تي فقط هڪ ڪلاڪ ۽ ٻن منٽن اندر پهچي سگهجي ٿو. لوسرن مان هر ڪلاڪ ۾ ريل گاڏيون زيورڪ هوائي اڏي ڏانهن وينديون رهنديون آهن، اهي ريل گاڏيون هوائي اڏي کان ڪجهه وڇوٽيءَ تي اڌڪلاڪ کن بيهنديون آهن. جيڪڏهن گهٽي آمذرفتِ وارو وقت ڪونهي ته انهيءَ دوران لُوسرن کان زيورڪ هوائي اڏي تي موٽرڪار ۾ سفر ڪندي ماڻهو فقط چاليهن منٽن ۾ پهچيو وڃي. لُوسرن شهر ريئوس درياءَ جي ٻنهي ڪپرن تي پکڙيل آهي. ريئوس ندي تي شهر واري ڀاڱي ۾ ڪافي تعداد ۾ پُلُون ٺهيل آهن. انهن ۾ سڀني کان وڌيڪ هاڪاري پُل جو نالو ”چيپل برج“ آهي، اها پُل 204 ميٽر يعنيٰ 669 فٽ ڊگهي ۽ ڪاٺ جي تختن سان ٺڪيل آهي. اها پول

ڪاٺ جي تختن سان ڍڪيل سڄي يورپ ۾ سڀني کان پراڻي پُل آهي، اها اصل ۾ سن 1333ع ۾ ، جڙي راس ٿي هئي، ڇَوڙ ۾ اچي ٿو ته 18 آگسٽ 1993ع ۾، ڪنهن جي اُڇلائيل سگريٽ جي ٽوٽي مان، انهيءَ پل کي باهه لڳڻ سبب، انهيءَ جو گهڻو حصو سڙي چٽ ٿي ويو، تنهن ڪري انهيءَ سڙيل وڏي ڀاڱي کي نئين سر شاندار انداز سان تعمير ڪيو ويو درياءَ جي هڪڙي ڪناري تي مورچه بند انڪندو آبي ٽاور نهيل آهي، ۽ پل انهيءَ آبي ٽاور منجهان گذري ٿي، اهو ٽاور درياءَ جي ڪناري تي هن پُل کان اڳئي، تيرهن عيسوي صديءَ ۾ تعمير ڪيو ويو هو. پُل ۽ ٽاور جي اندرئين ڀاڱي ۾ لُوسرن شهر جي تاريخ متعلق سترهين صدي عيسوي ڪانپوءِ وارن مکيه واقعن کي پينٽنگس ۾ ڏيکاريو ويو آهي، هيءَ ڇيپل پُل ۽ اُتي تعمير ٿيل اَنڪُندو ٽاور وڏيڪ شُهرت يافته ياد گار تعميرات آهن. لُوسرن شهر جو ٻيو اهم يادگار سينٽ لِيوڊ گار واري چرچ جا نهيل ٽِوِن نِيڊل ٽاور آهن اهو سينٽ ليوڊ گار چرچ شهر واري ڍنڍ جي ڪناري هڪڙي سهڻي ۽ ننڍڙي جابلو ٻُنيءَ تي اڏيل آهي. انهيءَ چرچ تي اهو نالو شهر جي هڪ سرپرست درويش سنيٽ ليوڊ گار جي نالي سان قائم ڪيو ويو اهو چرچ اصل ۾ سن 735ع ۾ اڏيو ويو هو، تنهن کي سن 1633ع ۾ ليٽ ريناٽيسينس اسٽائل موجب نئين سر سڌاريو ۽ سَنواريو ويو. چرچ جا ٽاوَر اصلي اڏاوتي طِرز سان قائم آهن. چرچ اندر ٿيل گهاٽي سجاوت واقع نهايت خوبصورت انداز ۾ ڪئي وئي آهي. انهيءَ چرچ کي مقامي ماڻهو جن جي ٻولي جرمن آهن. اهي Hof kirehe هوفڪرڪي سڏيندا آهن ۽ جن جي ٻولي سئيز جرمن يعنيٰ پنجابي ۽ سنڌي ٻولين جي گڏيل صورت سرائيڪي وانگر آهي، اهي ماڻهو انهيءَ چرچ کي Hof chile هو فڪائيل سڏيندا آهن، لوئن پلازا جي پير ۾ نهيل پارڪ ۾ هڪڙي مئل شينهن جو مجسمو سجائي رکيل آهي، جنهن کي سوئيزرلينڊ جي انهن شهيدسوين محافظن جي ياد گار طور اتي سجايو ويو آهي، جيڪي سن 1792ع ۾ فرانس ۾ برپا ٿيل انقلاب دؤران ، فرينچ انقلابين طرفان پئرس ۾

شاهي محل تي ڪيل حملي دؤران اتي ماريا ويا هئا. سوئيز ميوزم آف ٽرانسپورٽ بہ هن شهر لُوسرن ۾ قائم آهي، جنهن ۾ سفر جي سمورن وسيلن ۾ ڪم ايندڙ لوڪو موٽيوز ريل گاڏيون، جيپون، موٽر ڪارون، بحري ٻيڙا، ٻيڙيون، آگبوٽ وغيره ۽ مختلمف قسمن جا هوائي جهاز نمائش لاءِ سنواري ۽ سينگاري رکيل آهن. ميوزيم آف ٽرانسپورٽ شهر جي اتر اوير پاسي ۾ موجود ڍنڍ جي پرسان ٺهيل آهي، لُوسرن شهر وارو ڪلچر اينڊ ڪنوينشن سينٽر شهر جي وچ ۾ موجود ڍنڍ جي پر ۾ ئي اڏيل آهي. انهيءَ جي اڏاوت جو نقشو هڪڙي انجنيئر نالي جين نووَل تيار ڪيو هو. هن ثقافتي مرڪز ۾ ٺهيل ڪنسرٽ هال دنيا جي انهن وڏن ڪنسرٽ هالن مان هڪڙو آهي، جنهن ۾ ٻُڌَندڙَن لاءِ اسپيڪرن ڪانسواءِ هڪ عجيب ۽ نهايت نرالو سٽم ٺاهيو ويو آهي، تنهن کي انگريزي ٻوليءَ ۾ Acoustics اَڪُوسِ ٽِڪس چئجي ٿو انهيءَ هال ۾ موجود ٻڌڻ جو اهو نظام مشهور انجنيئر رُسل جانِسَن ٺاهيو هو. اسان دنيا جو هي حَسين تَرين شهر ڏسڻ بعد، سوئيزرلينڊ جي ٻي هڪ جنت جهڙي شهر انٽرليڪن ڏانهن روانا ٿي وياسين. مون پنهنجي زندگيءَ ۾ هن جهڙو خوبصورت شهر ٻيو ڪو نہ ڏٺو آهي، انٽرليڪن لُوسرن کان گهٽ ڪونهي.

اسان پنهنجي گاڏيءَ ۾ هلندا وڃي رهيا آهيون. ٿورِي ٿوري برسات بہ وسي رهي آهي! اسان هڪ هنڌ گاڏي روڪي گاڏيءَ ۾ پيٽرول وجهايو ۽ هڪ هوٽل ۾ چانهہ بہ پيتي ۽ ڪجهہ دير آرام ڪري، پوءِ هلندا هلندا وڃي انٽرليڪِن پهتاسين سُوئيزرلينڊ جو هي ننڍڙو شهر نهايت دلڪش ۽ قدرتي نظارن جي حسن سان بيحد مالامال آهي، جنهن کي ٻن طرفن کان شفاق پاڻيءَ سان ڀريل قدرتي ڍنڍون هڪڙي ٿن Thun ۽ ٻي برِينز Brienz موجود آهن.

جيڪي بيحد خوبصورت پهاڙي ٽڪرين سان گهيريل آهن. انهن ٽڪرين جي سلسلي مان برساتي پاڻي وهندو انهن ڍنڍن ۾ آبشارن جي صورت ۾ داخل ٿيندو ٿئي، اسان هت ڪافي فوٽو ۽ فلم پري، ڏاڍو دلڪش نظارو آهي! انهن ڍنڍن جي چوڌاريءَ توڙي پر ڀرو ڪيترين ئي تفريحِي پهاڙي

چوٽيون موجود آهن. هتي عام سياحن کانسواءِ ڪيترائي عالمي اديب شاعر ۽ مصور خُصُوصي طور اچي رهندا آهن، ۽ قدرتي سونهن مان لطف اندوز ٿيندا ۽ سڪون حاصل ڪندا آهن. انٽرليڪن شهر ۾ سياري توڙي اونهاري ۾ سڪون، تفريح ۽ لطف اَندوزيءَ لاءِ سدائين ماحول سازگار هوندو آهي. اونهاري ۾ هتي جي جابلو ٽڪرين ۽ چوٽين جو سلسلو ڪوهه پيمائن ۽ مهم جو ماڻهن لاءِ بيحد پرڪشش ٿي پوندو آهي، ته سياري ۾ وري برف تي ترڪڻ واري راند کيڏندڙ نوجوانن لاءِ لُطفُ اندوزِ ماحول موجود هوندو آهي. اسان انهيءَ بهاري وارن نظارن کي ڏسندي ئي شايد پُورا ٿي وڃون! حاصل ڪلام، انٽرليڪن شهر سڄو سال سياحن ۽ سيلانين سان پريل رهندو آهي، ڇو ته هتان کان ٻين ويجهن شهرن، جهڙوڪ لُوسرن، برن ۽ ٿُن وغيره ڏانهن هر وقت گهمڻ ڦرڻ وڃي سگهجي ٿو. انهن سڀني شهرن جي وچم سيلاني سدائين پيا، ايندا ۽ ويندا آهن شهر جي واپاري مرڪز ۽ شهر جي اپرندي ڇيڙهي يا پاڳي کي ملائيندڙ هڪڙو ڇهل قدميءَ، گهمڻ ڦرڻ ۽ وڙڪڻ لاءِ خصوصي طور تعمير ڪيل رستو آهي، جتي سيلاني سدائين پنڌ ۾ هوندا آهن. ته ڪٿي ويهي ٿڪ پڄندا ۽ ڪجهه کائيندا پيئندا آهن پسار ڪرڻ واري هن سڙڪ تان پري پري تائين پهاڙي وادين جا نظارا بيحد دلڪش ڏسڻ ۾ اچي رهيا آهن. هن شهر ۾ واچن يا گهڙين جو واپار وڏي پئماني تي ٿئي ٿو.

انٽرليڪن شهر سُوئيزَرلينڊ جي مرڪزي علائقي نالي برينز آبرلينڊ Brienz Oberland۾ واقع آهي، ۽ سمنڊ جي سطح، کان 568 ميٽر يعنيٰ 1863 فٽ مٿي آهي، جڏهن ته اسان وٽ به دادو ضلعي ۾ ڪُتي جي قبر واري پهاڙي ڇهه هزار فٽن کان به مٿي آهي، پر رستو نه هئڻ ڪري اهو جهڙوڪر آهي ئي ڪو نه! هن شهر جي پر ۾ انٽرنسين Unter seen شهر ۽ Boenigen بوئينجن نالي هڪڙو ڳوٺ به موجود آهي، سوئيزرلينڊ اندر اولهه اُتر يا ڏکڻ طرفن کان Loetschi berg tunnal لوئيٽيڪ برگ ٽيونل وسيلي 6 اي شاهي رستي تي سفر ڪندي اسپيز Spiez شهر ڏانهن اڳتي اچي توهان ٽيونل

مان انٽرليڪن شهر جي الهندي پاسي وٽ ٻاهر نڪري ايندا ۽ جيڪڏهن شهر ڏانهن اڀرندي طرف کان ايندا ته توهان 8 اي هائي وي تي سفر ڪندا Bhunig بروننگ، Sustan سسٽَن ۽ Girmsil گِرمسِل پهاڙي لڪن مان لنگهي اچي انٽرليڪن شهر ۾ اڀرندي پاسي کان داخل ٿيندا.

سن 2018ع جي ڊسمبر مهيني ۾ ٿيل آدمشماريءَ موجب شهر ۾ 5610 ماڻهو رهندڙ هئا. سن 2010ع ۾ شهر ۾ رهندڙ 26 ڏهائي 4 سيڪڙو پرڏيهي ماڻهو به رهندڙ هئا. سن 2000ع کان 2010ع تائين ڏهن سالن دوران آدمشماريءَ ۾ 5 ڏهائي 3 سيڪڙو تبديلي آئي، 8 ڏهائي 2 سيڪڙو ماڻهو هتان لڏي ويا ۽ ڄمڻ ۽ مرڻ جو سيڪڙو هڪ ڏهائي نَوَ هو سَن 2003ع ۾ انٽرليڪن شهر ۾ سراسري طور هڪ فِليٽ جي ماهوار مسواڙ 1013 ڏهائي 98 سُوئيز سڪو فرانڪ هئي، جيڪا انهيءَ وقت 810 آمريڪي ڊالرن، 460 برطانوي پائونڊن ۽ 650 يورپيئن سِڪي "يورو" جي برابر هئي. هڪ ڪمري واري فليٽ جي ماهوار مسواڙ 642 ڏهائي 58 فراڪ 510 آمريڪي ڊالر، فليٽ جي ماهوار مسواڙ 741 ڏهائي 20 فِرانِڪ 590 آمريڪي ڊالر، 330 برطانوي پائونڊ ۽ 470 يورو هئي، ٽن ڪمرن واري فليٽ جي مسواڙ 945 ڏهائي 28 سُوئيز فِرانَڪ، 760 آمريڪي ڊالر، 430 برطانوي پائونڊ، 600 يورو هئي، سن 2015ع ۾اِنٽر ليڪن جي هوٽلن ۾ 710116 ماڻهو ترسيا هئا. انهن ۾ پرڏيهي مسافرن جو تعداد 82 ڏهائي 2 سيڪڙو هو سن 2017ع ۾ 27 بين الاقوامي معيار جون هوٽلون ٺهيل هيون، جن ۾ ڪُل 1599 ڪمرا موجود هئا. سن 2000ع ۾ ڄاڻايل انٽرليڪن شهر جي آباديءَ ۾ 1139 ماڻهو يعني ڪُل آباديءَ جو 22 ڏهائي 3 سيڪڙو ماڻهو رو من ڪيٿولڪ عيسائي مذهب جي فرقي ۾ شامل هئا. جڏهن ته 2873 ماڻهو عيسائي مذهب جي سُوئِيزِ رفارمڊ چرچ واري فرقي ۾ شامل هئا. شهر جا 83 باشندا عيسائي مذهب جي آرٿو ڊاڪِس چرچ واري فُرقي ۾ شامل هئا. اتي رهندڙ چار ڇڻا اهڙا به هئا. جن جو واسطو عيسائي مذهب جي اجا هڪ مُختلفِ ڪرسچَن ڪيٿولڪ چرچ فرقي

سان هو شهر جي 374 ماڻهن جو واسطو متي جاٽايل عيسائي فرقي سان هو انٽرليڪن شهر ۾ ٽي ماڻهو يهودي مذهب جا پيروڪار آهن. هتي رهندڙ ماڻهن ۾ 170 باشدا مسلمان آهن، 29 ٻڌمت جا پيروڪار،43 هندو، 342 ماڻهن جو ڪنهن به مذهب سان واسطو ڪونه هو. پر شهر ۾ رهندڙ 235 ماڻهن مذهب بابت سوال جو جواب ئي ڪونه ڏنو ۽ مذهب جو پڇين ته چُپ ٿي ويندا آهن.

انٽرليڪن شهر، ان جي آسپاس موجود ڪيترن ئي ننڍين وڏن شهرن ۽ تفريحي وادين ۾ سير ۽ تفريح کي آسان بنائيندڙ بنياد يا مرڪز واري حيثيت جو حامل شهر آهي. جهڙوڪ جُنگفرائُو ريجن ۾ موجود حسين پهاڙي واديون ۽ چوٽيون موجود آهي. جُنگفرائُو ٽڪري 13642 فوٽ اوچي آهي. مونڪ ٽڪري 13474 فوٽ اوچي آهي ۽ ايگر نالي خوبصورت پهاڙي 13015 فوٽ اوچي آهي. هنن پهاڙي چوٽين تي فقط ڪوهه پيما نوجوان وڃي سگهن ٿا. البت عام سَياحَن کي سير ڪرائڻ لاءِ جُنگِفرائُو ۽ مونڪ چوٽين جي آسان ماڳن تائين ريل گاڏيءَ جي پٽڙي وڇائي وئي آهي. اها ريل گاڏي سمنڊ جي سطح کان 11332 فوٽ اوچائي تي يعني سڄي يورپ ۾ سيني کان مٿي سير ڪرائيندڙ ريل آهي. اسان به خيال ڪيو ته ان ۾ چڙهون، پر مِنا جواب ڏنو پوءِ اسان ب چُپ ٿي وياسين. ريل صفا سڌي مٿي ٿي وئي، ماڻهو کي ڏسندي ئي حيرت ٿي ٿي انٽرليڪن شهر جي اتر طرف هارڊر ڪُلم Harder kulm پهاڙي چوٽِين جو سلسلو 4334 فوٽ اوچائي جو حامل ۽ شهر جي ڏکڻ ۾ موجود اسڪائي نائيگ پلاٽي Schynige platte پهاڙيون 6453 فوٽ اُچيُون آهن. انهن ٽڪرين ۾ پڻ ريلوي لائين وڇايل آهي ۽ ريل گاڏي عام سياحن کي گهمائڻ لاءِ موجود آهي. ٿُن ۽ بِرينز ٻئي ڍنڍون شهر سان ڳنڍيل آهن ۽ Aare آري درياه شهر منجهان ئي وهندڙ آهي. اُن جو وهڪرو اوڀر کان اولهه طرف جاري آهي ۽ ڍَنڍُن ۽ درياه ۾ ٻيڙين ذريعي سير ڪرڻ سياحن جو وڌيرو آهي. برينزڍنڊ جي ڪناري تي سير واري ريل گاڏيءَ لاءِ نهيل Brienz Rothorn Railway برينز روٿورن ريلوي نهيل آهي، جنهن تي هلندڙ ريل

گاڏيءَ کي ڇڪيندڙ ٻاڦ تي هلندڙ ريلوي انجڻ استعمال پئي ٿئي. شهر جي ڏکڻ طرف جُنگفرائو پارڪ، عاليشان تفريحي ماڳ آهي، جيڪو اصل ۾ مشهور اديب Erich Von Daniken ايرڪ وون ڊينيڪن جي ملڪيت هو. تنهن اهو تعمير ڪرائي ان تي مِسٽري پارڪ Mystery نالو رکيو هو. مالي مشڪلات سبب هن پارڪ کي سن 2006ع ۾ عوام لاءِ بند ڪيو ويو هو. پر موجود شڪل ۾ اهو سن 2009ع ۾ وري عوام لاءِ کوليو ويو. انٽر ليڪن شهر ۾ سياحن کي وندرائڻ، گهمائڻ ۽ ڦيرائڻ لاءِ ڪيترين ئي ڪمپنيون موجود آهن، جيڪي اسڪائي ڊائونگ، ڪيئيننگ، هينگ گلائيڊ نگ ۽ جي پيراگلائيڊنگ يعني برفاني وادين ۾ ٿيندڙ مختلف راندين کيڏڻ ۾ سياحن جي رهبري ڪنديون آهن. اسان هت هوٽل تي ماني کاڌي، جيڪا سوئيز روايتي کاڌو هو. کاڌو تمام لذيذ هو پر مهانگو به ڏاڍو هو. سوئيزرلينڊ، سينگاپور، هانگ ڪانگ ۽ ٽوڪيو اڄڪلهه دنيا جا مهانگا ترين شهر آهن. تنهن ڪري اڄڪلهه دنيا جا وڏي تعداد ۾ سياح باڪو، استنبول، بئنڪاڪ ۽ دبئي وڃن، پر دبئي ۽ استنبول به هاڻ ڪافي مهانگا ٿي ويا آهن. اسان جي رهائش جيئن ته زيورڪ شهر ۾ هئي، تنهن ڪري شام جو واپس زيورڪ روانا ٿي وياسين. يورپ جي ملڪن ۾ ڏينهن ننڍا ۽ راتيون وڏيون ٿين. تنهنڪري ڪڏهن پنجين بجي رات ٿيو وڃي، ته ڪڏهن رات جو صفا روشني پئي محسوس ٿئي، يورپ جي ملڪن پنهنجي روڊ رستن ۽ شهرن کي به انهن روشنين سان اهڙي ته سهڻي نموني سينگاري سنواري ڇڏيو آهي. جو هڪ ئي ڌرتيءَ تي غريب ملڪن ۽ امير ملڪن کي ڏسيو ماڻهو دنگ رهجيو وڃي.!

اڄ جي سوئيزرلينڊ، جيڪا سڄي دنيا جي سياحن جو مرڪز ٿي پئي آهي، ان جي ابتدا پهريائين سوئيزرلينڊ برطانوي ڪوهه پيمائن، بِرنيز اَيلپِس جبلن جون مکيه چوٽيون اوڻهين عيسوي صديءَ جي اوائل ۾ سَر ڪرڻ سان ڪئي هئي. پهرين جنگفرائو نالي بَرطانِوي ڪوه پيما، سن 1811ع ۾ ۽ پوءِ فنسٽ يراهارن سن 1812ع ۾ ايلپِس جبلن جي بِرينز وارين برفاني ٽڪرين

کي سَرڳيو هو. سن 1857ع ۾ ”الپائين“ ڪلب نالي لنڊن شهر ۾ ڪوه پيمائن جي هڪ منڊليءَ جو قيام عمل ۾ آيو اوڻيهين عيسوي صديءِ جي پڇاڙي ۽ ويهين صديءَ جي شروعات ۾ اَيلپِس جبلن جي سُوئيزرلينڊ وارين بِرينزِ پهاڙي وادين ۾ ٻن نهايت صحت افزا ماڳن ايڊيوش ۽ گرائو ٻُنڊن تي صحت جي بحالي خاطر هوا بدلائڻ لاءِ بيحد پُرسِڪُونِ ۽ روح افزا رِسرٽ/ ريسٽ هائوس تيار ڪيا ويا. برطانيہ جي ڪوهہ پيمائن ۾ سوئيزلينڊ جي برينزايلپس واديءَ جي هاڪ سبب برينز آبرلينڊ وارو علائقو خصوصي طرح عاليشان سياحتي / تفريحي علائقي طور مشهوري ماڻڻ لڳو. ميرنجن وارن ريچنباخ آبشارن يورپ جي ادبي حلقن ۾ تڏهن شهرت ماڻي، جڏهن سر ارٿر ڪونن ڊائيل سندس 1893ع ۾ لکيل ناول ۾ ڄاڻيو تہ ناول جي هيرو شرلاڪ هومز جو موت انهن آبشارن وٽ ٿيو هو.

سڀ کان پهرين باقاعدي منظم انداز ۾ سوئيزرلينڊ جي سير ۽ تفريح لاءِ بندوبست ۽ شروعات اوڻيهين صدي دوران 1۔ ٿامس ڪُڪ ۽ 2 – لُن Lunn نالي ٽريول ايجنسين ڪئي هئي. ٿامس ڪُڪ ڪمپني هاڻ دنيا اندر سياحت جو وڏو نالو ٿي وئي آهي. سوئيزرلينڊ وارن اوچن جبلن جي سير ۽ تفريح لاءِ وڇايل جُنگفرائو ريل جي پٽڙي، پهاڙي سير جو مکيہ وسيلو آهي. انهيءَ ريلوي لائين تي تعمير ڪيل جنگفرائو جوڪ Jungfraujoch نالي ريلوي اسٽيشن سڄي يورپ ۾ سيني کان وڏيڪ اوچائي 11332 فوٽن تي اڏيل آهي. هن پهاڙي تفريحي علائقي ۾ ايندڙ سياحن جو سراسري تعداد، جرمن سياح 16 ڏهائي 5 سيڪڙو برطانوي سياح 6 ڏهائي 3 سيڪڙو ، آمريڪي سياح 4 ڏهائي 8 سيڪڙو فرينچ سياح 3 ڏهائي 6 سيڪڙو ۽ اٽليءَ جا سياح 3 سيڪڙو ايندا آهن ۽ اسان جهڙا سياح ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ نظر ايندو آهي. سوئيزرلينڊ جي قومي آمدني ۾ سياحت جي شعبي طرفان شامل ڪيل ناڻو اٽڪل 15 ارب سوئيز فرانَڪن جي برابر آهي. جيڪو سن 2010ع جي شماريات موجب قومي آمدنيءَ جو 2 ڏهائي 9 سيڪڙو هو. سوئيزرلينڊ گهمڻ

ايندڙ گهڻي ۾ گهڻا سياح Rhine Falls رهائن آبشار جو سير ڪن ٿا. انهن کان ٿوري گهٽ تعداد ۾ Burne Bear Exhibit برني بيئرنمائشن جو سير ڪندا آهن. هنن ٻنهي ماڳن جي سير لاءِ ڪابہ ٽڪيٽ يا مخصوص محصول مقرر ڪونهي سوئيزرلينڊ جي معشيت دنيا جي سڀ کان وڌيڪ ترقي يافتہ ۽ فري مارڪيٽ تي مشتمل معاشي نظامن مان هڪڙو معاشي نظام آهي. ملڪ جي خدمتن واري شعبي ۾ مکہ ڪردار جا حامل، ملڪ ۾ رائج بينڪاري نظام ۽ سياحت وارو شعبو آهي سن 2015ع جي گِلوبَل انوويشن انڊيڪس موجب سن 2017 واري گلوبل ڪامپٽيٽونيس رپورٽ موجب سوئيزرلينڊ جي معاشيات دنيا جي پهرين رينڪ يا درجي جي حامل آهي. ۽ هي ملڪ سنڌ کان بہ ايراضي ۽ آدمشماري ۾ ننڍو آهي. سن 2016ع واري اقوامتحده جي ڊيٽا موجب ليچٽينسٽين Liechtenstein ۽ لگسمبرگ کانپوءِ سوئيزرلينڊ دنيا ۾ ٽيون نمبر شاهوڪار ملڪ آهي جيڪو ڌرتيءَ تي خشڪيءَ سان گهريل ملڪ آهي. يعني Land Locked ملڪ آهي جيئن پاڻ وٽ افغانستان ۽ نيپال آهن. لگسمبرگ، ناروي ۽ سوئيزرلينڊ ٽي اهڙا ملڪ آهن جن جي في کس ساليانی آمدني ستر هزار آمريڪي ڊالرن کان مٿي آهي. ۽ اهي ننڍي پيٽن تي مشتمل رياستون آهن. ۽ نہ ئي ڪي اڏڙوٽ رياستون آهن. سوئيزرلينڊ هڪ وفاقي رياست طور سن 1848ع ۾ قائم ڪيو ويو. انهيءَ کان اڳ سوئيزرلينڊ جا بہ شهر 1-زيورڪ ۽ 2-باسل صنعتي ۽ تجارتي بنيادن تي معاشي طور ترقي ڪرڻ لڳا. سوئيزرلينڊ جي ٻهراڙيءَ وارا علائقا غُربَتَ جو شڪار ۽ معاشي طور پٺتي پيل رهيا. اوائلي جديد دؤر ۾ سوئيزرلينڊ ۾ ورڪشاپ سسٽم عمل ۾ آندو ويو. ۽ سينٽ گالن شهر ۾ مختلف قسم جي هلڪي ۽ ڇوٽي مشينري سن 1801ع ۾ نهڻ لڳي ۽ گُهربَلَ وڏي مشينري برطانيہ مان گهرائي وئي. مناسب مقدار ۾ جلائو ڪوئلي جي موجودگيءَ نہ هجڻ سبب انهيءَ دؤر ۾ سوئيزرلينڊ ۾ ٻاڦ تي هلندڙ انجڻين جو استعمال ڪونہ ٿيندو هو. ڪارخانن ۾ بين هنڌن تي استعمال ٿيندڙ مشنيون ۽ انجڻيون

پاڻي جي وهڪري واري توانائي تي هلايون ويندڙيون هيون، جيئن پاڻ وٽ ڏيمن ذريعي توانائي حاصل ڪجي ٿي. سن 1814ع ڌاري هٿ سان ڪپڙو اُڻڻ وارا آڌاڻا گهٽو ڪري هٿرادي توانائي سان هلڻ ۽ اُڻڻ لڳا. تقريباً ساڳئي دؤر ۾ سياحت ۽ بينڪاري نظام باقاعده معاشياتي عناصر طور معروضي طور ترقي ڪرڻ لڳا. انهيءَ وقت تائين سوئيزرلينڊ ملڪ بنيادي طور تي گهڻو ڪري ٻهراڙيءَ ۾ رهندڙ آباديءَ وارو ملڪ هو جنهن ۾ ڪي وڏا شهر ته هُئائي ڪونه اوڻيهين عيسوي صديءَ جي آخري ڀاڱي دؤران ڪجهه ننڍن شهرن ۾ صنعتون قائم ٿيون. جن ۾ اڪثريت ڪپڙي جي ڪارخانن جي هئي. اهڙي طرح شهرن جي آبادي ۽ معاشي سرگرميءَ ۾ واڌارو ٿيڻ لڳو. مثلاً باسل شهر ۾ گهڻو ڪري ڪپڙو ٺاهڻ جا ڪارخانا قائم ڪيا ويا، جن مان ڪن ۾ ريشمي ڪپڙو به ٺهندو هو. سن 1888ع ۾ شهرن جي ڪارخانن ۽ گهرن ۾ڪم ڪندڙ مزدورن ۾ 44 سيڪڙو عورتون هيون. عورت مزدورن جي ڪُل تعداد جو اڌ ڪارخانن ۾ مزدوري ڪندو هو ۽ انهن جو باقي اڌ تعداد گهرن ۾ مزوري ڪندو هو . اقتصاديات جي ماهرن ڄاڻايو آهي. ته سن 1890ع ۽ 1910ع جي وچ واري عرصي دؤران عورتن جو تناسب وڌيڪ هو. سوئيزرلينڊ ۾ صنعتي ترقيءَ ۾ ريلوي نظام مکيه ڪردار ادا ڪيو. ملڪ ۾ پهرين ريل گاڏين جي پٽڙي سن 1848ع ۾ زيورڪ ۽ بيڊن شهرن جي وچ ۾ وڇائي وئي. ريل جون پٽڙيون وڇائيندڙ خانگي ڪمپنين ۾ چٽا ڀيٽيءَ سبب سوئيزرلينڊ ۾ سن 1860ع تائين هڪ هزار ڪلوميٽرن کان به وڌيڪ مفاصلي تي ريل جون پٽڙيون وڇايون ويون. لائسر فيئر صعنتي / تجارتي پاليسي تحت اوڻيهين عيسوي صديءَ ۾ سوئيزرلينڊ ۾ صنعتي شعبي ترقي ڪرڻ شروع ڪئي، ته اهو يورپ جي تمام خوشحال قومن / ملڪن مان هڪڙو ڳڻجڻ لڳو. سندس خوش حاليءَ کي معاشيات جا ماهر سوئيزرلينڊ اقتصادي ڪرشمو پڻ قرار ڏيڻ لڳا. انهيءَ ڪانسواءِ سوئيزرلينڊ جي خوشحاليءَ ۽ ترقيءَ ۾ عالمي لڙائين دؤران عسڪري سازو سامان جي تجارت به هڪڙو مثبت ڪردار ادا ڪيو. چون ٿا ته ٻنهي

عالمي جنگين ۾ غير جانبدار ملڪ هئڻ ڪري، سڄي دنيا جي جرنلن پنهنجا پئسا اچي هن ملڪ جي بينڪن ۾ لڪائي رکيا. ۽ انهن جي اڪثريت جنگين ۾ مري وئي ۽ انهيءَ لاوارث ملڪيت سوئيزرلينڊ جي ترقيءَ کي چار چنڊ هڻي ڇڏيا. ملڪ ۾ جيڪا توانائي جي کپت سن 1910ع جي وچ کان 1920ع جي وچ واري عرصي ۾ گهٽجي رهي هئي. انهيءَ ۾ 1920ع واري ڏهاڪي جي شروعات ۾ وڌارو چالو ٿي ويو. پر توانائيءَ جو کاپو سن 1930ع واري ڏهاڪي دوران رڪجي ويو ۽ 1940ع واري ڏهاڪي جي شروع ۾ گهٽجڻ لڳو ۽ نيٺ سال 1940ع واري ڏهاڪي جي وچ کان وٺي ملڪ ۾ توانائي جو استعمال تيزيءَ سان وڌڻ لڳو. سن 1940ع واري ڏهاڪي جي پهرين اڌ يعني ٻي عالمي جنگ دوران جرمني، فرانس، برطانيه، اٽلي ۽ ٻين يورپي ملڪن کي پنهنجا تيار ڪيل هٿيار وڪرو ڪري وڏو فائدو حاصل ڪري خوب ترقي ڪئي. انهيءَ جنگ دوران سوئيزرلينڊ عملي طور جنگ ۾ شامل ڪونه هو. پر جنگ ۾ ملوث ٻنهي مکيه ڌرين يعني اتحادين ۽ انهن سان مقابلو ڪندڙ ايڪسز پاورس سان هٿيارن جي رسد جي سلسلي ۾ وڏ ۾ وڏ تعاون ڪرڻ سبب اتحادي ڌرين طرفان سوئيزرلينڊ تي مسلسل ڇِتِي تنقيد به ٿيندي رهي ۽ جنگ جي آخري ايام ۾ مختصر وقت لاءِ ڪيس. عالمي طور تي سياسي تنهائي جو به شڪار ٿيڻو پيو. پر سندس صنعتي پيداوار ۾ ڪابه گهٽتائي ڪانه ٿي. تنهنڪري جنگ جي خاتمي شرط سوئيزرلينڊ جي آمدني واپار توڙي روانگي واپار ۾ مسلسل واڌارو چالو ٿي ويو. سن 1950ع واري ڏهاڪي دوران، پيداواري صلاحيت ۾ 5 سيڪڙو واڌارو ٿيو ۽ ڪوئلي جي پيٽ ۾ صنعتي ادارن ۽ عام زندگيءَ ۾ ڪروڊ تيل ، صاف تيل، قدرتي ۽ صاف تيل ٻارڻ واري گئس جو استعمال وڌيڪ ٿيڻ لڳو. سن 1960ع واري ڏهاڪي دوران G.D.P ۾ چار سيڪڙو اضافو ٿيو. پر صنعتي شعبي ۾ واڌاري سبب تيل واري ٻارڻ جو استعمال ٻيڻو ٿي ويو. سن 1970ع واريءَ ڏهاڪي دوران G.D.P ۾ 6 ڏهائي پنج سيڪڙي کان ڪجهه گهٽتائي ٿي، پر سن 1975ع ۽ 1976ع

۾ قومي پيداوار ۾ 7 ڏهائي 5 سيڪڙو واڌارو ٿيو. انهيءَ دؤران ٻارڻ واري تيل جي گهرج وڌي وئي، جنهن جو پورائو تيل پيدا ڪندڙ ملڪن جي تنظيم ۾ شامل ملڪن کان گهرائي ٿيڻ لڳو. سن 1973ع کان 1978ع تائين تيل جي عالمي بحران واري عرصي ۾ سوئيزرلينڊ ۾ تيل جي کوٽ رهي. انهيءَ وقت عرب ملڪن، آمريڪا ۽ يورپ کي تيل وڪڻن بند ڪري ڇڏيو هو. تنهنڪري سن 1974ع ۾ ملڪي سطح تي ٿي آچار وارا ڏينهن ڪار فري قرار ڏئي گذاريا ويا. انهن ٽن آچار جي ڏينهن دؤران، سڄي ملڪ ۾ خانگي ٽرانسپورٽ مڪمل طور ڪونه هلائي وئي، سن 1977ع کان قومي پيداوار وري وڌڻ شروع ڪيو. آمريڪا تيل بند ڪرڻ وارن مُک ليڊرن ۾ُٿي ۽ شاهه فيصل کي يا تہ مارائي ڇڏيو يا سندن حڪومت ختم ڪرائي ڇڏي سن 1970ع ۾ ملڪ ۾ مزدورن جي ڪُل تعداد جو 46 سيڪڙو صنعتي مزدور هو. جڏهن تہ ساڳئي ڏهاڪي دؤران خدمتن واري شعبي سان وابستہ مزدور ملازم قومي اقتصاديت ۾ مکيہ ڪردار ادا ڪيو. ملڪي آدمشماريءَ جو 17 ڏهائي 2 سيڪڙو مزدوري/ ملازمت ڪندڙ هو. مُلڪَ ۾ انهيءَ دؤران ورڪ فورس جو 25 سيڪڙو پرڏيهي ماڻهن تي مشتمل هو. سن 1980ع واري ڏهاڪي دؤران، قومي آمدني ۽ پيداوار ۾ گهٽتائي ۽ واڌارو لڳاتار ٿيندا رهيا ۽ 1990ع واري ڏهاڪي ۾ بہ سڄي اولهہ يورپ ۾ پيدوار ۽ ترقيءَ جي شرح تمام گهٽ رهي، تنهنجو اثرسوئيزرلينڊ جي معشيت تي پڻ پيو. سوئيزرلينڊ جي واچن گهڙين جو واپار قومي معشيت ۾ اهم ڪردار جو حامِل آهي. دوا سازيءَ جي صنعت بہ قومي معشيت ۾ مثبت ڪردار ادا ڪندڙ صعنت آهي. يورپيئن يونين جا اتحادي ملڪ زرعي شعبي ۾ آبادگارن کي 35 سيڪڙو سَبسيڊِي يعني امدادي رقم ڏين ٿا، پر پاڪستان ۾ IMF ۽ ٻيا قرض ڏيڻ وارا ملڪ زراعت لاءِ سبسڊي ڏيڻ جي خلاف آهن، انهيءَ جي ڀيٽ ۾ سوئيزرلينڊ جو ملڪ سندس آبادگارن کي 70 سيڪڙو امدادي رقم ڏيندو آهي. مثال طور سن 2007ع ۾ سوئيزرلينڊ سرڪار امدادي رقم 63 مليئن سُوئيز فرانڪن مان وڌائي چوڏهن

ارب سوئيز فرانڪ ڏني سوئيزرلينڊ ۾ سير تفريح ۽ وندر ورُونهن لاءِ نهايت اعليٰ قسم جو بندوبست ڪيو ويو آهي. خصوصي، طور سوئيزرلينڊ پهاڙي وادين ۾ سياحت واسطي عاليشان انفرا اسٽرڪچر جوڙيو ويوآهي، جنهن سان تفريحي ماڳن ۽ شهرن کي خوش اسلوبيءَ سان ڳنڍيو ويو آهي، تنهن ڪري سيلاني ۽ سياح پنهنجي مرضيءَ ۽ آزاديءَ سان گهمي ڦري آسانيءَ سان ڪنهن به وقت واپس پنهنجي مهمان سرا واري شهر ۾ پهچي وڃن ٿا. انهن شهرن ۾ سياحت لاءِ گهربل رهبريءَ لاءِ به خدمتگار موجود آهن. سوئيزرلينڊ جي ملڪ ۾ عالمي معيار جي هوٽلن جو ڇهه ته چار وچايو پيو آهي گريسن واري علائقي ۾ هوٽلن جو 14 سيڪڙو ويلائس ۽ اوپر سوئيزرلينڊ ۾ ٻارهن سيڪڙو ملڪ جي وچ واري ڀاڱي ۾ يارهن سيڪڙو ۽ برينز آبرلينڊ واري علائقي ۾ 9 سيڪڙو هوٽلون موجود آهن. ملڪ ۾ 56 ڏهائي 4 سيڪڙو راتيون رهندڙ پرڏيهي سيلاني ۽ سياح هئا، انُهن ۾ 16 ڏهائي 5 سيڪڙو جرمنيءَ جا باشندا، 6 ڏهائي 6 سيڪڙو فرانس جا ماڻهو ۽ ٽي سيڪڙو سيلاني اٽليءَ جا هئا.. عبدالحئي پليجو مومل پيلجو ۽نور محمد ڇهه ته ان ٽِڪپ ۾ شامل ٿي ڪونه هئا. سن 2010ع جي شماريات موجب سياحت واري شعبي اٽڪل پندرهن ارب سوئيز فرانڪ ڪمايا هئا. سياحت واري شعبي ۾ ملازمن جو تعداد 838 144 هو. سن 2010ع ۾ سوئيزرلينڊ جي G.D.P 55 ڏهائي 57 ارب سوئيز فرانڪ هو. تنهن ۾ سياحت واري شعبي جي ڪمائي 2 ڏهائي 9 سيڪڙو طور شامل هُئي آئون ڪوشش ڪندو آهيان، ته دنيا جي ملڪن جي ماڳ مڪانن ۽ تفريحي جڳهين سان گڏ انهيءَ ملڪ جي ادب جي باري ۾ به پنهنجي پڙهندڙن کي ڪجهه ٻُڌائيندو هلان. سو مون هن کان اڳ، پنهنجي ڪتاب ”لنڊن جا ڏينهن، اسڪاٽ لينڊ جون راتيون“ ۽ اِستَنبول جي سفر نامي ۾ اسڪاٽش ادب ۽ ترڪ ادب جي باري ۾ تفصيل سان لکيو. سو هينئر به سوچيم ته توهان کي سوئيزرلينڊ جي ادب ۽ اديبن جي باري ۾ ڪجهه ڄاڻ شيئر ڪريان، جيڪو احوال ڪجهه هن ريت آهي.

سوئيزرلينڊ ملڪ ۾ يورپ جون ڪيتريون ئي ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون، پر انهن مان فِرينچ، اٽيليئن، جرمن ۽ رومنسڪ يعني رومي، هي چار ٻوليون گهڻو ڳالهايون وڃن ٿيون ۽ عموماً لکپڙهہ ۽علم ادب ۾ بہ اهي چار ٻوليون ڪم آنديون وڃن ٿيون. جيئن پاڻ وٽ پاڪستان اندر بہ گَنئِين ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون. سوئيزرلينڊ رياست جو وفاقي وجود سن 1291ع ۾ عمل ۾ آندو ويو. جنهن ۾ 1798ع تائين فقط چند علائقا شامل ڪيا ويا هئا. انهن کي اڄڪلهہ ڪينٽِونِ آف فرائبرگ Canton of fribourg سڏيو وڃي ٿو. انهن علائقن جا رهواسي گهڻي ڀاڱي جرمن ٻولي ۽ ٿوري ڀاڱي فرنچ ٻولي ڳالهائيندڙ هئا. تنهنڪري ملڪ ۾ تعليم تربيت عام لکپڙهہ توڙي علم ادب ۾ مکيہ حيثيت جرمن ٻوليءَ کي حاصل هئي. جيتوڻيڪ فِرينچ ٻولي بہ انهيءَ دؤر ۾ برن ۽ انهيءَ جي ڀَر توڙي آسپاس ۾ سکين ستابن ۽ شوقين افراد ۾ گهڻي ڳالهائي ويندي هئي. پر لکپڙهہ ۾ اڄان ڪم ڪانہ آندي وئي هئي. سن 1815ع ۾ جڏهن فرينچ ٻولي ڳالهائيندڙ ماڻهن وارن علائقي کي سوئيزرلينڊ جي رياست جي قانون طور علائقن جي حيثيت حاصل ٿي، تڏهن کان وٺي فرينچ ٻوليءَ ۾ بہ لکپڙهہ چالو ٿي پر اٽليئن ٻولي ۽ خصوصي طور روم شهر جي نرالي لحجي واري رومنسڪ ٻوليءَ کي جرمن ۽ فرنيچ ٻولين جيتري حيثيت ۽ اهميت حاصل ٿي ڪانہ سگهي، پر عجيب ڳالهہ هيءَ بہ آهي، تہ شهري حقن ۽ آزادين جا آڳاٽا دستاويز لاطيني ٻوليءَ ۾ لکيل هئا. تنهنکان متاثر ٿي 1291ع ۾ سوئيزرلينڊ رياست جي اصل وفاقي جوڙجڪ بابت سرڪاري لکپڙهہ اٽليءَ واري لاطيني ٻوليءَ ۾ ڪئي وئي هئي. پر تنهنکانپوءِ وڌيڪ ٻين علائقن جي سوئيزرلينڊ رياست ۾ شموليت بابت ۽ ٻي سموري سرڪاري لکپڙهہ جرمن ٻوليءَ ۾ ٿيڻ لڳي. جهڙوڪ رياست جي ڪنفيڊرل ڊانچي 1370ع واري پارسنس آرڊيننس، 1393ع واري سيمپيچ آرڊيننس، سن 1481ع واري اِستانِس واري عهدنامي ۽ قانونساز اسيمبليءَ جي اجلاسن بابت ۽ موڪلن بابت سموري لکپڙهہ جرمن ٻوليءَ ۾ ڪئي پئي ويئي. سياسي توڙي سرڪاري

دستاويز ۽ سرڪاري لکپڙهہ ت علم ادب جي دائري ۾ شامل ڪري نٿي سگهجي، پر سوئيزرلينڊ رياست جي آڳاٽن سرڪاري دستاويزن کي رياست جو عوام وڏي قدر جي نگاهہ سان ڏسي ٿو. اهي سمورا دستاويز جرمن ٻوليءَ ۾ لکيل آهن. سنڌ ۾ انگريزي جا دوستاويز ۽ جيڪا بہ سرڪاري لکپڙهہ هئي، جنهن کي اجڪلهہ گزيٽئر ٿو چئجي، هاڻ سنڌي ادب جو حصو ٿي چڪا آهن. سوئيزرلينڊ ۾ ڏاهپ، سياڻپ توڙي علم ۽ ادب جي تحريڪ بہ ارڙهين عيسوي صديءَ ۾ چالو ٿي. انهيءَ دؤر ۾ سوئيزرلينڊ جا شهر باسل، بَرن ۽ زيورڪ علمي ادبي سرگرمين جا مرڪز هئا. باسل شهر خصوصي طور ارڙهين عيسوي صديءَ جي عظيم رياضي دان ليون هارڊ يولر 1783_ 1707 Leonhard Euler ۽ اينٽورپ. مان آئيل بَرمولي خاندان جي ٽن پناهگير شخصن 1. جيڪب 1705ع – 1654ع 2_سندس ڀاءُ جو هان 1748ع – 1667ع ۽ 3_جوهان جي پٽ ڊينئيل 1782ع – 1700ع کان تہ مشهور ٿيو. پر سن 1728ع ۾ پيدا ٿيندڙ عالم ۽ اديب اساڪ آئيسيلن، Isaac Iselin جي ڪارنامن باسل شهر کي دنيا ۾ مشهور ڪيو. هو 1760ع ۾ قائم ڪيل هيلوِيٽڪ سوسائٽيHelvetic Society ۽ 1777ع ۾ قائم ڪيل ايڪناميڪل سوسائٽي Economical Society قائم ڪندڙ اڳواڻ عالمن مان هڪ هو. هُن 1764ع ۾ تاريخ جي فلسفي تي Geschichte Dee Menschheit عنوان تحت هڪ عاليشان ڪتاب لکيو. انهيءَ کان اڳ هن سن 1755ع ۾ مثالي سياست بابت بہ هڪڙو ڪتاب لکيو جنهن جو عنوان. Patriotische Trumei eines Philosophioche und Menmschenfreumdes هو. تنهن کانسواءِ اساڪ آئيسيلن سن 1776ع کان 1782ع جي وچ ۾ Ephemerider Der Menscheit جي عنوان تحت ملڪي ۽ عالمي اقتصاديات متعلق ڪيترائي مضمون ۽ مقالا لکيا. بَرن شهر جي رهواسي البرٽ وون هالر Albrecht Von Haller کي سائنسي علمن جي ليکڪ طور سڃاتو ويندو هو. پر سندس Die Alpen جي عنوان

واري گيٽ ۽ برن شهر ۽ سوئيزرلينڊ جي پهاڙي تفريح گاهن بابت لکيل سندس سفر نامن ڏيهه توڙي پرڏيهه ۾ سوئيزرلينڊ جي پهاڙي تفريح گاهن لاءِ سياحن ۽ سيلانين ۾ تمام گهڻو چاهه پيدا ڪيو جيئن منهنجي سفر نامن ۽ ڪتاب ”ٻنون ٿُو توڪِيو“ ڪري اسان جي ننڍڙي ڳوٺ ٻني جي به ڪجهه سڃاڻپ ٿي.

برن شهر جو ٻيو عالم اديب Chasles Victor De Bonstetten چارلس وڪٽر ڊي بونسٽيٽن، خوشحال گهراڻي سان تعلق رکندڙ هڪ آزاد خيال ۽ فرينچ ادب کان متاثر ٿي فرينچ اسٽائيل ۾ لکندڙ اديب هو. برن شهر جو اجا ٻيو ليکڪ Beat Ludwig Von Muralt (1665ع کان 1749ع) بيٽ لُڊوگ وون ميورالٽ هو. جنهن پنهنجي وطن جي عوام کي ڄاڻ ڏيڻ خاطر يورپ ۽ دنيا جي اهم قومن جي سماجي صورتحال جو ڳوڙهو تجزيو پنهنجي لکڻين ۾ پيش ڪيو.

ائين وري سنڌي ۾ ٻين ٻولين جا ڪئين علمي ادبي مطلب ته هر قسم جا ڪنئين ڪتاب ترجما ڪري مرزا قليچ بيگ سنڌي ادب کي مالامال ڪري ڇڏيو. شايد ئي ڪو اهڙو موضوع هجي، جنهن جو مرزا قليچ بيگ ترجمو نه ڪيو هجي. ائين ڪري مرزا صاحب سنڌي ادب جي وڏي خدمت ڪئي.

سن1755ع ۾ Sur les anglaeset les francais عنوان تحت سندس لکيل مضمون سندس مکيه ڪاوش طور ڳڻيا وڃن ٿا. جيئن شيخ اياز سنڌ جي هر ماڳ مڪان کي پنهنجي نثر ۽ نظم ۾ محفوظ ڪيو ۽ اسان جي ڳوٺ ٻني جو ذڪر ڪيو. سيميوئل وٽنباڪ Samuel Wyttenbach (1748ع – 1830ع) برن شهر جو رهاڪو سير ۽ تفريح جو مون وانگر بي حد شوقين هو. هن پنهنجي ملڪ کي خوب طرح گهمي ڏٺو ۽ پنهنجي سير ۽ سفر جو احوال پنهنجي لکڻين ۾ نهايت خوبصورت انداز ۾ پيش ڪري پنهنجي وطن کي ڏيهه توڙي پرڏيهه ۾ وڏي پذيرائي حاصل ڪرائي. برن جي هڪڙي ٻئي اديب گوٽليب سگمند گريونرَ Gottlieb Sigmund Gruner 1760ع ۾

سوئيزرلينڊ جي برف پوش پهاڙين جي سونهن کي بيحد دِلڪش انداز ۾ پنهنجي تصنيف ۾ بيان ڪري، سندس همعصر اديب جوهان جارج التمانس Johann Geoeg Altmanns 1677ع 1758ع کي اِرادتاً شهہ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي پڻ سن 1751 ۾ Versuch einer historiscen und phy sischen Beschriebung dee helvetischen Eisgcbirge عنوان تحت تاريخ ۽ طب بابت تاريخي اهميت جي حامل تصنيف تحرير ڪئي هئي. علم جي هڪ ٻئي شعبي سان وابستہ عالم اديب البرٿ وون هالر جي پُٽ Gottlieb Emmantiel Von Haleler گوٽليب ايمانٽيل وون هالر(1786ع – 1735ع) سوئيزرلينڊ بابت لکيل تاريخي ڪتابن مقالن ۽ مضمونن جي سلسلي ۾ Bibliothek dee Schwzergeschichte عنوان هيٺ ڇهن جلدن تي مشتمل هڪ نهايت طويل فهرست مرتب ڪئي، تنهن ۾ انهن ڪتابن مقالن ۽ مضمونن جي ليکڪن جو تعارف ۽ انهيءَ سموري مواد تي فڪر انگيز تجزيو لکيو. اهو ڪتاب ملڪ جي اعليٰ تعليمي ادارن جي نِصاب ۾ شامل ڪيو ويو ۽ اڄا تائين پڙهايو پيو وڃي. اهي ڪتاب مون بہ سوئيزرلينڊ مان ٻين ڪتابن سان گڏ خريد ڪيا. ارڙهين عيسوي صديءَ ۾ سوئيزرلينڊ جو شهر زيورڪ سوئيزرلينڊ ۾ جرمن ٻولي ڳالهائيندڙ ماڻهن جي ڏاهپ ۽علم ادب جو مکيہ مرڪز هو. زيورڪ شهر جي آڳاٽن عظيم علمي ادبي شخصيتن مان هڪڙو جوهان جيڪب اسڪيوڪزر Johamn Jakob Scheuchzer هو جنهن سڄو سوئيزرلينڊ ملڪ گهمي ڏٺو ۽ انهيءَ سير سفر جو احوال لاطني ٻوليءَ ۾ تمام دلچسپ انداز ۾ قلم بند ڪيو. هو اعليٰ تعليم يافتہ شخص هو. سندس گهاٽو واسطو علم طبعي جي وڏي ماهر نيوٽن ۽ همعصر انگريز سائنسدانن سان هوندو هو. پر خالص طرح علمي ادبي پهلوءَ جي حوالي سان جي بوڊمر J.J Bodmer ۽ سندس سنگتي جو هان جيڪب بريٽنگر Johamn Jakob Breitimger (1702 1772) سيني کان وڌيڪ اهميت جا حامل هئا. هنن ٻن دوستن جي گڏيل ڪوشَشِن جرمن ٻوليءَ ۾ ادبي تخليق جو زور ٽوڙيو ۽ ان جي جاءِ تي انگريزي ٻوليءَ ۾ ادب سرجڻ ۽

سهيڙڻ بابت جوڳا قدم کنيا ۽ انگريز اديبن ۽ شاعرن جهڙوڪ شيڪسپئر، ملٽن ۽ ٻين جي واکاڻ سان زيورڪ جي ادبي حلقن کي واسي ڇڏيو. هنن سنگتين جي خيالن ۽ خواهش جي اُتي موجود Saxon School جي اڳواڻ اديب گوٽسڪيڊ Gottsched سخت مخالفت ڪئي ۽ هنن جي خلاف منظم تحريڪ هلائي اها تحريڪ سوئيزرلينڊ ۾ جرمن ادب جي تاريخ جو حصو آهي. بوڊمر ۽ بريٽنگر سن 1721ع کان 1723ع جي وچ ۾ گڏجي Discourse Der Mater نالي سان هڪ مخزن يا رسالو شايع ڪرڻ چالو ڪيو جنهن وسيلي پنهنجي ادبي خيالن ۽ رجحانن بابت ليک لکي پرچار ڪرڻ لڳا. شاعريءَ بابت بوڊمر جو سن 1740ع ۾ لکيل تمام گهڻي اهميت جو حامل ڪتاب Kritische Abhandlung Von dem Wunderbaren in der poesir ۽ سال 1740ع ۾ بريٽنگر جو لکيل ڪتاب Crityische Dichtkunst پڻ اهم ادبي تخليق آهي. سندن اڻٿڪ ڪاوشن، سندن پوين اديبن لاءِ ساڳئي ڏس ۾ اڳتي وڌڻ لاءِ گهربل رستو هموار ڪيو جنهن سبب ڪين مشعل راهه بنائيندڙ اديبن جهڙوڪ ڪلو پسٽاڪ Klopstock وائيلينڊ Wieland ۽ ليسنگ Lessing وغيره سندن مقصد جي حصول لاءِ جدوجهد جاري رکي. زيورڪ شهر جو ٻيو به هڪڙو دهقاني شاعر نالي سولو مون گيسنر Solomon Gesner ارڙهين صديءَ جو مشهور شاعر ٿي گذريو آهي. زيورڪ شهر ۾ اِرڙهين صديءَ عيسوي دؤران ٻيا به ڪيترائي عالم ۽ اديب پيدا ٿيا، جن ۾ ڪجهه عالمن، فاضلن، شاعرن ۽ تعليمدانن جا نالا هتي درج ڪجن ٿا. جي، ليويٽر JK Lavater، جنهن کي سائنسدان ليکڪ ليکيو ويندو هو. جي ڪي ايچ پيسٽالوزي 1828 J.H. Pestalozzi ، هڪ تعليمدان هو. جوهان ڪيسپر Johann Casper Hirzol (1725ع کان 1803ع) هيلوٽيڪ سوسائٽي قائم ڪندڙ عالمن / اديبن مان هڪ هو.

جي سري Die Wirthschaft eines Philosophischen Baners هيٺ هن سن 1761 ۾هڪ اهم ڪتاب لکيو. جوهان جارج سُلز (1720ع کان 1779ع) جنهن جي مکيه تصنيف Allgemeine Theorie Der

آرٽ ۽ فنون لطيفہ جي اصولن متعلق نهايت اهميت Schonen Kumste جي حامل ڪاوش آهي. اُهو ڪتاب لکڻ ۾ ڪيس چار سال لڳي ويا. Johann Georg Zimrnerman جان جارج زِمَرمانِ (1728ع کان 1795ع) پنهنجي تصنيف لکڻ ۾ ڪيس 28ـ 29 سال نُور نچوئڻو پيو تنهن جو عنوان هو. Betrachtungen fiber die Einsamkeit منهنجو ڪتاب ”واقعات عالم“ مون ڏهن سالن ۾ لکي پورو ڪيو. زمر مان برگ شهر ۾ ڄائو هو. سندس ڪتاب همعصر ادبي لڏي تي تمام گهرا اثرات مرتب ڪيا. Johannes Von Muller جهانس وون مولر پهريون عالم هو جنهن سوئيزرلينڊ جي هڪ مستند تاريخ تصنيف ڪئي. J.G.Ebel جي جي ايبل سن 1793ع ۾ سوئيزرلينڊ بابت هڪ تمام اهم تصينف، هڪ جامع گائيڊ بُڪ تيار ڪيو. جيڪو ايندڙ وقت جي مهاادبين، مُري ۽ بيڊڪر جي دور تائين سيني کان وڌيڪ اهم دستاويز طور طبع آزمائي خاطر ڪتب ايندو رهيو. سياحن جي ڄاڻ متعلق تہ جيئن هو ٻئي ملڪ گهمڻ وڃن تہ انهيءَ ملڪ بابت هو باخبر هجن، سياحت جي مک مرڪزي ميوزمن پارڪن ۽ هوٽلن ۽ ٻئي معلومات بابت ننڍي ۽ وڏي سائيز ۾ ڪيترن ملڪن جي معلومات بابت هڪ انگريزي پبلشر ڪمپني D.K ڊي ڪي وارن پڻ بيشمار ڪتاب لکيا، پر اڄڪلهہ اهي ڪتاب پاڪستان ۾ ڪونہ ٿا ملن هاڻ تہ net سڀ مسئلا حل ڪري ڇڏيا آهن.

سوئيزرلينڊ جي هڪ ٻئي عالم هينرڪ زسڪوڪ Heinrich Zschokke (1771ع کان 1848ع) سن 1822ع ۾ ملڪ جي عوام کي سجاڳ ڪرڻ خاطر سوئيزرلينڊ جي هڪڙي تاريخ لکي، اها عوام ۾ گهڻي مقبول ٿي. سوئيزرلينڊ ۾ اوڻيهڻِين عيسوي صديءَ جي ادبي تاريخ ۾ سيني کان مٿي ٽن عالم اديبن جا نالا ڄاڻائيل آهن. البرٽ بٽزيئس Albert Bitzius، جنهن ايمينٽل علائي جي هاري طبقي جي زندگيءَ بابت ڪهاڻين جو ڪتاب لکيو اهو تمام گهڻو مقبول ٿيو. ٻيو گوٽفرائيڊ ڪيلر Gottfried Keller سوئيزرلينڊ جو عظيم ناول نگار ۽ قومي شاعر ٿي گذريو آهي. ٽيون اديب ۽ شاعر ڪونريڊ فرڊيننڊ ميئر Conrad Ferdinand Meyer پڻ هڪ

عاليشان شاعر ۽ ناول نگار هو. جنهن جي لکڻين ۾ عالمي ادبي سرگرمين ڏانهن رغبت جو رجحان موجود هو. جيڪب برڪ هارڊٽ Jakob Burkhardt اٽليءَ جي آرٽ تي ڳوڙهي انداز سان لکڻ سبب، ملڪ ۾ مشهور ۽ مقبول ٿيو. جڏهن ته جيڪب فري Jakob Frey (1824ع کان 1875ع) ٻَٽرِزَس جي ادبي عنوان  کي جاري رکندي سوئيزرلينڊ جي سموري هاري ۽ کيت مزدور طبقي جي زندگي کي پنهنجي طبع زاد ڪهاڻين ۾ حقيقي صورتحال موجب عيان ڪيو. اهو ڪم سنڌ ۾ حيدربخش جتوئي پنهنجي لکڻين ذريعي ڪيو. اُلرڪ هيگنر  Ulrich Hegner  (1759ع ـ 1840ع) پنهنجي ناولن ۾ مَڪاني يامقامي ماڻهن جي زندگيءَ جا سمورا عڪس اجاگر ڪيا. تنهن ڪري سندس لکڻين کي ميجتا ملي مشهور مصور ڊيوڊ هيس David Hess (1770ع کان 1843ع ) پڻ اُلرڪ هيگنر وانگر ڪهاڻين تي طبع آزمائي ڪئي هئي. جان مارٽن اُسٽري Johann  Martin Usteri (1763ع کان 1827ع) انهن آڳاٽن شاعرن مان هڪڙو هو جن پنهنجي مائٽياڻي لهجي ۾ بيت لکيا هئا.

مٿي ذڪر ڪيل اديبن ۽ شاعرن کان سواءِ سوئيزرلينڊ ۾ پوءِ پيدا ٿيندڙ شاعرن ۽ سگهڙن مان زيورڪ شهر سان واسبته چند شُعراءِ حضرات جو ذڪر ڪرڻ نا مناسب ڪونه ٿيندو جهڙوڪ هينرڪ ليوٿولڊ Henrich Leuthold (1827ع، کان 1879ع)، آگسٽ ڪوروڊي August Corrodi (1826ع کان 1885ع)، ليونهارڊ وِڊمَر  Leonhard Widmer (1808ع 1868ع)، تنهن سن 1842ع ۾ Trittst  morgenrot daherعنوان تحت هڪڙو عاليشان بياض تيار ڪيو. انهيءَ شعري مجموعي کي البيرڪ زويسگ Alberic Zwyssig نالي هڪڙي عيسائي راهب موسيقيءَ سان سجايو. سوئيزرلينڊ جي مکيه عالمن، اديبن ۽ شاعرن جي فهرست ۾ هيٺ ذڪر ڪيل حضرات کي به شامل ڪري سگهجي ٿو. مثال طور ارنسٽ زهن Ernst Zahm، مينرڊ ذهن Meimard Zahm، آرنالڊ اوٽ Arnoldڪارل اسپيٽيلر،Spitteler، فِرِٽز مارٽي Fritz Marti، والٽر سيگفرائڊ Walther

Hermann Hesse، هرمن هيس Adolf Frey، ادولف فري Siegfried، جيڪب ڪرسٽوف Jakob Christoph، جوزف وِڪٽر وِڊمين Josefph Victor Widmain ۽ گوٽفرائيڊ اسٽريسر Gottfried Strasser، مٿين مهان ليکڪن کانسواءِ شاعره آئسا بيلاقيصر Isabella Kaiser به بيت ۽ ڪجهه ڪهاڻيون لکيون هيون. هڪڙي ٻي عورت جوهانا اسپائري Joanna Spyri ٻاراڻيون ڪهاڻيون لِکِيون. اسپائري ايلِپس پهاڙي علائي جي هڪ ديو مالائي ڪردار هيڊي Heidi بابت پڻ هڪ مقبول ڪهاڻي لکي هئي.

سوئيزرلينڊ جي جڳ مشهور اديب ڪارل اسپيٽيلر Carl Spitteler کي سن 1919ع ۾ ادب جو نوبل انعام مليو ۽ هرمن هيس کي ساڳيو ادب جو نوبل انعام 1946ع ۾ ڏنو ويو. رابرٽ ويلسر کي Robert Walser سندس وفات کان ڪيترائي سال پوءِ مڃتا ملي. ته هو ويهئين عيسوي صديءَ جي اوائل دؤران سوئيزرلينڊ جي عظيم جديد ليکارين مان هڪڙو هو. ساڳيو قلم عورت اديبه اينيميري اسڪوار زينباخ Annemarie Schwarzenbach سان به لاڳو رهيو. تنهن کي سندس وفات کان تقريباً پنجاهه سال پوءِ مڃتا ملي. فرائيڊرڪ ڊرينمات Friedrich Durrenmatt وڏو ناٽڪ نگار ۽ ناول نگار هو. سندس ناولن ۾ ڏوهاري سرگرمين متعلق دانشورانه اسلوب ۾ قابل فهم تنقيد ڪئي وئي آهي. ميڪس فرِسڪ Max Frisch به ناٽڪ نگار ۽ ناول نگار جي حيثيت سان مشهور هو. اَدولِف مُسڪا Adolf Muscha هڪ اهم مضمون نگار ٿي گذريو. پيٽربڪسل Peter Bichsel ۽ اُرس وڊمر Urs Widmer قابل ذڪر ڪهاڻيڪار هئا. سوئيزرلينڊ جي ويهين عيسوي صديءَ وارن ليکڪن ۾ هيٺ درج ڪيل اديبن جا نالا لکڻ غير ضروري نه ٿيندو. جهڙوڪ ميلنڊا نيج ابونجي، سيمابل برگ، اريڪابرڪارٽ، جُرگ فيڊرسپيل، ليوڪاس هارٽ مان، ٿامس هُر ليمان، فرانزهوهلر، زوئي جيني، جُرگ ليندبريڪ، هيوگولوئيٽسڪر، ڪُرٽ مارٽي، نڪلائوس ميئنبرگ، گرهارڊ ميئر، مائلينا موسر، ادولف مُشگ، پائول، نزن، ارائڪا پيبرٽي، مارٽن، سيوٽر، پيٽرويبر، ۽ مارڪس ورنر. سن 1990ع کان پوءِ وارن اديبن ۾ پيٽر اسٽام،

ليوڪاس بارفيس ۽ ڪرسچن ڪراڪٽ ناقابل فراموش اديب آهن. اميد تہ ادب دوست سڄڻن کي منهنجي هيءَ ڪاوش ضرور پسند ايندي.

# ليکڪ جا ڪتاب

**آتم ڪٿائون**

(1) سنڌي شاگرد سياست — ڀاڱو پهريون
(2) اسان پنڌ پرينءَ ڏي — ڀاڱو ٻيون
(3) ڪيڏي نہ مختصر زندگي — ڀاڱو ٽيون
(4) هڪ ٻي زندگي جي تمنا — ڀاڱو چوٿون

**سفر ناما**

(1) ڏوريم ڏيسارو — سفر نامو
(2) هوجي وڻ ولات جا — سفر نامو
(3) ڪجل ڀنل نيڻ — سفر نامو
(4) اتر لڳا آءُ پرين — سفرنامو
(5) ديس بديس — سفر نامو
(6) بندر مون ڏور ٿيا — سفر نامو
(7) ٽوئر ٽو آمريڪا — سفر نامو
(8) ٻنون ٽو ٽوڪيو — سفر نامو
(9) پريان سندي پار ڏي — سفر نامو
(10) ڳر لڳي ڳالهيون ڪريون — سفر نامو
(11) دنيا جا مشهور شهر — سفر نامو
(12) ڪنواريون ۾ ڪنول — سفر نامو
(13) لنڊن جا ڏينهن اسڪاٽ لينڊ جون راتيون — سفر نامو
(14) اسپين تنهنجا ڪيئي رنگ — سفر نامو
(15) هنگري ٽو جرمني وايا پراگ — سفر نامو
(16) دهلي ٽو سوئيزر لينڊ وايا تاج محل — سفر نامو
(17) استنبول ٽو ويانا وايا وينس — سفر نامو

## تاريخ ۽ تحقيق

1. عجائبات عالم
2. واقعات عالم
3. شخصيات عالم
4. They Ruled Sindh For Fifteen Years (ڇپائي هيٺ)
5. تن سپون سوجهي ڪڍيون
6. هي وري نہ ورندو وڻجارو

## اڻ ڇپيل ڪتاب

1. خاڪا (مختلف شخصيتون)
2. سفر نامو
3. ليڪ تي لکيل مضمون
4. آتم ڪٿا (حصو پنجون)
5. سفر نامو
6. خط

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](books.sindhsalamat.com)

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book